گجر پائي گ

لوڪ گيت

علي گل سانگي

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوپار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

گجر پائي گج

(لوڪ گيت)

SOORIH SINDHI ADAB

علي گل سانگي

گل حيات پبلشنگ هائوس

لاڙڪاڻو سنڌ

هي
كتاب
كل حيات پبلشنگ هائوس
لاڑكاڻو
پاران،
١. "پير پر پينگهه"
٢. "كنڊيءَ نسريا كائهه"
٣. "پيرين پنڌ كنڊياس"
٤. "نيڻ ڳالهائن ٿا"
كان پوءِ
پنجون كتاب
گجو پاڻي گج (لوڪ گيت)
جون ١٩٩٨ع

پر
الجنت پرنٹنگ پريس كراچي، فون: ٧٧٢٩٥٢١، ٧٧٧١٣٢٠

مان
ڇپائي
پترو
كيو.

قيمت: ٢٠٠ روپيا

شاعر جا حق واسطا محفوظ

كتاب جو نالو:	"گجر پائي گج" (لوڪ گيت)
شاعر جو نالو:	سردار علي گل خان سانگي
ڇاپو پهريون:	جون ۱۹۹۸ع
تعداد:	هڪ هزار (۱۰۰۰)
پروفنگ:	هدايت منگي، اياز چنو
ٽائيٽل:	ايوب گاد
ڪمپوزنگ:	منير ميمڻ ، علي حسن عباسي ماسٽر ڪمپيوٽر ڪمپوزرس لاڙڪاڻو
نگراني:	امير بخش پٺاڻ، حافظ نواب شيخ
اسڪيچ:	استاد منظور فاروقي

ملڻ جو هنڌ:

- شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد.
- نيشنل بوڪ ڊپو بندر روڊ لاڙڪاڻو.
- رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو.
- عزيز ڪتاب گهر بنراج روڊ سکر.
- ڪائناواڻ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي.

رابطي لاءِ فون: ۴۲۲۲۴ لاڙڪاڻو

اڑپنا

مرحوم ممتاز "مرزا" ، استاد گلزار علي خان جي



ممتاز "مرزا" ، علي گل "سانگي"

استاد "گلزار" علي خان، منظور "سخيراٹي" ، علي گل "سانگي"

آئون سعودي عرب جده کان واپس ڪراچي آيس ۽ نور احمد ميمن وٽ ويس. نور احمد ٻڌايو ته ممتاز "مرزا" گذاري ويو آهي. ڏاڍو ڏک ٿيو. نور احمد ٻڌايو ته ممتاز "مرزا" جو آخري ڪتاب "سدا سونٽا ڪاپڙي" ڇپائي، هيٺ هو ۽ هوڏانهن ممتاز صاحب جا پويان ڏينهن هٿا. ممتاز مرزا فون ڪري چيو ته نور احمد آئون سخت بيمار آهيان مونکي ڪينئن ۾ ڪري ڪتاب ڏيکار. شايد منهنجي هاڻي موڪلائي ٽي ڏسجي. پر ڪتاب ته ڏسي ونان. پوءِ آئون ڪتاب ڪٽي ڏني آيس تن ڏينهن کان پوءِ ممتاز "مرزا" گذاري ويو. هن کي پنهنجو موت ٻڌائي چڪو هو. بهرحال هر ڪو گنهگار آهي، موت ڪنهنکي نه ڇڏيندو. منهنجي ممتاز "مرزا" سان دوستي محمد يوسف ۱۹۸۰ع ۾ ٽيليويزن تي ڪرائي. تڏهن محمد يوسف مهنجو پهريون ڪلام ڳائو ٽيليويزن تي.

محترم ممتاز "مرزا" ٽنڈو آغا حيدر آباد شهر جي محترم "مرزا" گل حسن "احسن" ڪربلائي جي گهر ۾ ۲۹ نومبر ۱۹۴۰ع تي جنم ورتو. تعليم ايم -اي تائين حيدرآباد ۾ ڪيائون ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ پروڊيوسر ٿيا. اتان وري ٽيليوزن تي سينئر پروڊيوسر تائين ڪم ڪيائون. ان بعد سنڌ ثقافت کاتي ۾ ڊي-جي مقرر ٿيا ۽ سندس پٽ ڏٺي جون خدمتون نه وسرنديون. ممتاز "مرزا" جي سڌ تي منظور "سخيراڻي" ۽ مان پٽ تي ويندا هئاسين ته سرڪٽ هائوس ۾ اي-سي روم وغيره ڏيندو هو ۽ پروگرام ۾ منهنجي لاءِ مهڙ وارين سيٽن ۾ سيٽ رکرائي ڇڏيندو هو جتي آءٌ ويهي سارو پروگرام ڏسندو هيس. ۱۹۹۵ع واري وچين ميلي ۾ ممتاز صاحب مون لاءِ پٽي تعريفي لفظ چيا "هن اجوکي محفل ۾ عشمان فقير " سانگي" جي خاندان سان تعلق رکندڙ علي گل "سانگي" به هن پيٽي ۾ منهنجي سامهون ويٺو آهي". ان چوڻ سان سڄي پنڊال ۾ چوپول ٿيو ۽ ڪيترا دوست مونسان ملڻ آيا.

ممتاز "مرزا" جڏهن به لاڙڪاڻي ايندو هو مون وٽ دودائي ايندو هو يا VIP ڊيوٽي ۾ ننڍن ديرو روڊ سان لانگهو ٽيندي لڙي چانورن جي مانيِ جهپبل مکڻ سان ۽ ڏڏ جو وٽو پنڊو ويندو هو. پنهنجو ننڍڙو پٽ "علي" جيڪو ڪيڈٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پڙهي ٿو. ان کي به سان ڪري ايندو هو. هڪڙي ڏينهن اوچتو مختيار ملڪ به لڙي آيو. ممتاز "مرزا" جي موجودگيءَ ۾ سڀ ڪچهرو ٿيو.

منهنجي پهرين ڪتاب "پير ۾ پينگهه" جي ڇپائڻ ۾ ممتاز "مرزا" منهنجي همٿ افزائي ڪئي، ۽ به صفحا "پيار جي موتي" جي عنوان سان لکي ڏنائين، جيڪي مون "پير ۾ پينگهه" ڪتاب ۾ ڇپايا. جنهن مان به سئون ڏجن ٿيون علي گل "سانگي" نهايت پيارو باهمٿ ڪڏهن ڪڏهن زوراور مڙس آهي دنيا جا ڪيئي لاها چاڙها سختيون رهايون پيار پريت ۽ جهيڙا جهٽا. اهي سڀ زندگيءَ جا سهڻا انداز آهن منهنجو ساٿس پيار جو رشتو آهي.

"پير ۾ پينگهه" جون ٽي سؤ ڪاپيون خريد ڪري سيني لائبريرين ۾ موڪلي ڏنائين. جن ۾ منهنجا خرچ نڪري ويا. ممتاز مرزا تي لکڻ لاءِ هي هڪڙو صفحو ڪافي ڪونهي، ڪتاب لکي سگهان ٿو. ايترو مون وٽ مواد آهي. آخر ۾ سندس پٽ جاويد "مرزا" جا ٿورا مڃا ٿو جنهن خط لکي وڏيڪ جاڻ ڏني.

موڪلائي ڪونهي **علي گل.سانگي**

۱۲ محرم الحرام ۱۴۱۹هـ

سنڌ

مهاڳ: تاجل بيوس ۱۱

پنهنجي پاران: علي گل "سانگي" ۱۵

ناشر طرفان: در محمد پناڻ ۱۷

من اندر جا ڳالهڙي: ايوب گاد ۲۱

پيش لفظ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي ۲۵

لوڪ ادب: حڪيم "احسن" سنڌي ۳۳

الله ۴۹

الله ۵۰

مولا ۵۱

الاهو ۵۲

مدينو ۵۳

علي ۵۴

دستگير ۵۵

سورهه ۵۶

پاڳارا ۵۷

قلندر ۵۸

پٽائي ۵۹

سچل ۶۰

سچل ۶۱

اشرف سائين ۶۲

شهيد ۶۳

ناصر الدين ۶۴

طالب المولىٰ ۶۵

بخاري ۶۶

يوسف شاهه ۶۷

شفيع لال ۶۸

حسينڙ ۶۹

دودائي ۷۰

پچڑو ۷۱

بٽڑو ۷۲

چڻي ۷۳

پينگهو ۷۴

طوهر ۷۵

طوهر ۷۶

منگڻي ۷۷

ٽٽ ۷۸

وَنواهُ ۷۹

بُکي ۸۰

ميندي ۸۱

ميندي ۸۲

شادي ۸۳

موڙ ۸۴

رومال ٨٥
سونارر ٨٦
واچ ٨٧
ڪنوار ٨٨
پٽڪو ٨٩
ڪار ٩٠
لاري ٩١
ابڙو ٩٢
نڪاح ٩٣
گهوٽ ٩٤
وني ٩٥
مومل ٩٦
لاٽون ٩٧
لاٽون ٩٨
صندوق ٩٩
اگڙ ١٠٠
اگڙ ١٠١
پيرون ١٠٢
ريل ١٠٣
ريل ١٠٤
بابو ١٠٥
لاڏلو ١٠٦
جواني ١٠٧
مهاڻا ١٠٨
مهاڻا ١٠٩
ڳنڊي ١١٠
پٽڻ ١١١
ٻيڙي ١١٢
ٻيڙي ١١٣
مڇي ١١٤
چڱي ١١٥
سيٺهه ١١٦
پلو ١١٧
ٻلي ١١٨
ٻلو ١١٩
جادوگر ١٢٠
ڊارو ١٢١
ڪانگ ١٢٢
ڪڪڙ ١٢٣
گدڙ ١٢٤
سيهڙ ١٢٥
ڏاند ١٢٦
ڊڳو ١٢٧
ايٽ ١٢٨
گوشي ١٢٩
گهنج ١٣٠
ڪُنڊي ١٣١
مانڊاڻي ١٣٢
پکي ١٣٣
طوطڙا ١٣٤
ڪويلڙي ١٣٥
ڪويل ١٣٦
بلبل ١٣٧
ڪرڪي ١٣٨
تتر ١٣٩
دَسُ ١٤٠
جوئر ١٤١
ڪانڀاڻي ١٤٢
ساريون ١٤٣
ٻهرن ١٤٤

بير ۱۴۵
ڪَندي ۱۴۶
جهنجڻ ۱۴۷
گوگڙو ۱۴۸
انب ۱۴۹
گنوار ۱۵۰
ساگ ۱۵۱
چانور ۱۵۲
چيٽ ۱۵۳
هاري ۱۵۴
ڏاڙو ۱۵۵
ڏاڙو ۱۵۶
ڪيٽ ۱۵۷
ڪر ۱۵۸
ڪانگڙ ۱۵۹
لوڙهون ۱۶۰
ڏڏڙي ۱۶۱
ڳاهه ۱۶۲
ڳاهه ۱۶۳
جنڊ ۱۶۴
گيچڻ ۱۶۵
ڇڇ ۱۶۶
اڪري ۱۶۷
دلو ۱۶۸
سوڙي ۱۶۹
ڪار ۱۷۰
ڏڏ ۱۷۱
چاڏي ۱۷۲
ڪوڏر ۱۷۳
ڪوڏر ۱۷۴
ڏاندارِي ۱۷۵
حُقو ۱۷۶
حقا ۱۷۷
چنڊ ۱۷۸
ڪَتي ۱۷۹
ٽيڙو ۱۸۰
ڪٽ ۱۸۱
پاندارو ۱۸۲
بوٽيندو ۱۸۳
واڇوڙا ۱۸۴
ڪانگڙا ۱۸۵
وڻجارو ۱۸۶
وڻجارا ۱۸۷
وڻجارا ۱۸۸
مٺهارا ۱۸۹
اونيٽڙا ۱۹۰
ڊاڻيٽڙا ۱۹۱
جوڳيٽڙا ۱۹۲
پٺهاري ۱۹۳
اوڏڻ ۱۹۴
سهاڳڻ ۱۹۵
چڪي ۱۹۶
مرلي ۱۹۷
ڊاڻي ۱۹۸
قيدڻ ۱۹۹
ناري ۲۰۰
ڪونجڙيا ۲۰۱
چوري ۲۰۲

مارُو ۲۰۳
ملير ۲۰۴
هڏڪي ۲۰۵
بابل ۲۰۶
اوني ۲۰۷
چيليون ۲۰۸
چارڻ ۲۰۹
بينسريا ۲۱۰
لٽلان ۲۱۱
ليلڙيا ۲۱۲
ٽر ۲۱۳
ڪيچ ۲۱۴
سهڻي ۲۱۵
سهڻي ۲۱۶
ميهار ۲۱۷
مومل ۲۱۸
راڻو ۲۱۹
راڻا ۲۲۰
راڻا ۲۲۱
رانجهن ۲۲۲
گولا ۲۲۳
سهڻا ۲۲۴
حياتي ۲۲۵
جاني ۲۲۶
جانيڙا ۲۲۷
پوپٽ ۲۲۸
پوڙرا ۲۲۹
پنهوري ۲۳۰
ٽانڊاڻو ۲۳۱
هوڙو ۲۳۲
اندو ۲۳۳
چمڪو ۲۳۴
هنبوچي ۲۳۵
ڊبڪي ۲۳۶
اڪ پُٽ ۲۳۷
چولو ۲۳۸
گج ۲۳۹
گج ۲۴۰
گج ۲۴۱
گجر ۲۴۲
موهن جو دڙو ۲۴۳
لاڙڪاڻو ۲۴۴
گل حيات ۲۴۵
گل حيات ۲۴۶
ڦوڪٽا ۲۴۷
ماهي ۲۴۸
ماهي ۲۴۹
ماهي ۲۵۰
ماهي ۲۵۱
ڊوليا ۲۵۲
سانول ۲۵۳
سانولڙا ۲۵۴
سڳهڙا ۲۵۵
يار ۲۵۶
محبوب ۲۵۷
چلو ۲۵۸
چلو ۲۵۹
چلا ۲۶۰
چلڙا ۲۶۱
لولي ۲۶۲
لولي ۲۶۳
مورو ۲۶۴
مورو ۲۶۵
پيلڻ ۲۶۶
پيلهڻ ۲۶۷
جمالو ۲۶۸
جمالو ۲۶۹
جمالو ۲۷۰
جمالو ۲۷۱

☆☆

ڪنڊر پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مهاڳ

تاجل بيوس

نئين سفر جو پانڌيئڙو

هن ڪتاب "ڪُجهو پاڻي ڪَڇ" لوڪ گيتن ۾ الف کان ي تائين علي گل لوڪ يا عوامي رنگ جي شاعريءَ جي اوت اوتان ڪئي آهي. هونءَ تہ علي گل آهي ئي عوامي رنگ ڍنگ جو شاعر، پر هن ڪتاب ۾ لوڪ گيتن تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين؛ جا صنف سنڌ- واسين جو هندي گيتن وانگر صديون پراڻو ورثو آهي، جنهن کانپوءِ معياري يا سڌاري لکيل گيت لکيا ويا.

لوڪ گيتن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ کنهن هڪ شاعر جا سرجيل گيت ناهن، پر اڇوڪي سادگيءَ آمدرفت جي تيز دؤر ۾ معياري گيتن سان گڏ خالص لوڪ گيت بہ لکيا وڃن ٿا. جي عوام جي اجتماعي زندگيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا. جن ۾ حسن ۽ عشق جو ذڪر گيت جو نفيس مضمون هجي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن واهوندا ورن ٿا، چؤماسن جا وسڪارا شروع ٿين ٿا ۽ اُپ ۾ تتر ڪرڙي ڏيکارا ڏئي ٿي، تہ لطيف وانگر شاعر بہ سڪ وندن جون صحبتون ياد ڪري، لوڪ گيت سرجن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ لوڪ گيت عوامي شاعريءَ جا خيابان آهن، جن ۾ ڪيئي ٻهڪندڙ ٻوٽا نظر ٿا اچن ۽ هر ٻوٽي جي رونق نرالي آهي.

چلا رنگ برنگي اي، سُنگي هيٺ ڦلنگي اي،
جنهن دي ٽوپي ڏنگي اي.

سنڌيءَ ۾ فرنگي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڦلنگي انگريز ڦورر ۽ حڪمرانن لاءِ ڪتب آندو ويو آهي، پر انگريزن کان بہ اڳ اهو لفظ پورچوگيزن لاءِ استعمال ڪيو ويو هو جڏهن آناويهين ٻيڙن ۾ سوار ٿي، گوا کان پورچوگيز اچي لاهري بندر تي حملي آور ٿيا هئا. اُن ڏينهن جمعي جو ڏينهن هئو، هتان جا سنڌي مسجد ۾ جمعي نماز پڙهي رهيا هئا، جن تي حملو ڪري، سيني مسلمانن کي پورچوگيزن قتل ڪري ڇڏيو هو، جتان پوءِ ٻئي ۾ ڦر ڪري، سنڌين جو رت وهائي، ڪيترن سنڌين کي قيد ڪري، گوا کڻي ويا هئا.

منهنجي ذاتي لئبريريء ۾ هن کان اڳ علي گل سانگيءَ جا چار کتاب موجود آهن، جي سڀ جا سڀ علي گل قرب ڪري، پاڻ موڪلينڈو رهيو آهي. اُهي ڪتاب آهن:

(١) پير ۾ پينگهه (٢) ڪنڈيء نسربا ڪانهن (٣) پيرين پنڌ ڪنڊياس ۽ (٤) نيڻ ڳالهائن ٿا. پنجين ڪتاب جو مواد اسانجي هٿن ۾ آهي.

"پيرين پنڌ ڪنڊياس" ۾ اسانجي سڃاڻ ڏاهي ۽ گل- حيات انسٽيٽيوٽ جي سرواڻ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، علي گل سانگيءَ جي شاعريءَ بابت هن طرح لکيو آهي:

"علي گل سانگيءَ جي علم ۽ قلم جي ڪهاڻي ٻه وزنائتي آهي. پاڻ ڪجهه وقت لاڙڪاڻي پريس ڪلب جو صدر ٻه رهيو آهي. قوم کي "پير ۾ پينگهه" ۽ "ڪنڈيءَ نسربا ڪانهن" جي نالن ۾ شاعريءَ جا مجموعا ڏئي چڪو آهي. "پيرين پنڌ ڪنڊياس" سندس ٽيون مجموعو آهي، جنهن ۾ هن عوامي شاعر پاڻ کي پڙهڻ لاءِ پياريون، پياريون ڪافيون ۽ منڍا، منڍا بيت ڏنا آهن. گل- حيات انسٽيٽيوٽ" هن ڪتاب کي شايع ڪرائيندي، خوشي محسوس ڪري ٿو."

چولو مٽائي، اسانکان جدا ٿي ويل ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ وري مهاڳ ۾ هن طرح لکيو آهي:

"رواني، سلاست، موسيقيت، سادگي ۽ سونهن علي گل جي شاعريءَ جون خاص خوبيون آهن. هن اها پولي ڪتب آندي آهي، جيڪا عام ماڻهو ڳالهائن ٿا، جنهن ڪري ماڻهو سندس شاعريءَ مان پوريءَ طرح حظ حاصل ڪن ٿا. هر هڪ ماڻهو ائين سمجهي ٿو ته هن سندس دل جي ڳالهه ڪئي آهي." ساڳي ئي ڪتاب تي رايو ڏيندي "پنڌ مڙيوئي پڄ جو" عنوان هيٺ پيارو بدر اڃڻ عوامي شاعري موٽائي ڏيڻ ڪري، علي گل کي رومانوي شاعري (Romanticism) تائين پهچايو آهي.

علي گل جي پهٻي ڪتاب "ڪنڈيءَ نسربا ڪانهن" جي مهاڳ ۾ تخليقي سفر ۾ تيز وڪن ڪٽڻ تي اسانجي پياري شاعر غفار تبسم خليل جبران جون هيٺيون سٽون لکي، علي گل کي داد ڏنو آهي:

"اي ڪوهيڑا! هاڻي تون ۽ مان گڏجي سمنڊ مٿان ترنداسين، هاڻي تنهنجو ۽ منهنجو سات آهي، هاڻي توکي صبح جا نرم ۽ نازڪ هٿ

باغ ۾ موتين جهڙي شفاف ماڪ ٿڙن وارو روپ ونڻي. گلن جي هنج ۾ وجهي چڏيندا، ۽ مان ڪنهن عورت جي چاتيءَ تي ڪڏندڙ ننڍڙي ابهر ۾ جيان ڀهڪي رهيو هوندس."

مٺيان رايا ۽ رمزون اسانکي سوچڻ تي مجبور ٿيون ڪن، ته علي گل جو به ادبي وکر ۽ ورجيسون ڏنيون آهن، اُهو معنيٰ رکندڙ وَڙُ آهي، ۽ اڃان به سندس اندر ۾ ڪي وَٽون ۽ وڙَ لڪل آهن، جي اڃتي هلي اسانکي آڇيندو رهندو.

اسان مٿي لکي آيا آهيون ته غفار تبسم "ڪنڈيءَ نسريا ڪانهن" جو مهاڳ لکي، علي گل لاءِ ڏاڍا جس جوڳا ۽ ملهائتا جملا لکيا آهن. ان جي ابتڙ ڪتاب نمبر ٽئين "پيرين پنڌ ڪنڊياس" ۾ علي گل، شيخ اياز کي ساڻ ڪري، غفار تبسم تي هن طرح تنقيد ڪئي آهي:

"ڪنهن جاءِ تي سائين شيخ اياز لکي ٿو:

"ڪارڙو ڪيڙو ڪيڙو ٿو ڪري" جڏهن ته ڪيڙو، ڪيڙو بگڙو تتر ڪندو آهي ۽ نه ڪارڙو- عبدالغفار تبسم ڪتاب "سوچون صحرا سراب" جي صفحي ٢۴ تي لکي ٿو: بُهه ميڙبو اٿئي "ڳُنديءَ کي ليپو ايندو ڪيئن ڏينديءَ، جڏهن ته ڳُنديءَ کي ليپو ناهي ايندو ۽ نه بُهه ڪم ايندو آهي. ڳُنديءَ کي هاري ايندي آهي، سا به چيڪي مٽي، هلڪو ماهيو يا ڳائو چيٽو ملائي، روزانو هاري ڏبي اٿس..... جنهن ماڻهوءَ جو گنديءَ سان واسطو نه پيو هجي، ته گنديءَ جي ڳالهه چو ڪري؟....."

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ علي گل جي ڪتاب "پيرين پنڌ ڪنڊياس" جو مهاڳ لکندي هيئن به لکيو آهي:

"اهڙيءَ طرح علي گل سانگي، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ حضرت مخدوم محمد زمان جي ڪافين جا فقرا به ٿوريءَ قيرقار سان اهڙي سهڻي ۽ سيبائتي نموني پنهنجي ڪافين ۾ جَڙيا آهن، جيئن وينجهار زيورن ۾ هيرا ۽ موتي جڙيندو آهي." ۽ پهرين شعري مجموعي "پير ۾ پينگهه" جي مهاڳ ۾ "استاد بخاري" علي گل لاءِ لکي ٿو: خوشي انهيءَ ڳالهه جي آهي ته هڻي نفسانفسي ۽ خود غرضي جي رساکشي واري دور ۾ هي موسيقي ۽ سر سازن جو ساٿوڙي رهيو آهي، ساڳئي وقت فنڪارن، گلوڪارن جو يار، پاڻ به سُرَ تارَ وارو، پيارو ماڻهو آهي. ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته "استاد بخاري" علي گل سانگيءَ کي ڪنهن محفل ۾ ڳائيندي ٻڌو آهي.

اهڑيءَ طرح "گُجر پائي گجَ" جي مواد پڑهڻ سان مونکي پڻ محسوس ٿيو آهي، تہ پيارو علي گل سانگي اڃوکي شاعريءَ مان بہ اثر وٺي رهيو آهي، ايتري قدر جو ڏُنن ۽ ترنم سازيءَ جو بہ اثر قبول ڪرڻ لڳو آهي، جا ڀَالهہ ثابت ٿي ڪري تہ علي گل جديد توڙي ڪلاسيڪي شاعرن کي پڙهي ٿو، پُرجهي ۽ چُمين چشمين لائي ٿو. علي گل لاءِ سؤ سيڪڙو لوڪ زمين ۽ شاعريءَ جي هَرُ هلائڻ وارو نئون تجربو آهي، خاص ڪري زير نظر ڪتاب جي حوالي سان، جاڪاڻ تہ اهو رنگ ۽ ڍنگ گهڻي قدر گم ٿيندو پيو وڃي. شيخ اياز پنهنجي شروعاتي دؤر ۾ چار، پنج لوڪ گيت لکيا هئا. مون بہ "صحرا ستر جن" ۾ ارڙهن لوڪ گيت ڏنا آهن، جن جو تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر بہ ڏنو اٿم. علي گل جو تيزيءَ سان لوڪ گيتن تي قلم کڻڻ وارو تجربو واکاڻ جوڳو آهي. علي گل وٽ سماجي زندگيءَ جي حوالي سان سندس ڳوناڻو مشاهدو آهي، پر پوءِ بہ هڪ دفعو کيس ٿر، ڪاڇو ۽ ڪوهستان گهمڻ گهرجي. لطيف، گنجي ٽڪر کان هنگلاج ۽ نٽي کان ڪڇ، هالار، پوربند، جهونا ڳڙهہ ۽ ٿر تائين مشاهدو ماڻي تہ سُرَ ۽ داستان رچيا هئا. لوڪ شاعريءَ جو پس منظر ۽ مشاهدو علي گل کي اڃان بہ اڳتي وٺي، سندس شاعريءَ کي چار چند لڳائي ڇڏيندا.

اسانکي اُميد آهي تہ علي گل سانگيءَ جو لوڪ گيت ياڳو ٻيو جڏهن اسانجي هٿن ۾ ايندو، تڏهن اسان چئي وهنداسون تہ ڪوتا- ديوي سورنهن سينگار ڪري، گهاڙ ۾ ڏئي، زيتونن جا باغ اُڪري، لوڪان لکي، علي گل وٽ ۾ گهٽ ٿي، ڪائونس ويهي گيت لکايا آهن.

تاجل بيوس

تاريخ: ۴- ڊسمبر ۱۹۹۷ع

Tajal's Nest
A.3, Pirneer homes
Super high way
Karachi (Sindh)

پنهنجي پاران

لوڪ ادب ۾ ڳوٺن جون ڳالهيون، ڳوٺاڻن جو مزاج، اٽڪيون ويهڻيون، ريتون، رسمون، شاديون، مرادیون، ڏک سک محبتون سمايل هونديون آهن، سنڌ جي سورمي مارئيءَ کي ٿا وٺڻون ته مارئيءَ ۽ پنهنجو پيغام مائي ڀاڳيءَ معرفت لوڪ گيتن وسيلي پنهنجي مارن کي پڄايو. "لوڪ گيت" لوڪ مان پيدا ٿين ٿا. دنيا جي هر ٻوليءَ پنهنجا "لوڪ گيت" سرجيا آهن. اسانجي ٻوليءَ ۾ وس آهر "لوڪ گيت" ڏنا آهن. اسانجي سنڌ ۾ ڪيترين ذاتيون سرائڪي ڳالهائين ٿيون، جنهن ڪري اسانجيءَ ڌرتيءَ تي سرائڪي ٻوليءَ جو به اثر آهي. ان لاءِ هن ڪتاب ۾ توهانکي سرائڪي لوڪ گيت به پڙهڻ لاءِ ڏنا اٿم. لوڪ گيتن جو مونتي اثر ان ڪري آهي، جو مان اصل ڀهراڙيءَ جو رهندڙ آهيان. عام ماڻهوءَ جي ڏک سک کي چگيءَ طرح ڄاڻان ٿو هر ڪيءَ جي ٻوليءَ کي پنهنجي اندر ۾ ٻيهو اٿم. هر ڪيءَ جي ٻولن جي مند ٿيندي آهي، هر ڪي پنهنجا دَس پنهنجي وقت تي هٽي ٿو. اسان ۽ اُهي ڪي هڪ ڳوٺ ۾ رهون ٿا. ڪيترن دوستن کي اها خبر ۾ ڪونهي ته ڪويل جي ٻولڻ جي مند ڪهڙي آهي، تتر جي ٻولڻ جي مند ڪهڙي آهي. ڪيتراڻي ڪي آهن، جيڪي پنهنجي مند ساري ٻولن ٿا، اها ڄاڻ ان وٽ رهندي جيڪو انهن ڪين سان گڏ رهي ٿو، ڪراچيءَ ۾ رهي ڪري بند ڪمري ۾ ويهي شاعري ڪرڻ ۾ اصل ۽ نقل وارو فرق ضرور رهندو، پوءِ ڀلي ڪٿي ڪيڏو به وڏو شاعر هجي. "لوڪ گيت" تي قلم کڻڻ جو ڪيترن دوستن کي ڏک ٿيو آهي، ته لوڪ گيتن تي سنڌ ۾ پنهنجي شاعري جو پهريون ڪتاب، ڪو ڪراچيءَ وارو شاعر لکي ها، علي گل سانگي چو ٿو لکي؟ مان انهن دوستن کي ايترو ضرور چوندس ته منهنجو لوڪ گيتن تي حق ٿو ڏهي جو مان لوڪ مان آهيان ۽ لوڪ مون مان آهي. مان ننڍي لاءِ ٻکريون چاريون، مينهون چاريون، هَرُ کاهيو آهي، پوک ڪري ڪٽڪ ۽ سارين جو لاب ڪيو آهي، سرءَ جون لوڙهون ڪيون اٿم، هيڏانهن لوڙهه پٽي هلي ته پرسان ٻني تي ويٺي تتر ٽي ٻوليو، جيڪي مون ڏٺو لکيو آهي، اُهي منظر اکين سان ڏٺا اٿم ۽ ڪم ڪارين هٿن مان ڪڍيا اٿم. مان پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪوبه وڌاءُ ناهي ڪيو. "جيڪي ڏٺو سو مون" سو سچ لکيو اٿم. منهنجي مٽان پير جي ڏار تي ويٺي ڪويل ٻولي ۽ مان "لوڪ گيت" تي قلم نه کڻان منهنجي ٻنيءَ ۾ پرسان ٻَني تي ويٺو ڪارڙو تتر ٻولي، پوءِ به گيت لاءِ قلم نه کڻان! شاعر به پاڻ کي سڏايان، شاعري ڪرڻ وقت هر شاعر کنهن نه کنهن شاعر کان متاثر ٿي لکندو آهي پوءِ اُن شاعر جا ساڳيا لفظ به استعمال ڪري ٿو، مان به ائين ضرور ڪيو آهي اهڙي طرح مان پٽ ڏٺي، سچل سائين، مخدوم طالب المولیٰ، سائين استاد بخاري کان متاثر

آهيان اهو درست آهي مان انهن جا پنهنجي شاعري لاءِ لفظ ڪنيا آهن.

ڪجهه وڏا شاعر انگلش ۽ اردو جي شاعري وارن ڪتابن مان شاعري چورائي ترجمو ڪري پيا شاعري لکن، جن جون تصديقون به ٿي چڪيون آهن، پوءِ به وڏا شاعر آهن.

مينهن چيو هو ڳڻوءَ ڪي، "هل ڙي بوٽ ڪاري" ڳڻوءَ وراٽيو مينهن ڪي، پاڻ پڻ تائين ڪاري آهين ان تي نظر نٿي پوئي، اهيو برابر آهي پنهنجي ڪارنهن نظر ناهي ايندي، پنهنجي پٺ ڪو به ورائي نٿو ڏسي ته پاڻ ڪيترو گنهگار آهن، پنهنجي سنڌ ۽ بوليءَ سان ڪيترا سچا آهن. هاڻي گهڻي قدر ڏنو ويو آهي ته سنڌي شاعريءَ ۾ اردو ۽ هندي لفظ پيا استعمال ٿين هوليءَ ڪي اهڙا تباهه ڪرڻ وارا ان ڪي وري جدت چون ٿا. جڏهن ته اسانجي گهڻي بولي آهي پلا جڏهن پڪي آهي ته پرندو لکڻ جي کهڙي ضرورت پئي آهي. اهڙن واڌارن ۾ سڪي، پيا، چاندني وغيره به آهن. چانڊوڪيءَ ڪي چاندني چو ٿو لکيو وڃي؟ پلا چانڊوڪي فلم تي چاندني نالو چو نه رکيو ويو؟ خواب آهن ته سپنن جي کهڙي ضرورت آهي، هوڏيرو وڏاءُ ڪرڻ ۾ وڏ ماڻهپ سمجهن ٿا انهن کيترن لفظن ڪي عام ماڻهو نٿو سمجهي سگهي. جنهنڪي جيئن وٹي لکي ٿو، ڪائي جهل پل ڪونهي، آزادي آهي، اهڙيءَ طرح منهنجي قلم ڪي به ڪوئي روڪي نٿو سگهي. منهنجي هن ڪتاب تي مهربان دوستن محترم تاجل بيوس، محترم در محمد پٹاڻ، سائين ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي ۽ حڪيم احسن سنڌي، گهٽو ڪي لکيو آهي مان هن تي وڌيڪ لکڻ مناسب نٿو سمجهان حياتي رهي، لکندو رهندس، ريڊيو، ٽيليويزن، ڪيسٽ ۽ ڪتابن ذريعي توهانکي منهنجا گيت ٻڌڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ملندا. مان پنهنجي ڏرتيءَ جو هڪ ننڍڙو شاعر آهيان ۽ ڪڏهن به وڏي ٿيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي اٿم، پوءِ به اُنهن دوستن لاءِ دعائون آهن، ته خدا کين خوش رکي. مان آخر ۾ توهانکي ٻڌائيندو هلان ته منهنجا اڃان ڪي اڻ ڇپيل ڪتاب آهن، اگر حياتيءَ ساٿ ڏنو ته ڇپائي توهانجي هٿن تائين ضرور آڻيندس، جن ۾ به سرائڪي ڪتاب آهن. "سچڻا تيرے بنا"، "دل وچ درد هزاران"، سنڌيءَ ۾ "پيرين پوندي سانِ"، پنڌ مڙوئي پب جو"، پير تنهنجا پن"، "ويڻي ڪوٽ وٹن ۾" ۽ "علي گل جون ڳالهيون" (سفر نامو).

وڻ ٿا ميوو ڪن، پاڻ نه کائن پنهنجو،
پٽر ٽڪر چاپڙون، ڏوٽا ڏار سهن،
آهي لڇ اسحاق چئي، ڪيڏي ڪي وٹن،
ڏيو ڏر جهلن، موٽيو پنهنجي مند تي.

(اسحاق فقير)

علي گل سانگي (دودائي)
١-٦-١٩٩٨ع

ناشر طرفان

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

شروعاتي لفظ

اسان 1990ع ۾ گل حيات انسٽي ٽيوٽ قائم ڪيو ۽ مٿان اڇي 1998ع جي پچائي ٽي رهي آهي. 'گل حيات' جي عمارت جڙي راس ٽيڻ کان پوءِ اسان پنهنجي محنتن ۽ محبتن جون جهوليون پري عوام کي آڇيون آهن. "گل حيات انسٽي ٽيوٽ" قائم ڪرڻ جو بنيادي مقصد هي آهي ته اسان پنهنجي دور جي علم ادب، صحافت، سياست، ثقافت ۽ سماج سان لاڳاپيل انهن انگن اکرن، حقيقتن ۽ شاهدين جي ميڙ ۽ چوند ڪيون، جيڪي اڳتي هلي هن دور تي قلم کڻڻ وارن محققن جون معلوماتي ضرورتون پوريون ڪن. تان جو اسان جي دور جي تاريخ غير جانبدارانہ انداز ۾ مرتب ڪئي وڃي ۽ جيڪا مهيات خواهہ مستند پڻ هجي. ان کان سواءِ اسان جو هي ڪم پڻ رهيو آهي ته سماجي علوم ۾ جيڪي ماڻهو مختلف يونيورسٽين مان ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ڪن ٿا، تن جي تحقيقي طريقي ۽ فن ۾ مدد ڏيڻ کان سواءِ اهو مواد پڻ ڏيون، جيڪو سندن ڪم جو آهي ۽ اسان وٽ موجود آهي. خدا جو شڪر آهي جو اسان ۽ اسان جي اداري مان اهڙن ڪيترن شاگردن فائدو ورتو آهي.

اسان ان سان گڏو گڏ اشاعتي پروگرام ۾ شروع ڪيو آهي، هن کان اڳ محترم علي گل سانگي جو ڪتاب "پيرين پنڌ ڪنڊياس" ۽ ڊاڪٽر بدر اڃڻ جو "ٽي. ايس ايليٽ" هن اداري طرفان ڇپجي چڪا آهن.

علي گل سانگي ۽ گل حيات

اسان جڏهن محترم علي گل سانگي جو "پيرين پنڌ ڪنڊياس" ڪتاب شايع ڪرايو هو، تہ ان ۾ هن عوامي شاعر ۽ سندس گل حيات انسٽي ٽيوٽ سان عقيدت ۽ محبت واري تعلق تي ٻہ روشني وڌي هئي. دوستيءَ جو مثال ڏيندي اسان ٻڌايو هو تہ محترم علي گل سانگي هڪ عيد ٻہ اسان سان گڏ ملهائي هئي ۽ چيو هو تہ گل حيات انسٽي ٽيوٽ پنهنجي مقصد ۽ خدمت ڪارڻ اها منزل ماڻي ٿو، جو هتي هن اداري ۾ عيد ڪندي مون کي سڪون مليو آهي.

ڪم جي گهٽائي سبب اهو اسان جي هٿ وس ئي ڪونهي تہ دوست، قلم-ڏيئن يا عملدارن سان وڃي روح رهاڻيون ڪيون ۽ کين ٻڌايون

تہ اسان جو ۽ چا لاءِ "گل حیات" جوڑیو آهي ۽ هن وقت تائین کھڑو کیترو کم کیو اٹئون. محترم علي گل سانگيءَ اسان جي انهيءَ مجبوريءَ کي سمجھڻ ۽ سفير جي حيثيت ۾ نيڪيءَ طور پيش کيو آهي. اسان تہ فقط خط ۽ کتابت يا عيد کارڊ ذريعي آواز ڏئي ٹا سگھون. پوءِ اها هر کنهن جي مرضي آهي تہ اسان جي ڳالهہ سمجهي ۽ مڃي يا نہ. پر محترم علي گل سانگي سنڌ جي کنڊ ڪڙ ۾ جتي ويو. جنهن بہ کنهن شاعر، اديب، صحافي يا ڳائڻي سان ڪچهري کيائين. جنهن بہ پريس يا اشاعتي اداري ۾ ويو ۽ جنهن بہ عملدار جي آفيس ۾ ويو. دل کولي "گل حيات" جو شد مد سان پيغام ڏنائين. فنڪارن ۾منظور سخيراڻي، مرحوم محمد يوسف، عابده پروين سنڌيڪا جو نور احمد ميمڻ، تاجل بيوس، مرحوم ممتاز مرزا ۽ ٻين کيترن دوستن تائين اسان کان اڳ اسان جي محنت ۽ محبت جي ڪهاڻي محترم علي گل سانگيءَ پهچائي.

ڪتاب بابت

"گُجَرَ پائي گج" محترم علي گل سانگي جي گيتن جو مجموعو آهي. اسان مان هر ڪو اهو ماڻهو، جن جو 'لوڪ ادب' جي تخليق يا تحقيق واري عمل سان واسطو آهي، تہ "گيت" کيترين ڳالهين ۾ "لوڪ ادب" جي منفرد هڪ سهڻي صنف آهي. مثال طور ڪي صنفون ڪن خاص طبقن لاءِ مخصوص ٿين ٿيون ۽ انهن جي ئي پسند يا ڪارج واريون صنفون ٿين ٿيون. ليڪن "لوڪ گيت" تخليق ڪار جي جنسن، عمر يا نظيئي جا محتاج نہ ٿا ٿين. "لولي" ۽ "ڳيچ" عورت ذات جي تخليق صلاحيتن ۽ جذباتي عڪاسن جو مظهر آهن. اهي صنفون مقبول بہ وري عورتن ۾ آهن. اهڙيءَ ريت "مولود"، "مداح" ۽ "مناجات" مذهبي عقيدت جو پڙاڏو آهن. هندو اسان جا "مولود" ٻڌي خوش ڪونہ ٿيندا ۽ اسان سندن ڀجن ٻڌي باغ بهار ڪونہ ٿيندا سين. اهڙي ريت "ڪهاڻيون" ۽ "آکاڻيون" ٻارن کي پسند ايندين تہ ڳالهين" ۽ "داستانن" ۾ وري وڏي عمر وارا ماڻهو دلچسپي وٺندا، بلڪل اهڙيءَ طرح "ڏور" "هنر" ۽ "ڳجهارت" مان جيترو مزو سگھڑن کي ايندو، اوترو ٻئي کنهن کي ڪونہ ايندو. پر "لوڪ گيت" سڀ جي پسنديده صنف آهي. لوڪ گيت" جيترو "مرد" وٽ مقبول آهي اوترو "عورت" لاءِ بہ اثر رکي ٿو. "لوڪ گيت" مذهبي بندڻن، عمر جي قيد بند ۽ فن شناسيءَ واري الجهن کان آزاد ۽ مٿانهون ٿين ٿا. ان کان علاوه "لوڪ ادب" جي ٻين صنفن جي ٻيٽ ۾ "لوڪ گيت" عوام جي اجتماعي جذبن، امنگن ۽ احساسن جي ترجماني ڪن ٿا. "لوڪ گيت" انهيءَ حيثيت سبب عوامي مقبوليت جو معراج ماڻن ٿا.

اسان جي عوامي شاعر محترم علي گل سانگيءَ پنهنجي هن لوڪ گيتن جي ڪتاب "گُجَرَ پاني گج" ۾ جيڪي گيت آڇيا آهن. اهي سندس داخلي نظرياتي ۽ جذباتي ڪيفيت جي اپٽار هئڻ کان علاوه اسان جي سماجي جيوت جي جهلڪ پڻ پيش ڪن ٿا. هن پنهنجن گيتن ۾ جن ڪردارن، ريتن رسمن، واقعن مشاهدن کي پنهنجي شاعريءَ جو مرڪز ۽ محور بڻايو آهي، اهي اسان جي عوامي ۽ بهراڙيءَ واري دنيا جو عڪس پيش ڪن ٿا. سنڌ جي بهراڙين کي ڏسڻو هجي يا سنڌي سياجهڙيءَ سان ملڻو هجي ته هي گيت اسان جي اها آس ۽ پياس پوري ڪن ٿا.

علي گل سانگي صاحب پير سائين پاڳاري جو روحاني معتقد آهي، ان ڪري پنهنجي مرشد جي ميڙا ۽ محبت جو ذڪر پڻ ڪيو اٿس. ان کان علاوه سنڌ جي وڏي اڪثريت جي ترجماني ڪندي پلاري پٽ-ڏڻي، سچل سرمست ۽ ڏلندر شهباز کي به دل کولي گيتن جو موضوع بڻايو اٿس. انهن آدرشن کان علاوه مسلمان هئڻ واري ناتي سان مديني جي ميڙ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم سان عقيدت ۽ محبت جي خوشبوءِ محسوس ڪري سگهجي ٿي. سنڌ جي آباديءَ جو وڏو انگ اهل سنت سان واسطو رکي ٿو. ان ڪري حضرت پيران پير دستگير کي پڻ سنڌ ۾ گهڻو ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ وڏي عقيدت سان هر ماهه "يارهين" ملهائي ٿي وڃي. اسان جي هن عوامي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ پڻ يارهين ملهائي آهي.

اسان جي ڏاهن صدين کان وارِ سٽن سورهين جي تمثيل ۾ لافاني قدرن، سنڌي نظرين ۽ انساني اصولن جي پئي تبليغ ڪئي آهي. ان ڪري هر شاعر انهيءَ ريت کي نيائڻ لاءِ پنهنجي ڪلام ۾ رومانوي داستانن ۽ ڪن سورهين کي موضوع ضرور بڻايو آهي. بلاشڪ سنڌيءَ سورهيون سنڌ جي ڪهاڻي آهن. پر هن دور ۾ جيڪو ڏرتيءَ ۽ ڏرتيءَ وارن سان ٿي رهيو آهي، ان ڪري "مارئي"، هن دور ۾ جن اسان پنهنجي سياسي ۽ نظرياتي رهبرن جي پنيان پيئي کين پرچائڻ يا تلاش ڪرڻ نڪرون ٿا ان ڪري "سسئي" ۽ هن دور ۾ جيئن ۽ جهڙي نموني اسان احتجاج ۽ اختلاف جو حق استعمال ڪيون ٿا، ان ڪري "سهڻي" سسئي، مارئي اسان جي هن دور جون سورهيون آهن. اهوئي سبب آهي جو اهي ٽئي سورميون اسان کي محترم علي گل سانگيءَ جي گيتن ۾ نظر اچن ٿيون.

سنڌي اڃا صنعتي ترقيءَ جي جائز منزل کان پري رکيو ويو آهي.

ان کري بهراڙيءَ ۾ اڃا به "هاري" اسان جي پورهيت طبقي جو نمائندو ۽ معيشي طريقي جو مرڪزي ڪردار آهي. "هاري" جو ذڪر ڪبو ته پوءِ "ڪيت" ۽ ڪانپاٽي"، "ايت" ۽ "گندي"، "اکري" ۽ "چيت" جي ڳالهه ضرور چوربي. هاريءَ ۽ هر بهراڙيءَ واري ڪنهن گهر ۽ اڳڻ کي ڏسبو ته "جند"، "گيچڻ" ۽ "سوتي" کي نظر انداز ڪري نه سگهبو. زراعت سان لاڳاپيل ثقافت جي ڳالهه ڪبي ته "ڏڏڙي" "ڪانگ لنوڻ" ۽ "هڏڪي اڇڻ" جا روحاني راز ضرور ٻڌائبا. زرعي سماج جو شاعر اهڙي ريت پنهنجي ڪلام "ڪُنديءَ" مينهن، "ليلڙي"، "ڏڳي"، "ٻلي"، "گدڙ" ۽ "ڪڪڙ" کي ڪيئن نه جاءِ ڏيندو! هاري ناري خوش ٿيندا ته وينجهارن ۽ وڻجارن کي ضرور ياد ڪندا. اهي جوانيون "ونيءَ" ۽ "گهوٽ" جو روپ ونڊيون. ههڙين حالتن ۾ "ميندي" ۽ "موڙ"، "نٽ" ۽ "شادي"، "ونواهه" ۽ "لائن" جهڙا دل لياڻيندڙ واقعا جنم ونندا. تڏهن "چولن" ۽ "پٽڪن"، "گجن" ۽ "واڇن" جو ذڪر ضرور نڪرندو. اهي سڀ ڳالهيون علي گل سانگيءَ جي گيتن ۾ موجود آهن. اهي ئي سندس گيتن جا ڪردار ۽ واقعا آهن. اهي ئي سندس گيتن جا پس منظر ۽ پيش منظر آهن.

سنڌ جي هڪ عوامي شاعر طرفان "لوڪ گيتن" جو هي پنهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي. اهڙيءَ ريت "گل حيات انسٽي ٽيوٽ" طرفان شايع ٿيندڙ "لوڪ گيتن" جو هي پهريون ڪتاب آهي. اسان کي اُميد آهي ته پڙهندڙن طرفان اسان کي علم دوستي جي مناسب سوغات عطا ٿيندي.

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

(باني)

گل حيات انسٽي ٽيوٽ

ڳوٺ خير محمد آربجا، تعلقو ڏوڪري

ضلعو لاڙڪاڻو.

مَن اَندر جَا ڳالهڙي

ايوب گاد

علي گل سانگيءَ جو پهريون شاعريءَ جو ڪتاب "پير ۽ پينگهه" 1992ع ۾ ڇپيو، هينئر هي سندس پنجون ڪتاب آهي. جيڪو اڳين چئن ڪتابن کان مختلف يعني لوڪ گيتن تي مشتمل آهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ لوڪ گيتن جي ڪنهن شاعر جو هي پهريون مڪمل ڪتاب آهي، سنڌي ادبي بورڊ پاران جيڪو لوڪ گيتن جو ڪتاب شايع ٿيو هو تنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش مختلف ماڻهن جا ڇيل/ٻڌل لوڪ گيت سهيڙيا هئا. شيخ اياز ۽ شمشير الحيدري به لوڪ گيت لکيا آهن پر لوڪ گيتن جو مڪمل ڪتاب لکڻ ۾ علي گل سانگي سرسي حاصل ڪري ويو. ان لاءِ علي گل "سانگي" کيرون لهٽيون.

مان سمجهان ٿو ته سانگي صاحب لاءِ منهنجو لکڻ يا منهنجي تعريف جو هو محتاج نه آهي جو اڳين چئن ڪتابن ۾ سنڌ جي وڏن وڏن شاعرن، اديبن، علي گل سانگيءَ تي ڪهڙو لکيو آهي. مان هتي ٿورو لوڪ گيتن متعلق چوندس ته لوڪ گيت جيئن ته قوم جو ورثو آهن ۽ انهن مان قومن جي مزاج جو اندازو لڳائي سگهبو آهي، لاڙ جا ڪيترائي لوڪ گيت مشهور آهن جن کي اڪثر ريڊيو ۽ ٽيليوزن تان ۾ وقت بوقت نشر ڪيو وڃي ٿو. ۽ اتر سنڌ ۾ پاورفل ميڊيا نه هئڻ ڪري هتان جي شاعرن جو گهڻو اڻاٽو سندن ڊائرين/بوڪن ۾ رهجيو وڃين ٿو. هينئر علي گل سانگيءَ جو هي ڪتاب اچڻ کان پوءِ اميد ته لوڪ ادب جي هيءَ صنف به پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيندي. ڇاڪاڻ ته لوڪ گيتن ۾ ئي رس سان گڏ عام چوٽيون ۽ پهاڪا نهايت سهڻي انداز ۾ سمايل هوندا آهن. مثال طور لاڙ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن ۽ اتر ۾ مروج لفظن ۾ ڪافي فرق آهي اتان جو جمالو، ڊارو جوڳي، هڏڪي، چلو، ڪانگڙو (جنهن کي ٽر وارا ڪاڳڙو چوندا آهن) خود سانگي صاحب به هن ڪتاب ۾ ڏنا آهن پر انهن سان گڏ ڪجهه ا
نوان نالا پڻ ڏنا آهن جن کي لاڙ وارن ڪڏهن ڇُهيو ئي ناهي مثلاً:

- گوگل ماءُ گوگڙو نه ڪاءُ- گوگڙو گوڙ ڪندئي.
- روز ميڙي ڪرُ ايندي آهيان.
- ايري تائين ڪَٽ الا.

• جوئر ۾ آ جهار جيڏيون.
• انب ٽپڪي وارو.
• جَندُ لُڻي ويو ڪُتو ماريو. وغيره ۾ پنهنجو هڳاءُ آهي. جنهن ۾ عجيب قسم جو رنگ ۽ ڍنگ آهي جن جي سونهن تي فطرت نچندي نظر اچي ٿي. هر خطي جي ٻولي رسم و رواج ۽ لهجي ۾ فرق ٿئي ٿو ان ڪري ممڪن آ ڪن دوستن کي لفظ ڏکيا ٻه لڳن پر جيئن ته اصل ٻهراڙيءَ جا ٿيٺ لفظ محاورا ٻهاڪا ۽ اصطلاح پنهنجي هڪ معنيٰ رکندا آهن ان ڪري انهن جو مهارت سان استعمال ڪرڻ سانگي صاحب جو ڏاڻ آهي. باقي ڪٿي جيڪڏهن لفظ "ريهان" استعمال ٿئي ٿو ته ان جو لاڙي لهجي ۾ "ريهون" ٿيندو. اهڙي طرح "ڪيون" کي لاڙ ۾ "ڪريون" چون ۽ "پاڙئون" کي لاڙي "پاڙا" چون جڏهن ته بنهي کان معياري لهجو پاڙان آهي.

ان ڪري اها اسان جي ٻوليءَ جي مختلف خطن جي حساب سان اُن جا لهجا ۽ لفظن جي گهاڙ جو ٿورو فرق آهي لوڪ گيتن جي هن ڪتاب لکڻ تي علي گل سانگي جس لهٽي. سانگي صاحب جي مهرباني آهي جو هر ڪتاب ڇپائڻ وقت انهن جي ٽائيٽل لاءِ مونسان اڪثر صلاح مشورو ڪندو آهي سندس ٽن ڪتابن جا ٽائيٽل ٻه مون ڊزائين ڪيا آهن ۽ انهن دوران جن جن ادب جي دوستن جا رايا سامهون پئي آيا، انهن کان آءٌ پلي پت واقف هئس، پر هيئنر لوڪ گيتن جي هن ڪتاب ڇپجڻ دوران جيڪا ڳالهه مون محسوس ڪئي ۽ ڏٺي ته اها هئي "ساڙ" واري. چوندا آهن فقير فقير کي نه سهي، سو جن ٻه شاعرن جي مَنَ ۾ لوڪ گيتن لکڻ جي جستجو هئي يا ڪجهه لکيا ۽ ڇپيا ٻه هنا، انهن هن ڪتاب جو پُڏي سانگيءَ تي تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي آهي. ان لاءِ مون کي اهو وقت ياد ٿو اچي جڏهن عبرت منگزين ۾ شيخ اياز جي آدرش ڪول ڪئي هئي ۽ ان جي جواب ۾ زيب سنڌيءَ هڪ اڻ، ڏهن صفحن جو مضمون، آدرش کي خوار ڪرڻ لاءِ شيخ اياز جي پَر جهليندي، شاهه لطيف کي ڪاپي خور ... ڪرڻ جي پرپورڪوشش ڪئي هئي. پهرين ڳالهه جي وضاحت ڪندو هلان ته جڏهن ٻه ڪنهن شاعر الف يا بي تي ڪو تنقيد ڪندو آهي ته پَڇندو وري لطيف ڏي آهي. اها ڪهڙي قسم جي ڍال آهي جنهن سان اديب/ شاعر پاڻ کي بچائن ٿا. اها ڳالهه واضح هجڻ ۽ سمجهڻ گهرجي ته لطيف سائينءَ جي دؤر ۾ توهان جي تي وي، اخبار، رسالو يا ڊائجسٽ

ڪونہ هئا. جيڪي لطيف سائين پڙهي بلها شاهہ يا ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪافي ڪئي هئي.

توهان جي سوچ اتي ئي پڏري آهي توهان کي شايد عشق جو رنگ نظر ئي نہ آيو آهي. بلها شاهہ هجي يا سچل، غلام فريد هجي يا باهو، لطيف هجي يا قلندر سپني جو محور ساڳيو آهي انهن جو محبوب هڪڙو ئي آهي. تہ پوءِ انهن جي لفظن جي بيهڪ ۾ مختلف هجي پر خيال ساڳيو هوندو جو هڙني جو محبوب ساڳيو آهي.

اهڙي طرح اڄ جي شاعر وٽ بہ اڳما ۽ احساس هڪ عام، ٻئي شاعر جهڙا آهن. صوفي شاعرن جي جُٽيءَ ۾ ڪنهن جو پير نہ پوندو.

ڪتاب صحرا ستر جن ۾ هيرو نڪر جا لفظ ٻڌو، چوي ٿو تہ، "تاجل بيوس ٻڌائي جو تسلسل آهي. تاجل جي سُر مارئي واري شاعري پڙهندي لڳي ٿو جڻ ٻڌائي تاجل جي نالي سان لکي رهيو آهي، لطيف جتي شاعري ڇڏي آهي تاجل اتان شروع ڪئي آهي".

وري کيئل داس فاني فرمائي ٿو تہ، "تاجل جي شاعري پڙهي ڏسو هو شيخ ايار کان بہ گوءِ ڪئي ويو آهي". وري کو ٻيو ڪتاب ڪئي ڏسندؤ تہ پانجاريءَ ۾ وري کو ٽيون شاعر ٻينو هوندو جو اسان سنڌ وارن کي هاڻي رڳو شاعرن جون گوبون پچائيون آهن.

جڏهن تہ اسانجا شاعر "جانڻ ڇَن" جهڙي شاعري بہ نہ ٿا ڪري سگهن تہ لطيف ڏي ڪيئن ٿا پڇن. هر شاعر ۾ پنهنجو رنگ ۽ پنهنجو عڪس هوندو آهي منهنجو هتي هرو پرو کو شاعر تارگيت ناهي، مان ائين چوندس تہ شيخ ايار، استاد بخاري ناهي، تاجل، امداد حسيني ناهي، تبسم، سرڪش ناهي، ادل، ايار ناهي، سميع، شمشير ناهي، علي گل، تاج بلوچ ناهي. هر ماڻهو جيڪو آهي پنهنجي آئيني ۾ پاڻ اجرو آهي. هو جيڪو آهي "پاڻ" آهي. ائين ٻيٽا ڪرڻي آڏو تہ نڪرو ٻاهر عام، ماڻهوءَ کان وڃي پڇو، هر ڪاهيندڙ هازبن کان پڇو مينهون رڍون چاربندڙن يا واڻهڙين کان پڇو تہ اهو ڪنهن کي ٿو وڌيڪ سڃاڻي ۽ شاعري پسند ڪري باقي اخبار ۽ ٽي وي۽ تي ڇڻن ماڻهن جي هڪ هٽي يا ٽولي جي چوڻ تي توهان جو ڏنل ٻن ڏهاڙن جو "تون حاجي مان قاضي" وارو تاج پَٽَ تي ڪري پوندو. مان تہ ائين ئي چوندو آهيان جيڪو ڪجهہ ڪيو ۽ لکو، ٻئي تي اجائي تنقيد ڪري ٻيٽا نہ ڪريو. يا ڪنهن وڏي شاعر (جنهن کي توهان پاڻ ئي وڏو سمجهو ٿا) جي بہ چار ڏينهن خدمت ڪري، پيرين پئي

پنهنجي ڪتاب لاءِ يا پنهنجي لاءِ اُتر لفظ لکرائي هرو پرو پاڻ کي عظيم شاعر چوائڻ جا خواب ڇڏي ڏيو تہ بهتر آهي. توهان جڏهن پاڻ ايڏا وڏا شاعر آهيو تہ ٻئي جي لفظن جي محتاجي ڇو!؟ مان دعويٰ سان چوان ٿو تہ سنڌ جي سڀني شاعرن سان سنڌ جا سمورا پڙهندڙ يا پڌندڙ بيحد پيار ڪن ٿا. رڳو ساڙ آهي تہ فقير جو فقير سان (شاعر جو شاعر سان) مون کي ذاتي تجربو آهي تہ جڏهن آءٌ پينٽنگ (مصوري) ڪندو هوس تہ پينٽر مون تي سڙندا هئا. ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم تہ ڪهاڻيڪار، ڪاوڙ مان ڏسڻ لڳا. هدايتڪاري شروع ڪيم تہ ڊرامائي ڪاوڙجڻ لڳا. ون ايڪٽ مزاحيہ ناٽڪ لکيم تہ پراڻي سوچ (ايڪٽ وائيز) لکڻ وارا وڙهڻ لڳا. پاڪستان جي پهرين سنڌي وڊيو فلم مهربان (رليز شاليمار ريڪارڊنگ ڪمپني اسلام آباد 1983) ناهيم تہ استيج جا هدايتڪار جَڪَ ڪاٽڻ لڳا. شاعري شروع ڪيم تہ مائٽ ڪاوڙجي پيا. (باقي شاعرن جا فضول تبصرا مان پڌندو ئي نہ هوس). نيٺ سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏنو اٿم، تہ جيئن سڀ، ڪهت ۾ ڪهت خوش هجن. اجايو ساڙ ۾ پاڻ ۾ ڪجهہ نہ ڪري سگهندا ۽ پين جا ۾ دڳ بند ڪندا. مان سمجهان ٿو منهنجا لفظ ڪن يارن کي ڪهرا لڳندا هوندا پر مان حليم بروهيءَ وانگر ڪنهن جي ڪاڻ ناهيان ڪيندو. ان ڪري جيڪو ڪجهہ من ۾ اٿم چيو اٿم. مان آخر ۾ وري ۾ اڀين چوندس تہ محبت ڪندڙ ماڻهن سان محبت ڪريو ۽ محبت ڪرڻ سکو.

سچائي ۽ محبت سان لکڻ وارن تي اجائي تنقيد ڪرڻ بجاءِ انهن تي صحتمند تنقيد ڪري اصلاح ڪريو نہ ڪي اجايو ساڙ ڪري پنهنجي حيثيت ڪيرايو.

علي گل سانگيءَ جي هن لوڪ گيتن جي ڪتاب کي اڄ تاريخ ۾ پنهنجي جاءِ ملي آهي، پنهنجي حيثيت ملي آهي، جيڪا ادب ۾ هميشہ قائم رهندي.

ايوب گاد
لاڙڪاڻو.

۱۴ مارچ ۱۹۹۸ع

بسم الله الرحمن الرحيم

پيش لفظ

"ميمڻ عبدالغفور سنڌي"

رَندا روڙيا جَن

"محبت پاڻي مَنَ ۾ رَندا روڙيا جَن،
تَن جو صرافن، آڻ توريو اڳهايو."

ساراهيان اُهو سُبحانُ؛ جنهن جوڙيو هي جَهانُ، سج، چنڊ، تارا، ڪَتيون ۽ پٽ آسمانُ. خَلقي مُحَمد مُصطفيٰ، پوءِ جاري ڪيو فَرمانُ. آهي مڙني مَخلوقن ۾، اُتم هي بيانُ، تہ انسانَ جو آ اَعليٰ شانُ ۽ باقي سَڀ عرفان.

اَللہ تعاليٰ جي هن ڌرتيءَ تي پانت پانت جا ساهوارا سَڳهَ رکن ٿا. اُنهن ۾ ڪي ذات وارا آهن، تہ ڪن ڪي حَقيقت، نَصيحت ۽ هدايت حاصل ڪرڻ جي ضرورت باقي آهي.

سموري خلقتَ ۾ 'انسانُ' ئي هڪ اهڙي سَڳهاري ۽ سمجهه ڀَري ذات آهي، جيڪا پنهنجي خالق، رازق ۽ مالڪ کي راضي رکڻ خاطر رات، ڏينهن سَرگردان آهي. پوءِ منجهانئن جن کي اَگَ ۽ پُٺ تي نظر پوي ٿي، تہ اُهي حياتي ۽ موت جو سولائيءَ سان مطلب ڳولهي لَهن ٿا.

پر جيڪي هتي آڇي پنهنجي اَصل سُجاڻپ، وجائي، فقط پنهنجي دوڪانداري ۽ دنياداري چَمڪائڻ ۾ مَصروف گذارن ٿا، تہ اُهي سَراسر غَلطان ۾ گُنَل رهن ٿا.

اَهڙن بي سمجهه ماڻهن کي خُدا جي خليفن طرفان جَڏهو دَرس مليو آهي. پوءِ جن اُن تي هَلي پنهنجي زندگيءَ کي سَجايو، سَڌلو ۽ سَڪارتو بَڻايو، تہ اُهي ڪَٽي چڙهيا. پر اَڄا بہ جن اوڏانهن ڌيانُ نہ ڏريو، تہ اُهي سدائين توتي ۾ رهيا. هُوننَن بہ اها چَوٽي عام آهي، تہ "خُدا جي نيڪ بَندن جي زماني کي ضرورت آ" مصداق چگن جي چوڻ کي جتي ڪٽي مانُ ملي ٿو.

آسان جا سَالڪ، سَپورنج، سَروبچ، سُگهڙ ۽ شاعر هن ڏس ۾ پنهنجو اَنمول آواز بُلند ڪري چُڪا آهن. خاص طور تي سندن جوڙيل سُخن جو سلسلو انتهائي سيبائتو ۽ سَليقي مَند ثابت ٿيو آهي.

اُنهن جا بَولَ ۽ قولَ اَڄ بہ اسان لاءِ رهبريءَ جو ڪم ڪن ٿا. سنڌ جا صوفي بُزرگ بہ هن خاص عمل هيٺ دفتر پَري ويا آهن. لاڙڪاڻي جي

شاعريءَ جي اسڪول مان جنهن تيز رفتاريءَ سان اَدبي رنگ، عُروضي اَنداز ۾ رَچي ريٽو ٽيو؛ اُن جو بيان لفظن ۾ ختم ٿيڻ جوڳو نه آهي. البت اُن لاءِ "انسائيڪلوپيڊيا" (Encyclopaedia) جهڙي تَرتيب گُهربل ٿيندي!

لاڙڪاڻي ضلعي جي صوفي شاعرن جي تَذڪري ۾

فقير عُثمان سانگي (١٧٧٨ع - ١٨٦٠ع) (١) کان پوءِ فقير چَتو سانگي (١٨٢٢ع - ١٨٩٢ع) - پَلا ناليرا شاعر شُمار ٿين ٿا.

سُٽت ئي خاندان سان واسطيدار نالن ۾، سانگي مولا بخش "ساغر" (١٩٢٤ع - ١٩٩١ع) جو نالو نيابت رکي ٿو.

(٢) هن وقت 'دوڏائي ڳوٺ' جو دَوارُ، جناب علي گُل سانگي صاحب (ولادت، ١٤ سيپٽمبر ١٩٥٢ع) جو شعر، عوامي حَلقن ۾ خاصي اهميت رکي ٿو.

جناب علي گُل سانگي، لاڙڪاڻي جو لامع ۽ لائق شاعر آهي. سندس "گيتن" تي ٻَڌل، نئُون مجموعو مُنهنجي آڏو آهي.

سُخن جي سلسلي ۾ سندس هي پنجون ڪتاب آهي. شايع ٿيل چئن آڳاٽن ڪتابن (٣) جو مُون سَرسري جائزو پڻ ورتو آهي.

سندس شاعريءَ ۾ ديسي ماحول ۽ خاص طور تي سنڌ جي تَهذيب ۽ ثقافت بابت واضع صورت نُمايان رهي آهي ۽ ساڳئي وقت اَخلاق، تَصوف، عقيدت ۽ مَعاشي و مُعاشرتي مسئلن جي به عڪاسي ڪئي وئي آهي. هن، سنڌ جي سَيِيتا (تمدن) کي

---

(١)- فقير عُثمان ولد خير مُحَمد سانگي، تعلقي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ، 'جاماڻي سانگي' جو رهاڪو هو. سندس ڪلام راقم الحروف (پروفيسر ڊاڪٽر ميمڻ عَبدُالغَفُور سنڌي)، سال ١٩٨٣ع ۾ شايع ڪرايو آهي. هن وقت بلڪل نايابَ آهيَ. (٢)- جناب "ساغر" صاحب 'سيشن جج' (Sessions Judge) جي عهدي تي فائز هو. نهايت ايماندار ۽ قابل دماغ شخص هو. عُروضي شاعريءَ ۾ سندس به لاجواب ڪتاب "دور ساغر"؛ ١٩٧٤ع ۽ "ساز زندگي"؛ ١٩٧٨ع) پَڏرا ٿيل آهن.

(٣)- (الف) - پير ۾ پينگهه (شاعري، آگسٽ ١٩٩٢ع)

(ب) - ڪنڌيءَ نسريا ڪانهه (مُتفرق شاعري؛ جنوري ١٩٩٤ع)

(پ) - پيرن پنڌ ڪنڌياس (بيت ۽ ڪافيون؛ ڊسمبر ١٩٩٥ع)

(ڀ) - نيڻ ڳالهائن ٿا (غزل؛ آڪٽوبر ١٩٩٧ع)

اُجاگر ڪرڻ سان گڏ پوکي - راهيءَ جي طريقن، ڏنڏن - ڏاڙين، ڏيکَ - ويکَ ۽ وٽج - واپار کي به نه وساريو آهي. سانگي صاحب شعر جي وسيلي سنڌي رسمن ۽ روايتن کي برقرار رکڻ ۾ ڪا ڪَسر نه ڇڏي آهي. ايتري قدر جو هن 'جوڳين جي جارَ' ۽ 'گوءِ جي گيرب' کي پنهنجي وَزنائتي شاعريءَ جو موضوع مقرر ڪيو آهي؛ جنهن ڪري جابَجا جوڳو توجه ڏيرايو آهي. ڪيترن تاريخي آحوالن، بانڪن ڀَهادرن ۽ قديم ماڳن - مَڪانن جي وَضاحت بَروقت اَدا ڪرڻ سان اها سوچ سندس مُطالعي ۽ معلومات جي مقناطيسي خُوبين جي مُتقاضي بَڻيل آهي. حضرت پيران پير دستگير سيّد عبدالقادر جيلاني رح، قلندر لعل شهباز سيوهاڻي رح، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح، سچل سرمَست درازي رح ۽ پياري مُرشد، پير صاحب پاڳارو جهڙن اَمر ۽ اَوسار هَستين بابت به پنهنجي اصابَت، اطاعت ۽ سُجائپَ گهَرائيءَ سان نروار ڪري ٿو.

"گُجر پَائي گج"، فاضل فائق جو "لوڪ گيتَن" جو گُٽڪو آهي. هي مجموعو 'لوڪ شاعري' جي اُفق تي اُهو آفتاب بَڻجي اُپريو آهي؛ جنهن جي لاتَ ۾ ڪيترن تارن جي جوت جهڪي رهندي!

'لوڪ گيتَ' نهايت نبابت سان عورتن جو گُهٽو آهن؛ ۽ خاص طور تي اُنهن جي خُوشيءَ خاطرَ وڌي شانَ ۽ شوڪت سان سينگاريا ويندا آهن. عام طرح "لوڪ اَدب" سلسلي جي هيءَ مقبول عام صنف سڏجي ٿي؛ ۽ اهو ئي اَهم، عَظيم، عَقيل ۽ عَميق سَرمايو، سنڌيَ ٻوليءَ ۾ عوامي اُمنگن جو آئينه دار ۽ سَرچشمو بَڻيل آهي. منجهس عوامي زندگيءَ جي اُپتارَ جنهن پَرپُور احساسات، تَصورات، جذبات، خُواهشات ۽ روايات کي 'گيتَن جي گُفتار' وسيلي ڪئي وڃي ٿي؛ اُن جو ٻيو مثال ملڻ مُشڪل آهي.

"لوڪ گيت"، سنڌ جي ثقافت جو سچو سَرمايو آهن. روزمَره جي محفلين ۾ شاعر، سُگهڙ توڙي ڳَائڻا، پنهنجي مَخصُوص اَنداز ۽ لَئي ۾ اَچي، دلين کي پُر بَهار بَڻائڻ لاءِ 'لوڪ گيتَ' جو سَهارو ونندا آهن. زياده تَر پيار جو پيغام ۽ سڪ جو سَنيهو، لوڪ گيتَ جو روح رچندڙ عُنصر آهي. سنڌي سَماجهن وَٽ هي 'عوامي اَدب' وڏي ڀاڀوه سان سِينن جي صندوق ۾ سانديل آهي. خاص طور تي عورتون، انتظار ۽ اوسيڙي جي ڪيفيت ۾ گيتَن کي هٿيار طور استعمال ڪنديون آهن. اَڪثر ڪري خُوشيءَ جي خاص موقعن تي، شادي - وهاڻ جا گيت ڳائي رونق اَفروز رهنديون آهن. پُٽَ جي جنمَ جي خُوشيءَ، سُنت يا طُهر جي رسم اَدا ڪرڻ، مَڱڻي جي موقعي تي يا مُرشد جي آمد وقت، خاص طور تي گيتَن

جو گربانُ کُلیل نظر اندو آهي. بعض اَوقات پنهنجي آڻ - وسرندڙ واقعن، عبرت خيز يادن ۽ ورهَ جي وڇوڙن کي به 'لوڪ گيتن' جو موضوع بَڻائي، پاڻ کي جَڇهو آڻتُ ڏيندیون آهن. سنڌي ماڻهو، حضرت بادشاهه پير دستگير رح کان علاوه بُزرگن، پيرن فقيرن، درويشن ۽ وليَن سڳورن جي شانَ ۽ مانَ ۾ گيتَ جوڙي، پنهنجي اَندر جي اُکيرَ جو واضع طور تي عقيدت سان اظهار کندا آهن.

'لوڪ گيتَ' ، هڪ خاص تَرنم سان گَايا وَڄايا وڃن ٿا. اُنهن جي ستا به نهايت دلپَذير ۽ دلچسپ آهي. بولَ، عوامي اَنداز ۽ مُوسيقيءَ جي مامَرَ ۾ تُبيل ٿين ٿا. عام طرح گيتن ۾ ٿَلهه" ۽ پوءِ مصرعون تَرتيبَ ڏنيون ويندیون آهن. بيلهڙ، جَمالو، چَلو، لولي ۽ مورو وغيره هن قسم جا خاص نمونا بيانَ هيٺ اَچن ٿا. هوڏانهن ڏَر ۾ بادلو، پَٹهاري، چؤماسو، کَجليو ۽ هَمرچو گيت وڏي اَهميت ۽ عظمت جي نگاه سان نهاريا وڃن ٿا.

"گيتَ" کي سَولي سنڌيءَ ۾ 'سَهرو، گيچُ يا لاڏو' چئبو آهي. شاعريءَ جيَ زبانَ ۾ هيءَ لطيفَ ۽ نازڪ صنف سَڏجي ٿي. زالون، کُومل جَذبي ۽ خاص لَهجي ۾ اُن کي اَهڙي عُمديَ ۽ نماٹي اَنداز ۾ گائين ٿيون، جو ٻُڌندڙن جي اَندر ۾ جُملا جَلد پيهي وڃن ٿا. سنڌي شاعريءَ ۾ 'لوڪ گيتَ' تَهذيبي، تمدّني، ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان بُلند حيثيت ۽ امتيازي خُصوصيت رکن ٿا. سنڌ جي کُنڊ - کڙڇ ۾، خاص طور تي شهرن، ڳوٺن واهڻ ۽ وَستين ۾ موقعيَ به موقعي هن قسم جا گيتَ تَرنم سان گَايا - وَڄايا وڃن ٿا کجهه 'لوڪ گيتَ' اَهڙا به آهن، جيڪي "ناڇَ" وسيلي نباهيا ويندا آهن. خاص ڪري "جَمالو" هن ڏس ۾ مثالي حيثيت جو حامل آهي. مطلب ته هي "عوامي گيتَ" 'پرجهه ۽ پَروڙ وسيلي، سنڌين جو سَڪارتو قومي ذخيرو' ثابت ٿيا آهن.

لاڙڪاڻي جي اَدبي تاريخ تي نظر وجهڻ سان اسان کي ماضي توڙي حال جي حقيقت چٽيءَ طرح سان معلوم ٿئي ٿي. اَسان جا اَديب توڙي شاعر، وڏي سُوجهه - بُوجهه رکن ٿا. اها خاصيت منجهن مُشاهدي جي قُوّت کي اُجاگر ڪرڻ ۾ ڪافي ڪَٹرائتي ثابت ٿي آهي. هتان جو ڳوناٹو شاعر، مُحترم علي گُل سانگي، جيتوٹيڪ بالڪل وبجهڙائيءَ ۾ رهي ٿو، پر اَڄ تائين آءٌ سندس صورت کان قَطعي طور تي وَانجيو رهيو آهيان. سچ پَچ اها 'نا آشنائي' هرگز نه چئبي ڇاڪاڻ ته ماڻهوءَ جي 'چَمَ' کان وڌيڪ اُن جي 'ڪر' تي جيڪڏهن حقيقي ڏيانُ ڏَريل آهي، ته پوءِ اُها 'آڻ - ڏيڻ' به نه چئبي!

هن عوامي شاعر جو كلام، هُوننَ بہ آءٌ كنهن راهہ - رستي، گهٽيءَ - گهر - يا ڳوٺ ۾ وڃان ٿو، تہ سندس شعر ريڊيو ۽ ڪيسٽن وسيلي ٻڌندو آهيان. اها ڪيڏي نہ خُوش قسمتي چئبي، جو بالڪل ٿوري وقت اَندر هُن، پنهنجي فَن ۽ فڪر وسيلي پاڻُ وَٽايو آهي.

سندس شاعريءَ ۾ تَمثيل نگاري، سيرت نگاري، مَنظر نگاري ۽ واقع نگاريءَ کي جيءَ ۾ جاءِ مُماثلتَ ۽ مُناسبت سَان مليل آهي. سنڌين جي صَدري خزانن ۾ سانديل تاريخي خُواه نيم تاريخي داستان، جيڪي روماني رنگ ۾ رَچيل آهن ۽ قصّن جي قداور ڪا ٻاري ۾ سينہ بہ سينہ دلچسپي ۽ وِندر وِرونهن جو باعثَ بَٽيل آهن: مثلاً: اوڏنڙ ۽ لاکو، سورٺ ۽ راءِ ڏياچ، عُمر - مارئي، ليلا - چنيسر، سَسئي - پُنهون، سهڻي - ميهار، مومل - راڻو ۽ هيرَ - رانجهو وغيره کي بہ سانگي صاحب پنهنجي گيتَن ۾ جالاري جاءِ ڏني آهي. تماڻائي ۽ نهنائي، شاعر جي شعر جي خاص خُوبي بيان لائق آهي. هيٺ، سندس تَرتيب ڏنل گيتن جو مُختصر جائزو مُلاحظ فرمايو:-

هڪ مُسلمان شاعر جي حيثيت ۾، پنهي جهانن جي سَردار سائين، آقاي نامدار حضرت مُحمّد مُصطفيٰ اَحمد مجتبيٰ صلي الله عليه وَسلم جن سان کيس جَجهي اُڪيرَ دل ۾ سانديل آهي؛ انهيءَ مديني سرڪار کي اَندر جي اُڀڙاڪ آواز وجان "هڪ گيت" ۾ رحم جي درخواست ڪندي هن ريت سَڏي ٿو:

"مُنهنجا مديني جا ميرِ منڙا مُحمّد منڙا مُحمّد،
مُنهنجون تو پُجايُون، مُنهنجون تو پُجايُون".

اُن کان پوءِ نبي سائين ... جي شهر کي سڀ کان پَلو پائڻين ٿو: ۽ اُتان جي هر شيءِ کي خُوشيءَ سان پسند ڪندي چوي ٿو:

"مديني شهر مان مُنڊي جا گُهرايم،
مٿان اُن جي هيرا موتي جَڙايم".

حضرت بادشاه پير دستگير، سيّدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه لاءِ وٽس بي حد احترام ۽ اَدب آهي. هر وقت کيس واهر لاءِ واجهائيندي چوي ٿو:

"مُنهنجا پيرَ دستگيرَ محبوب سُبحاني،
اَڙين جو آڌار تُون، هيٺن جو مددگار تُون".

حضرت لعل شهباز قلندر رحمة الله عليه بابت سندس عقيدت پَرڀا جُملا قابلِ احترام آهن. سندس وگيانَ ۽ ولايت جي اَعتراف ۾، "سانگي" صاحب جا هي لفظ ڪيترا نہ اَمر ۽ اَملهہ نُما بَٽيل آهن: اُنهن

کي اُميرِ قَيري چوي ٿو:

"سيوهاڻي شهباز قلندر، جاڻين دلين جا ٿو راز قلندر،
سوالين جا ٿو سوال پُڄائين، اَڏبن جي، آڌار تُون آهين".

پنهنجي لاجواب گيتَن ۾، دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه کي هن ربت ياد ڪري ٿو. هڪ هنڌ چوي ٿو:

"سنڌڙيءَ جا سائين، جيءُ تُون سدائين؛ پِتَ جا پٽائي،
سنڌڙيءَ جو سَردارُ تُون، سنڌڙيءَ جو سِينگارُ تُون،

فاروقي درگاهه درازا شريف جي صوفي سَرمَست رحمة الله عليه سان به عُمدي عقيدت وَندي ٿو. انهيءَ لاءِ مُعدب انداز اَختيار ڪندي چوي ٿو:

"سچل سائين مُنهنجو آهين سَردارُ تُون،
در تُنهنجي دانهيندا اَچُون،نَنگٽا نماڻي، ڳائيندا اَچُون."

جناب سانگي صاحب، پاڳارا پيرَن جو سَتَ پيڙهيو مُريد آهي. سال ١٩٦٤ع ۾، پير صاحب دودائي ڳوٺ ۾ آيو. پاڻ اُنهن ڏينهن ۾ فقط تيرهن سالن جو ٻار هو. اُنهيءَ تاريخي ڏينهن کي 'يادگار' رکندي، مُرشد جي شانَ ۾ 'گيتُ' جوڙيو اَٿس. هن ۾ سندس تعريف ڪندي نه ٿو ڏاپي. ايتري تائين جو مٿس "سرُ قُربان" ڪرڻ کان به نه ٿو ڪيڻائي؛ چوي ٿو:

"منهنجا مُرشَد پاڳارا تو تان گهورَ ٽيان مان،
حُرن جو سَردارُ تُون، پيرن جو پَڳدارُ تُون."

سنڌ جي پَکين، جانورن ۽ جيتَن مُتعلق به "سانگي" صاحب جو هڪ رُخ تيز نظر اَچي ٿو. فَصلن بابت به سندس سوچ سَجائي سَنواريل آهي. جڏهن ساربون پَچي راس ٿين ٿيون، ته اوڙي - پاڙي کي سَڏي ونڊي ٿو، ته جيئن اُهي هَلي سَتَ ڪن. حقيقت ۾ راهڪَن کي 'هوشيار ڪرڻ' لاءِ هي آواز آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن اَن اَچو ڪبو، تڏهن ئي ته هٿان جو هاري - ناري سُکيو - سَٽابو رهندو! اهڙو خيال سندس هڪ 'گيتَ' ۾ هن ربت رقمطراز ٿيل ملي ٿو:

"هَلو هَلو سَرتيون ساربون لَٽيون،
هَلو هَلو سَرتيون ساربون سَٽيون."

آسان وٽ جڏهن 'جُوئر' پَچڻ تي اَچي ٿي، ته اُن کي پکين لاءِ پَهرو گهُربل ٿئي ٿو. انهيءَ اُپاءَ لاءِ پهريائين "پيهو' (مَنَهُن) تيار ڪبو آهي. اهو مَنظر پنهنجي 'گيتَ' ۾ سانگي صاحب هن ربت چِٽيو آهي:

"جهار جُوئر ۾، هو هو هو،

كَنُ كانياٽي، هن کو ڳوڙهو."

سانگي صاحب، ٿَر جي لوڪ گيتَن کي به نه وساريو آهي ۽ کتاب ۾ جالاري جاءِ ڏني آهي. هن سلسلي ۾ به گيتَن جي گُونجارَ، سندس سَڪار تي سوچ شمار ٿئي ٿي. 'ڪانگَ' کان 'قاصد' جو ڪم ونڻ، جوڳين جي مُرلي وڄائڻ ۽ ريل گاڏيءَ جي سَفر وغيره جهڙا مثالي مامرا، گيتَن جي مَضمُونن ۾ مَيا ويا آهن. جڏهن به اُتان جي نياڻي (ٿَرپَڪاڻي)، پَرديس ڏانهن پَرٽجي ويندي آهي، تہ وڇوڙي سببان واندائيءَ ۾ وينِي پنهنجا مارو ياد ڪندي آهي. انهيءَ جهوراٽي ۾ جهجندي ۽ جُهرندي رهندي آهي؛ ۽ بَعض اَوقات وري اوراٽا ڏيندي ڏيندي مائٽن جي شين کي به ياد ڪندي رهندي آهي. اهو نظارو چٽيندي شاعر چوي ٿو:

"ٿَر جي چوري، جهورن جهوري،
مارن لاءِ ٽي سِڪي سِڪي،
سانگين لاءِ ٽي سِڪي سِڪي."

ٿَرَ جون مايُون ۽ مَتواليُون، پاڻي پَرڻ لاءِ پَري پَري تائين پهچنديون آهن. پوءِ جڏهن کوهه تي پهچنديون آهن، تہ هاريءَ کي وڏي واڪي سَڏي چونديون آهن، تہ "اَدا هاري! ايتُ ڇاڙهي، اَسان جا دلا پَراءِ!! اسان تہ اُجاريُون آهيون، پر اسان جا وَهَتَ (ڏاند) وغيره به پاڻيءَ جا پياسا آهن!! سانگي صاحب سنڌن دل جي ترجماني ڪندي گيتَ ۾ هن ريت رقمطراز آهي:

"اَدا ڏي هاري ڏاندن وارا، بَڈُ تُون ڏاند ٻڌي ايتَ ۾،
اَسان پاڻي پَرينديون سي. پاڻي پياسون اَسين ويچاريون".

گهٽو وقت گذرڻ سان اَڪثر ڪري 'ٿَربليون'، پيڪَن کي سارينديون آهن. پنهنجي انهيءَ سڪَ کي سِيني جي صندوق ۾ سانڍڻ بدران، هر اُنهيءَ واٽهڙوءَ کي پيون واجَهائينديون آهن، جيڪي سندس مائٽن کي سُجاڻن ٿا يا وري سنڌن اوڏي - پاڏي يا پَسگردائيءَ ۾ رهن ٿا؛ اُنهن کي پنهنجائپَ وچان سَڏي، مائٽن ڏانهن نياپو - سَنيهو موڪلين ٿيون. هڪ لاڏي (گيتَ) ۾ اهڙو خيال هن ريت آندو ويو آهي:

اَدا ڏي اوني، اتي ٻيهه اتي، مُنهنجي بابل جا، هَنڌا چُمي،
مُنهنجي جيجل جا، پيرڙا چُمي، مُنهنجو نياپو ڏجاءِ.

پوءِ جڏهن ڪنهن ٿَربچيءَ جي موڪل بَندَ ڪن ٿا، تہ اَڄا به اوچڪارُون ڏئي چوي ٿي، تہ

"موڪل مُنهنجي بَند اَتُوَ، مُنهنجي اٽو کا خبر لَڏَوَ.

چَنجان مُنهنجا سُورَ سَمورا، ظلم پَربا مَذكُورَ سَمورا."
اَهڙي ڏُکويل زال، پنهنجي 'نيابي' کي نيابَت ۾ رکندي چوي ٿي:

نياڻين کي نہ وسارجي،
سَگَ "سانگي" ڏئي سَارجي.

مَطلب تہ هن پَلي مانس، عورتن جي زباني، "کانگڑو" (کانگُ اُڏائي، اُکيرَ ظاهر کرڻ) کي مُتعارف کرائڻ ۾ پَرپُور صلاحيت کي سامهون رکي "گيتَن" جي دنيا ۾ ناز پَربو نالو نروار کيو آهي. سَچ پچ مُون کي ائين لکڻ ۾ هر گز پڏاءُ، ڏيکاءُ يا وَڏاءُ نہ ٿيندو، تہ مُحترم علي گُل سانگي صاحب جنهن جوان جَذبي سان "شعر جي زبان" وسيلي پنهنجو نالو اَدب جي ميدانَ ۾ مجرايو آهي: اُن کي عوامي اُمنگن جو هڪ پاسي 'آواز' چوڻ ۽ ٻئي طرف سُخنوَر سلسلن ۾ سندس شاهڪار مَجمُوعا مثالي حيثيت جا حامل بَڻيل آهن. سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي زبان (١) ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي اَٿس. انهيءَ افاديتَ ۽ علمي ڏاهپَ اڃا بہ سانگي صاحب جو سَوايو قدر آشڪار رکيو آهي.

مَذكُور ڪتاب ۾ "ٻيلڙ" جي عُنوان سان اَهڙو هڪ گيتُ بہ ملي ٿو؛ جنهن ۾ خاص طور تي عورتون، پنهنجي سُهاڳ (مڙس) کي پرديس وڃڻ جي تيارين ۾ ڏسي- وانسي وڇوڙي جو وقت ياد ڪري، ٻيلهہ وٺي وڃڻ لاءِ اُداسُ رهنديون اَهن. پوءِ هن قسم جو سَهرو آلاپڻ شروع ڪنديون آهن. مثال خاطر هڪ بند هيٺ مُلاحظ فرمايو:-

"اُٺ پَلاٽي خُوش پيا ٿيندئين، پرديس پيا وينديئن،
مين رُو رُو حال وڃاوان، ٻيني ٻيلڙ تيڏا ڳاوان."

سنڌي اَدب جو اَدنيٰ خادم
پروفيسر ڊاڪٽر ميمڻ عَبدُالغَفُور سنڌي

الرَّحيم منزل، غفُور آباد
ميمڻ محلو لاڙڪاڻو، سنڌ.
آچر، ٢٢ رجب المرجب ١٤١٨هـ
٢٣ نومبر ١٩٩٧ع

سنڌي لوڪ ادب

حڪيم "احسن" سنڌي

هر زبان هر قوم کي پنهنجي لوڪ ادب جو ذخيرو هوندو آهي، کا اهڙي قوم کوڻ آهي، اهڙي کا بولي کوڻ آهي جنهن وٽ ان جو لوڪ ادب نہ هجي. لوڪ ادب جي معنيٰ آهي عوام جو ادب عام ماڻهن جو ادب. لوڪ سنسڪرت جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ماڻهو يا عوام، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Folk، جرمن زبان ۾ Volk چوندا آهن. بهر حال لوڪ ادب خالصتاً عام ماڻهن يعني عوامي ادب کي چيو ويندو آهي. ارڙهين صديءَ ۾، هڪ جرمنيءَ جي ڏاهي "جان گٽفي" (Johann Gottfi) جي بقول تہ "ڪنهن بہ قوم جو بنياد عوام جي تخليقن ۾ آهي". جرمنيءَ جي انهيءَ ڏاهي جو سنئون سڏو اشارو لوڪ ادب ڏانهن ئي آهي.

اسان جو سنڌي لوڪ ادب بن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصو نثر جو اٿس، جنهن ۾ لوڪ کهاڻيون، لوڪ داستان ۽ لوڪ قصا اچي وڃن ٿا. لوڪ کهاڻين، داستانن ۽ قصن ۾ عوامي همدردي، نيڪي، بدي، بهادري، تڪليفن، پيڙائن، پوڳنائن، مسئلن، ماجرن، مشڪلاتن ۽ مختلف انساني روين جي عڪاسي ٿيل هوندي آهي، انهن جو بيان عوامي رنگ، يعني سادي سلوٽي بوليءَ ۾ ٿيل هوندو آهي.

لوڪ ادب جو ٻيو حصو آهي نظم وارو حصو، جنهن ۾ لوڪ شاعري اچي وڃي ٿي. لوڪ شاعريءَ ۾ وري، لولي، چيٽو، مورو، اونيٽڙو، ٻيلڻ، لاڏو، ڏاتيٽڙو، مانجهيٽڙو، جمالو، ماهيا، هنيوچي،

ايگو، چلڙو، ليالو ۽ ڳيچ يا سهرو وغيره اچي وڃن ٿا. اسان انهن سيني ذکر کيل تخليقن کي لوڪ گيت چوندا آهيون ۽ هڪ گيت جا چونڊ نمونا آهن. مٿيان لوڪ گيت هر هڪ علاقي جي حوالي سان مشهور ۽ مروج آهن. هر لوڪ گيت کنهن موقعي ۽ محل مطابق ناهيل هوندو آهي ۽ موقعي محل جي مناسبت سان ئي ڳايو ويندو آهي. لوڪ گيت مان قوم جي رسم، رواج، تهذيب ۽ ثقافت جو پورو پورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڇو ته اهو لوڪ ادب ئي آهي جنهن ۾ عوام جي جذبن، اُمنگن ۽ حسرتن جو احوال اوريل هوندو آهي. جنهن ۾ عوام جي مختلف موقعن، محلن ڏڻ يا ڪن ٻين واقعن تي مقامي ماڻهن جي شاعرانه ڪوشش سان شايد هن صنفن جو رواج پيو.

لوڪ گيت ۾ در حقيقت خوشيءَ جو اظهار ٿيل هوندو آهي جيڪو ڪنهن نه ڪنهن موقعي محل پٽاندر هوندو آهي ۽ لوڪ گيتن ۾ ساڻئي ٻي وقت عوام جي ڏکن سورن ۽ مسئلن کي به آندو ويو آهي. خاص طور تي عورتاڻي ٻوليءَ ۾ لوڪ گيت سورن ۽ پورن تي مبني هوندا آهن، جن ۾ اوسيئڙو، انتظار، اذيت ۽ سمايل هوندي آهي ته عاشقيءَ وارا عنصر به موجود هوندا آهن. يا عورتن جي حوالي سان پيڪن (اباڻن) ڏانهن عورتون آهون دانهون لوڪ گيت ۾سمائيندين آهن. ۽ اهڙن دردبلن لوڪ گيتن جي ٻڌڻ سان سڄ پڄ جيءُ جهري پوندو آهي، دل تڙپڻ شروع ڪندي آهي ۽ اکيون ڪڪر وسائڻ لاءِ مجبور ٿي پونديون آهن. لوڪ گيت جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ ۽ ڪيئن ٿي؟ اهو سوال ته اپري ٿو پر ان سوال جو جواب ڏيڻ ناممڪن آهي پر ڪي قياس آرايون ضروري آهن. ايئن ضرور چئبو ته لوڪ گيت هڪ پراڻي کان پراڻي صنف آهي. منهنجو ذاتي خيال آهي ته لوڪ گيت جو اصل ۾ بنياد ۽ بُڻ (Base) ڳيچ آهي، جيڪو نهايت پراڻو آهي ڇو ته اڳ جي ڳيچن ۾ به ساڻئي خيالن جي سادگي پئي ڏسجي ۽ ان سان گڏ عوامي موضوعات به ڏسجن ٿا. اهڙو خيال ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو به آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي بقول ته "تاريخ شاهد آهي ته پهريون خون دنيا ۾ هابيل جو ٿيو ان قضئي تي حضرت آدم عليه السلام توڙي بيبي حوا (ٻنهن) ضرور نيٽين نار وهايا هوندا ۽ بي اختيار دل مان کجهه آلاپ کڏيا هوندا. جيئن ته مرد جي مقابلي ۾ عورت جو مزاج وڌيڪ جذباتي ۽ قرباني وارو هوندو آهي. تنهن کري، تي سگهي ٿو ته عورت جي جذبن ۽ احساسن شعر جي صورت ورتي هجي. اهي جذبا اهي احساس اهي امنگ موقعن پٽاندر اٽن تا. جيڪڏهن خوشيءَ جو موقعو آهي ته خوشيءَ جا گيت جيڪڏهن غم جو موقعو آهي ته اوسَارا ۽ پارَ پڏرا ٿيو پون تنهن کري ايئن چئي سگهبو ته "سهرن جي شروعات آڳاٽي ۾ آڳاٽي صنف آهي". (لوڪ ادب جو تحقيق جائزو صه ٦٥-٣٦٤- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو).

سنڌي ادب ۾ لوڪ شاعري جي بنياد کي ڏسجي ٿو ته اهو زبان دورزبان/سينه به سينه منتقل ٿيندو آيو آهي. ۽ جڏهن لوڪ شاعري تحريري صورت اختيار ڪئي ته اهو زمانو تمام گهٽو پوءِ جو آهي، جڏهن صورتخطي يا رسم الخط جو رواج پيو. هونئن به ڇيو وڃي ٿو ته سومرن جي دؤر ۾ مرکان شيخڙ سنڌي ادب جي پهرين شاعره آهي جنهن ڳيچ سرجيو. پر ڏسجي ٿو ته ان زماني کان اڳ به ڳاهه جي شاعري ڪئي وئي هئي. ڇو ته ڳاه جي شاعري به سومرن جي دؤر ۾ چارڙ، پٽ ۽ پان لوڪ قصن ۾ رس رچاءُ پيدا ڪرڻ لاءِ وچ ۾ ڳاهه ڳائيندا هئا. جن جو ستاءُبيت وانگر هوندو هيو. بهر حال ڳاهه جي شاعري به لوڪ شاعري چئبي.

ڳاهه کي ئي لوڪ شاعري جي حوالي سان، لوڪ گيت جو بنياد چئجي پر اصل ۾ ڳاهه جي شاعري بيت جي ستاء ۾ کئي وئي آهي جڏهن ته ڳيچ ۽ لوڪ گيت جو فني ستاء ملندڙ جلندڙ آهي. لهذا ائين ئي چوڻ مناسب ٿيندو ته لوڪ گيت جو بنياد ڳيچ ئي آهي ۽ اهو ڳيچ ئي ان دؤر جو لوڪ گيت چئجي ته غلط ڪونه ٿيندو.

سومرن جو دؤر ١٠٥٠ع کان ١٣٥٠ع تائين هيو جڏهن ته سنڌيءَ بوليءَ جو پهريون رسم الخط جيڪو پير صدرالدين شاهه

جيڪو اسماعيلي مذهب جو داعي هيو انهي چاليهه اکري/ خواجڪي سنڌي ناهي. اهو دؤر ته هيو رسم الخط جي نهٺ جو پر ڳيچ يا ڳاهه ته انهن کان اڳ جي شاعري هئي.

ڳيچ بابت محمد سومار شيخ لکي ٿو ته "مرکان شيخڙ، سومرن جي ڏينهن جي شاعره آهي، سندس گيت درگاهه شيخ پير قرهيو پانڌاري سان وابسته آهن. مذکوره پير اٽڪل ٧٠٠ هـ يا ٺورو اڳ ٦٩٦هـ ڌاري وفات ڪري ويو. مرکان شيخڙ پنهنجي مرشد جي وفات کان پوءِ به گهٽ ۾ گهٽ ٢٥- ٣٥ سال زندهه رهي هوندي. سندس ڪلام ۾ اهڙا اشارا ملن ٿا..... مرکان شيخڙ پنهنجي مرشد حضرت پير شيخ قرهيه پانڌاري رح کي ڳايو آهي".

(لوڪ ادب جو تحقيق جائزو صه ٣٦٥- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو).

متين تحقيق مطابق چئي سگهجي ٿو ته ڳيچ سومرن جي دؤر کان ئي سرجيل تخليق آهي. اڇڪلهه جي لوڪ گيت يا ڳيچ ۾ هوڻڻ ۽ خيال جي ادائگي، سٽاءَ، موضوعات، جهيلار، رڌم، تقريباً ساڳيو آهي. باقي جي ٺورو فرق آهي ۽، ته تمام ٺورو آهي جيڪو پراڻي وقت جي ڳيچ ءِ اڇڪلهه جي مروج لوڪ گيت ۾ آهي اهو قافيه ۾ ٺوري تبديلي آهي. يا ائين چئجي ته اڳ جو ڳيچ يا لوڪ شاعريءَ ۾ قافيه ڪجهه ڪمزور ۽ آهن ته مضبوط ۽ آهن پر اڇڪلهه جي لوڪ گيت ۾ خيال سان گڏ لفظ، قافيه ۽ سٽاءَ وڌيڪ مضبوط آهي.

لوڪ گيت، سنڌي گيت کان ۽ آڳاٽو آهي سنڌي گيت ته هندي ادب کان سنڌي ادب ۾ آيو، جنهن ۾ فني سٽاءَ مضبوط آهي، ۽ يقيناً گيت، سنڌي ادب ۾ ان ڪري جلدي مروج ٿيو جو ان جي مناسبت سان ان جهڙي صنف سنڌي ادب ۾ پهريان ئي، لوڪ گيت جي صورت ۾ موجود هئي ان ڪري ئي سنڌي گيت وڌيڪ ڪامياب ٿيو. بهرحال لوڪ گيت اسان جي سنڌي ادب جي هڪ پياري ۽ نزاڪت نفاست واري صنف آهي. جيستائين لوڪ گيت جي لکڻ/ سرجڻ جو تعلق آهي ته سنڌي ادب ۾ ڪي چند شاعر حضرات آهن، جيڪي لوڪ گيت لکن/ سرجين ٿا. لهذا ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته

لوڪ گيت گهٽ لکيو وڃي ٿو. سنڌي ادب ۾ لوڪ گيت جي حوالي سان پهريون مجموعو "لوڪ گيت" جي نالي سان ڊاڪٽر نبي بخش خان جو ترتيب ڏنل آهي. ان کانپوءِ ڪي لوڪ گيت لکيا ويا آهن پر خالص لوڪ گيت جي صنف تي طبع زاد ڪوبه مجموعو منظر عام تي ڪونہ آيو آهي. ها! سرمد چانڊيو، جو "کارا ڪٽچي ريٽا گيت" جي نالي سان ۱۹۹۵ع ۾ ڇپيو پر ان ۾ به تقريباً سترهن کن لوڪ گيت آهن ۽ باقي ست پنجهٽ کن سنڌي گيت اٿس. جنهن کي به خالصتاً لوڪ گيت جو مجموعو ڪونہ چئبو.

اسان جي ڏاهي شاعر ۽ سنڌ جي نامياري "عوامي جذبن جي شاعر علي گل خان سانگي صاحب" خالص لوڪ گيت جي صنف تي هڪڙو ڇڳو خاصو مجموعو "گُجَرَ پائي گجَ" ڏنو آهي جيڪو هن جو سنڌي ادب ۾ هڪ واڌارو ضرور چئبو. ان لاءِ خاص طور تي مان علي گل سانگي صاحب کي نيبَهُ ڏينداس جو هن سنڌي بولي يا سنڌي ادب کي هڪ سهڻو ۽ سٽو لوڪ گيتن جو مجموعو ڏنو آهي.

لوڪ گيت جي فني سٽاءِ متعلق ايٿن ڇوڙ غلط ڪونہ ٿيندو تہ هن لوڪ صنف جي ڪا خاص هئيت (Form) ڪونہ آهي. لوڪ گيتَ مختلف هئيتن تي مبني هوندا آهن پر هڪ خاص ڳالهہ ضروري آهي تہ لوڪ گيت ۾ دُهراءَ / ورجاءَ (Repitation) جو هڻڻ هن صنف جي فني گهرجن کي پورو ڪندو آهي. اڪثر لوڪ گيت ورجاءَ/ دهراءَ تي مبني هوندا آهن ۽ اهڙا لوڪ گيت وڌيڪ رسيلا ۽ لئي (Rythem) وارا هوندا آهن جن ۾ ورجاءِ هوندو آهي منهنجو.ذاتي خيال آهي تہ "لوڪ گيت ۾ جيستائين ورجاءِ نہ آهي تہ انهيءَ ۾ لطف گهٽ ايندو آهي ۽ جيڪا سٽ/ مصرع يا مصرع جو ڪو پَدُ ورجاءِ طور بند ۾ رکيو ويندو آهي اهو اهڙو تہ لطيف ۽ رسدار هجڻ گهرجي جو هرهر ورجائڻ ۾ هڪ لطف محسوس ٿئي". جڏهن تہ علي گل سانگيءَ جي گهڻن لوڪ گيتن ۾ اهڙو ورجاءِ/ دهراءِ (Repitation) ملي ٿو جيڪو سندس لوڪ گيتن جي فني ضرورتن جو پورائو ڪري ٿو. هن جي لوڪ گيتن ۾ ورجاءِ جا به مختلف تجربا ملن ٿا. جيئن هر

بند جي شروعات ۾ پهرين ست/ مصرع جو ورجاء ۽ آهي ته هڪ پَدَ جو ورجاء ۽ آهي. بند جي وچ ۾ ۽ ست يا پَدَ جو ورجاءُ ۽ ملي ٿو. مان سمجهان ٿو ته علي گل سانگيءَ جي اها هڪ چڱي خاصي خوبي ڳٽبي، جيڪا سندس فن ۾ شامل آهي. ورجاءُ/ دهراءَ جا ڪجهه بند هيٺ تحرير ڪيان ٿو.

بند جو اڳيون ورجاءُ:

صبح سويرو اٿندي آهي،
سونهن سنواري رکندي آهي.
صبح سويرو اٿندي آهي،
من کي موهي رکندي آهي.

بند جو پويون ورجاءُ:

پاڻي پريم مون کي هڏکي اچي وئي،
سانگن سنياريو مون کي مارن سنياريو.
ڳيڙو ٻڳم مون کي هڏکي اچي وئي،
سانگن سنياريو مون کي مارن سنياريو.

بند جو اڳيون ۽ پويون ورجاءُ:

ڍٽ جا ڍاڻي ڍول منهنجا،
ڏاڍو پنڌ پري،
آءُ کو قرب ڪري،
ڍٽ جا ڍاڻي ڍول منهنجا،
هيئون منهنجو ڏري،
آءُ کو قرب ڪري.

علي گل سانگي صاحب لوڪ گيت جي صنف کان چڱي طرح واقف آهي، سندس ڏاڻءَ مٿين بندن ۾ ظاهر آهي پر انهن بند کانسواءِ ۽ ڪي ٻيا تجربا ڪيا اٿائين جن جي بيان ڪرڻ سان تحرير ۾

طوالت ٿيندي. هن صاحب جي فڪر کي ڏسجي ٿو تہ هن سادي صنف لوڪ گيت ۾ بہ تمام سنا خيال ڏنا آهن هن صاحب پنهنجي ماحول جي اردگرد سڻي ڏموني سان مشاهدو ڪيو آهي. ٻهراڙيءَ جي ماءُ پنهنجي ٻچي کي هڪ نرالي انداز ۾ لولي ڏيندي آهي. ان وقت جيڪا هڪ جيجل ماءُ جي اندروني ۽ بيروني ڪيفيت هوندي آهي ان کي هڪ حساس طبيعت شخص ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. هن لوڪ گيت ۾ جيجل ماءُ جي اندروني ۽ بيروني ڪيفيت هوندي آهي ان کي هڪ حساس طبيعت شخص ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. هن لوڪ گيت ۾ جيجل ماءُ جي لولي قلم بند ڪئي آهي جيڪا، اٽاهہ پيار پريل، ٻاجهاري ٻولي سان، پنهنجي ٻچڙي کي لولي ٿي ڏئي. علي گل صاحب هن لوڪ گيت ۾ واهہ جو هڪ تاثر پيدا ڪيو آهي. جڏ تہ واقعي ڪا منڙي امڙ سندي ٻچي کي گودي۽ ۾ يا پينگهي ۾ يا جهوليءَ ۾ سمهاري ان کي منڙن ٻولن سان لولي ڏئي سريلا ۽ سندر آلاپ ڪڍي ڪري الله سائينءَ کي جهيٽي ۽ مَڏُر آواز ۾ ٻچڙي لاءِ ٻاڏائي ٿي. هوءَ الله سائينءَ کا ٻچي لاءِ دراز زندگي لاءِ دعا گهري ٿي هوءَ سدائين خوش رهڻ لاءِ سدائين سرهو رهڻ لاءِ ٻچڙي کان لوليءَ جي انداز ۾ ٻاڏائي ٿي، جڏ تہ واقعي ڪا منڙي جيجل آئيل ڏٺيءَ دَرَ تي آزبون نيازبون ڪري رهي آهي. علي گل صاحب هن لوڪ گيت ۾ هڪ ماءُ جي مامتا جي ٻرپور عڪاسي ڪئي آهي.

الاهو الاهو الاهو الاهو،
منهنجي ٻچڙي جو منهنجي ٻچڙي جو،
لوڏيان ويني پينگهو لوڏيان ويني پينگهو.
الاهو الاهو الله کي ٻاڏايان،
ڪندو معاف مؤلا سدائين ستايان.

مٿيون ذڪر اسان جيجل/ امڙ لوليءَ جو ذڪر ڪيوسين. ۽ ان سان گڏ لولي جا ٻيا بہ قسم ٿيندا آهن. جيئن وَرَ لولي هن ۾ وَرَ (ڪانڊ) جي عمر دراز ٿيڻ لاءِ ۽ پيار محبت جو تذڪرو هوندو آهي

ٻئي پَرَ لولي ٿيندي آهي، هن ۾ پرديسي پربنءَ لاءِ عاشقہ (عورت) ان جي وڇوڙي ورلاپ ۾ لولي چوندي آهي جنهن ۾ نهايت درد ۽ سور سمايل هوندیو آهي. ان کانسواءِ مارن جي لولي ۾ آهي جنهن ۾ خاص ڪري سنڌ جي عظيم نياڻي مارئي جون آسون، اميدون ۽ قيد کان آزاديءَ جو تذکرو هوندو آهي. پر ان سان گڏ هڪ مجازي لولي ۾ ٿيندي آهي جيڪا ۾ سور، سڪ، پيار ۽ محبت جي ڳالهين سان ٽمٽار هوندي آهي ۽ عورتاڻي زبان ۾ مؤثر انداز ۾ لکيل هوندي آهي. علي گل سانگي صاحب جيجل لوليءَ سان گڏ مارن جي لولي ۽ مجازي لولي لوڪ گيت جي ويس ۾ لکي آهي.

مارن جي مڻي لولي آ، منهنجي سانگڻ جي مڻي لولي آ،
او..... لولي لولي لولي آ.
لولي لولي لولي..... الا..... لولو لولي لولي
پانهپ جي توسان ٻولي آ.

نياڻيون نماڻيون ٿيندیون آهن. ۽ انهن نياڻين کي سنڌ جي گندين ۽ دقيہ نوسي ريتن رسمن جي حوالي سان ايڏيون تہ اذيتون ۽ پيڙائون ملي رهيون آهن جن جي ٻڌڻ سان جيءُ جُهري ٿو پوي. سنڌ جي نياڻين سان ايڏا تہ ڪَلور ڪيا وڃن ٿا، جيڪي انسانيت جي دائري کان ٻاهر آهن. جيئن نياڻين کي پيسي جي لوڀ لالچ ۾ وڪيو (فروخت) ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ سُڌ سَماءَ ئي نہ تہ هوءَ ڏکي آهي يا سکي. نياڻين کي اهڙن مَردن سان ۾ ٻهراڙين ۾ پرٽايو وڃي ٿو جيڪي بلڪل عمر جا پوڙها آهن يا تہ پيسن تي اهڙين مائرن جي خواهش پوري ڪئي ويندي آهي، جنهن جو پٽ بلڪل ٻاراڻي عمر ۾ هوندو آهي يعني اهو بالغ جسم ۽ بالغ ذهن ڪونہ هوندو آهي پر ان ماءُ کي پنهنجي پٽ جي اميد/ مراد ڏسڻي آهي ۽ اهڙي جاءِ تي ۾ نياڻيءَ کي سور نصيب ٿيندا آهن. يا تہ نياڻين کي خون جي عيوض ۾ ڏنو ويندو هيو پوءِ سندس مائٽ وَري سار ڪون لهندا هنا اهڙيون نياڻيون جڏ تہ زنده هوندي ۾ زنده لاش جيان زندگي جا ڏکيا

ڏينهن، پيڪن کان پري سدائين جيئري جدائيءَ ۾ گهارڻ تي مجبور هوندیون هیون. ۽ کي پيون به اهڙي قسم جون پوڳنائون سنڌ جي نياڻين نماڻين کي ملنديون رهيون آهن ۽ ملنديون رهن ٿيون. اهڙيون نياڻيون اندر جو اندر ۾ پيون ڳرنديون ۽ جيءُ جهوربنديون رهنديون آهن، بيوس ۽ لاچار هوندیون آهن. پوءِ اَباڻن/ مارن/ پيڪن ڏانهن پيغام پهچائڻ لاءِ مختلف وسيلا/ ذريعا ڳولڻ جون کوششون کنديون آهن ته کنهن نه کنهن طرح سڄڻ وٽ کو سنيهو پهچي ته هن ڏکيءَ يا دردن ماريءَ جي کا سار لهن. اهڙا لوڪ گيت علي گل سانگي صاحب به سرجيا آهن جن ۾ سنڌ جي مجبور ۽ بيوس نياڻين جون آهون، دانهون، پيڪن طرف پيغام، اندر جون اوتون ۽ نياڻي جي سڪ محبت جا اڻ کٽ سمنڊ سمايل آهن ڇا ته علي گل سانگيءَ جي انهن لوڪ گيتن ۾ اوسيئڙي، کَربَ ۽ سڪ جي پالوٽ ٿيل آهي. هنيان، ڦاڙ دانهون ٿيل آهن ۽ وڏا احساس ۽ جذبات سمايل آهن.

ڏارين ۾ سگَ آ کيو،
ڏارين جا سَوَ سورَ ٿَوَ..... مون کي بابل ڏنو پرٿائي.
کانگ خبر ڪج کا کهي،

جيئري ئي هيءَ مئي اٿوَ..... مون کي بابل ڏنو پرٿائي.
منهنجي پائرن کي وڃي ڪو ڇوي،
پيٽ ڏاڍي ڏکي اٿو..... مون کي بال ڏنو پرٿائي.
اداڙي اوڻي، اتي بيهه اتي،
منهنجي بابل جا هٿڙا چمي،
منهنجي جيجل جا پيرڙا چمي،
منهنجو نياپو ڏجانءِ..... منهنجو نياپو ڏجانءِ.
موڪل منهنجي بَند اَٿوَ،
منهنجي اٿوَ کا خبر لڏوَ..... منهنجو نياپو ڏجانءِ.
مون کان نه ٿا وسري سگهو،
مون کي وساري آ ڇڏيو..... منهنجو نياپو ڏجانءِ.

عورت نازڪ و نفيس هوندي آهي ۽ هن جو مزاج ڪجهه مختلف هوندو آهي پر عورت هر روپ ۾ وڏي اهميت جي حاصل آهي ۽ هر روپ ۾ عورت جي حيثيت آهي، عورت، هميشه عشقيه داستانن کي جنم ڏنو آهي اها عورت ئي هئي جنهن تيل قليل جا ڏيئا ٻاري راڻي جي راهه ڏسندي رهي. اها عورت هئي جنهن ٽرن، برن، لکن ۽ چپرن ۾ اج ۽ بک تي اڪيلي سِر پنهونءَ جو پيرو ڪٽي مڪران طرف ڪاهي هلي هئي. اها عورت هئي جنهن ساهڙ ڪارڙ سياري ۾ به سير ۾ ترندي وڃي ميهر سان ملندي هئي بهرحال عورت نازڪ نفيس هجڻ سان گڏوگڏ ارڙي ۽ اڻ موٽ به آهي هن هميشه پنهنجي پوري وجود سان مَرد/ محبوب سان پيار ڪيو آهي پَر وَري سهاڳڻ جو سندي وَرَ (ڪانڌ) سان پيار هڪ بلڪل الڳ شيءِ آهي. سر ساموندڙيءَ ۾ جيئن شاهه لطيف رحمت الله عليه وٽجارن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ وٽجاريون ويچاريون وَرَن کانسواءِ ڪهڙي حال ۾ آهن، هنن ويچارين جي اندروني ڪيفيت ڪهڙي آهي اسان کي لطيف سائينءَ پلي پت آگاهه ڪيو آهي اهڙي نموني سان علي گل سانگي صاحب به انهيءَ عورت جي احساسن ۽ جذبن کي محسوس ڪندي قلم کٽي انهن جي ڦوڙائي تي لوڪ گيت لکيا آهن، جن جا وَرَ هنن کان پري گذارين ٿا، لوڪ گيتن ۾ علي گل سانگي صاحب هنن جي دل جي ڪيفيتن کي نوٽ ڪيو آهي انهن جي احساسن ۽ آهُنِ جي عڪاسي ڪئي آهي علي گل سانگيءَ چوي ٿو ته اها وَني ڪيئن هار سينگار ڪري پاڻي پريندي جنهن جي دل ۾ جدائيءَ جا ۽ سڪ جا طوفان متل آهن جنهن جي دل ۾ سدائين وَصل جي آس رهي آهي. هن اهو ڪجهه بيان ڪيو آهي جيڪو وَرَ کانسواءِ سُهاڳڻين، سَرتين جي وِچَ ۾ هڪ ناريءَ جي دل تي گذري ٿو. هن اهي سڏڙا ۽ آواز قلم بند ڪيا آهن جيڪي بي اَختيار وَرَ لئي وَنيءَ جي واتان نِڪرن ٿا.

پٹھاري پٹھاري،
وَرَ ريءَ ويچاري..... ڪيئن سينگار ڪري.
سرتيون سَيُ سينگاريو آيون،
آپاڻ سور ٻري..... ڪيئن سينگار ڪري.
گھڙو ڪٽي سا ڪين سگھي،
ساھڙ ڪاڻ سڙي..... ڪيئن سينگار ڪري.

وڻجارا وڻجارا،
موٽ ڪيو وڻجارا.....
وڻجارا واھر ٿي،
ھاڻي سانگي ظاھر ٿي،
ياڳ ٻٽيا موچارا.....

سھاڳڻ ويچاري، سدا سورَ ماري،
پرديس ۾ وَرُ،
ڪيئن سينگار ڪري.
آھي اپاڻڪي، وَرَ ريءَ ماندي،
پرديس ۾ وَرُ،
ڪيئن سينگار ڪري.

عقيدو ۽ انسان هر دؤر ۾ لازم ملزوم رهيا آهن. خاص ڪري مشرق ۾ ته عقيدتمندي وڌيڪ آهي. اسان کي هر دؤر ۾ ڪي اهڙا شاعر لازمي مليا آهن جن کنهن نه کنهن ولي، بزرگ يا مرشد سان عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪيو آهي پر انهن جي عقيدت جو اظهار قصيدن، مرثين، مدح يا مناجات جي صنفن ۾ ٿيل آهي. علي گل سانگي هن دؤر جو اهو شاعر آهي جنهن نه صرف ٻين صنفن ۾ پر لوڪ گيتن ۾ به ڪن بزرگ شخصيتن سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي جيئن سومرن جي دؤر (۱۰۵۰ع) ۾ مرڪان شيخڙ جي ڳيچن ۾ هن جي مرشد جي تعريف ۽ عقيدت ملي ٿي اهڙي نموني سان علي گل

سانگي صاحب ۾ لوڪ گيتن ۾ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي، پير سائين پاڳاري صاحب، محبوب سبحاني، شاهه لطيف، قلندر لعل شهباز، سچل سرمست ۽ شهيد سيد اشرف علي شاهه جن جي متعلق لوڪ گيت ۾ تعريف ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

هونئن ته حضور پُرنُور حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي ثنا و صفت نعت، مولود، مدح يا مناجات ۾ ڪئي ويندي آهي پر علي گل سانگيءَ جي عقيدتمندي کي جس آهي جو هن لوڪ گيتن جي صنف ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي بارگاهه اقدس ۾ عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن. ان سان گڏ منهي محمد صلي الله عليه وسلم عربيءَ جي منهي شهر مديني منوره جو به تذڪرو ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن منهنجي من جون مرادون پڄايون آهن.

علي گل سانگي صاحب پيري مريدي جي حوالي سان پير سائين پاڳاري صاحب جن جي درگاهه جو ست پيڙهيو مريد آهي. هن پنهنجي مرشد پير پاڳاري صاحب پاڳاري صاحب لاءِ لوڪ گيت لکيا آهن ان کانسواءِ بغداد جي پير عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه ۽ سيوهاڻي سرڪار قلندر لعل شهباز مروندیءَ رحمة الله عليه لاءِ به لوڪ گيت سرجيا آهن. هن صاحب تعريف سان گڏ عقيدتمندي جو به اظهار ڪيو آهي.

سچل سرمست رحمة الله عليه روايتي انداز ۾ چوي ٿو ته هو ستن زبانن جو شاعر آهي. پر اهو مان واضح ڪندو هلان ته سچل سرمست رحمة الله عليه ستن زبانن جو نه پر، تازي تحقيق جي مطابق هو ڇهن زبانن جو شاعر آهي. (سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو) بهرحال سچل سائين جي شخصيت ۽ بزرگي سندس شهر درازن جو تذڪرو به ڪيو اٿائين. ان کانسواءِ شهيد سيد اشرف علي شاهه جي متعلق به علي گل سانگي صاحب لوڪ گيت لکيا آهن شهيد سيد جي ڪرامتن جو بيان به ڪيو اٿائين جيڪي شهيد جي شهادت کانپوءِ رونما ٿيون، سيد جي زندگيءَ ۾ علي گل صاحب جو سيد سڳوري سان دوستاڻو تعلق به هيو. پر اڄا به ايئن چوڻ غلط ڪونه ٿيندو ته

علي گل سانگيءَ جو سيد شهيد محبوب دوست هيو ۽ علي گل صاحب جي شاعريءَ جو اصل محرڪ سيد شهيد ئي آهي.

منهنجا مديني جا مير، منڙا محمد منڙا محمد،
منهنجون تو پچايون،
مديني شهر مان منڊڙي گهرايم،
ڳائي سهرا سرتيون ويهي لڳايم.

منهنجا مرشد پاڳارا توتان گهور ٽيان مان،
حرن جو سردار تون،
پيرن جو پڳدار تون،
سنڊڙيءَ جو سينگار تون.

منهنجا پير دستگير محبوب سبحاني،
اڙين جو آڌار تون،
هيٺن جو مددگار تون.

قلندر لعل، منهنجا لعل، منهنجا لعل قلندر،
سوالن جا مڃ سوال، سوال مڃ سوال قلندر،
گولي آهيان آئون در تنهنجي جي،
بانهي آهيان آئون در تنهنجي جي.

سچل سائين، منهنجو آهين سردار تون،
در تنهنجي دانهيندا آچون،
ننگڙا نماڻي ڳائيندا اچون،
ناچوئڙا نچندا اچون.

منهنجا اشرف گوٺ، شهيد سهٽا،
تنهنجي هنڙن کي ميندي لائيندس،
تنهنجي پيرَن کي ميندي لائيندس،
"سانگي" سيد توتان سر واربندس،
توسان نينهن پنهنجو مان نپائيندس.

علي گل سانگيءَ وٽ مون کي هڪ نئين شيءِ نظر آئي آهي، جيڪا سندس ذات ۽ ڏاڻءَ ۾ جدت/ نواڻ ضرور چٽيي سا آهي جمالو، لوڪ گيت، جمالو ۽ين شاعرن ۽ لکيو آهي پر هن صاحب جمالو لوڪ گيت ۾ واڌارو ۽ سڌارو آڻي، نوان لفظ ۽ نوان خيال کڻي آيو آهي. ۽ جمالو ۽ن، ٽن اندازن ۾ لکيو اٽائين جنهن لاءِ علي گل صاحب جَسُ لهڻو اها سندس ڏاهپ آهي. سندس جمالو منجهاران سنڌ جي ڏرتي ۽ سنڌ جي شهرن تي لکيل جمالو مان چند بند هيٺ تحرير کيان ٿو.

هو جمالو..... منهنجي سنڌ جيئي جند... الا هو جمالو،
منهنجو سنڌي ماڻهو سوهڻو.... هو جمالو.
آهي نٽو ڏاڍو منو... الا ..... هو جمالو،
حيدر آباد سدا آباد... الا ..... هو جمالو،
لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو.... الا ..... هو جمالو.

انسان جي زندگي آهي ئي ڏکڻ سکن جو مجموعو، جنهن ۾ کيترائي واقعا ۽ حادثا ٿيندا رهن ٿا، انهن حادثن ۽ واقعن يا زندگيءَ جي مختلف موڙن کي کي ڏاها/ عقلمند انسان ماضي طور ياد ڪري اڳتي وڌڻ جي کوشش ڪندا آهن. ڪڏهن ته انهن واقعن ۽ زندگيءَ جي مختلف موڙن کي تجربي ۽ مشاهدي طور ۽ نئين نسل اڳيان پيش کيو ويندو آهي. اهڙي نموني سان علي گل سانگي صاحب پنهنجي زندگيءَ جا کافي تجربا ۽ مشاهدا هن پنهنجي لوڪ گيتن ۾ سمايا آهن. گهڻيون اهڙيون ڳالهيون ۽ يادگيريون هن صاحب لوڪ گيتن جي روپ ۾ اسان تائين پهچايون آهن جن مان سندس ڏاهپ/ عقلمندي تجربي ۽ مشاهدي جي ياڻ پت جاڻ پوي ٿي.

هوننن ۽ علي گل سانگيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ خالص سنڌي ۽ ڀراڙيءَ جو ماحول پيش کيو آهي جنهن جو سچ پچ ته کوڙ جواب ڪونہ آهي. هن بهترين انداز ۾ پنهنجو خالص ماحول ويهي ڪنهن ڪاشيگر جيان چٽيو آهي. هن پنهنجا سور پور، اهنج سهنج ۽ بيان کيا آهن ته ۽ين جا ۽ ڏک سور قلم بند کيا آهن.

هن صاحب مجازي لوڪ گيت ۽ لکيا آهن ته سنڌ جي نيم

تاريخي داستانن جون تمثيلون ۽ لوڪ گيتن ۾ ڏنيون آهن ۽ انهن عشقيه لوڪ داستانن تي لکيو ۽ اٿائين جيئن مومل راڻي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، ليلان، ان کانسواءِ ٿري حياءَ شرم جي مهان ڪردار "مارئي" تي ۽ لکيو اٿائين، ته ٿر جي ماحول مطابق ۽ ڳالهيون ڪيون اٿائين.

خاص ڪري هن صاحب لوڪ گيتن ۾ عورتاڻي زبان استعمال ڪئي آهي جيڪا هن صنف جي گهرج کي چگيءَ طر نباهي ٿي. عورتن جي گهٽن ٽي پهلوئن ۽ روين جو تذڪرو ڪيو اٿائين عورتن جي آسُن اُميندن، شادين، مرادين، جي مختلف مهلن ۽ موقعن ڀتاندر لوڪ گيت الگ الگ سرجيا اٿائين.

مجازي لوڪ گيتن ۾ استري (عورت) جي سونهن، سندرتا جي تعريف ۽ آهي ته موضوع جي حوالي سان ڪُجر ۽ گج تي ۽ چگو لکيو اٿس. روايتون، دهرايون اٿائين جيئن جمالو، مورو، ٻيلڙ، ڏاٽيئڙو، ليڙو، چلڙو، ميندي، سهرا، ڳانا، موڙ، هڏڪي، جند، مهاڙو، ٻيڙي، رومال، ڀرت، چني، پينگهو، ٻچڙي جي مراد جو پورو ٿيڻ، ڏاري وارو جوڳي فقير ۽ ان سان گڏ علي گل صاحب پنهنجي نندڙي ڀٽ صدام گل جي لاءِ ۽ لوڪ گيت لکيو آهي. سنڌ جي شهرن جي حوالي سان حيدرآباد، ڪٽو، ڪراچي، روهڙي، سکر، شهدادڪوٽ ۽ ٻين شهرن سان گڏ ماهوٽا، دودائي، دادو، شڪارپور، لکي غلام شاهه ۽ ٻين شهرن جو ۽ بيان ڪيو اٿائين لاڙڪاڻي لاءِ ته وڌيڪ لکيو اٿائين خاص ڪري "موهن جو دڙو" ۽ تذڪري ۾ آندو اٿس ته لاڙڪاڻي جي اهم ماڳن ۽ مڪانن لاءِ ۽ لوڪ گيت جي بندن ۾ تذڪرو آهي.

ٻهراڙيءَ جي حواليءَ سان ٻنين ۽ فصل يا پوک جي متعلق ۽ لوڪ گيتن ۾ چگي جاڻ ڏني اٿائين، جيئن متر لوڙهڻ، ڏڏڙي، مند متائڻ، ڪرُ ميڙڻ، لابارو ڪندي ڏاٽو ڪر ٿيڻ ۽ ان جي ڳولا، ٻهراڙين (ٿر) ۾ مَٺهياري جو ذڪر، گوءِ جو احوال ڳندي، ساڳ، سارين جي سَٺَ، سونارو ۽ سون، ان سان گڏ مزاح طرف مائل لوڪ گيت، ٻلي، ڪتو ڪوئو، پلو، ڏاند، گدڙ، ڪڪڙ، مينهُن تي ۽ لوڪ گيت لکيا

اٽس. ڪويل، ڪانگل ۽ ڪونج کي به لوڪ گيتن ۾ آندو اٽائين ته انهيءَ سان گڏ سنڌ جو، سامر جهليندڙ ڪردار ابڙو، لاکو ۽ اوڏڻ، ڳاهو جوڳي ۽ نانگڻ جي متعلق به علي گل صاحب لوڪ گيت لکيا آهن.

اڳ آسمان جي ستارن ۽ چند جي اپرڻ، لڙڻ ۽ لهڻ کي ڏسي ڪري وقت جو قياس ڪيو ويندو هيو، ستارن جي ڏنل قدرتي ترتيب جن ۾ ڪت، ڪَتِي، ٽيڙو شامل آهن لهذا انهن متعلق هن صاحب لوڪ گيتن ۾ جاڻ ڏني آهي.

علي گل سانگي صاحب جو هي لوڪ گيتن جو مجموعو ڀهراڙيءَ جي ماحول ۽ انهن جي ڳالهين، نين پراٽين رسمن رواجن جي متعلق هڪ جاڻ جو ڳٽڪو آهي. هن صاحب کي اهڙا اهڙا نوان موضوع لوڪ گيتن ۾ آندا آهن جن تي ٻين شاعرن قلم کٽڻ ته ڇا سوچيو به ڪونہ هوندو. گهٽن ئي ماڻهن کي کهڙي خبر ته "ڪر" ڇا ٿيندي آهي؟. ته "لوڙهه" ڇا کي چئبو آهي؟ مٺهيارو" ڇا آهي؟ انهن موضوعن جهڙا ٻيا به ڪيترائي موضوعات علي گل پنهنجي لوڪ گيت واري شاعريءَ ۾ آندا آهن. هن مجموعي پڙهڻ سان ئي پڙهندڙ کي خبر پوندي ته کهڙيون نيون شيون پڙهڻ لاءِ هن کي ملن ٿيون.

بهر حال علي گل سانگي صاحب هي خالص، لوڪ گيت جي صنف کي مجموعو "گُجر پائي گج" ڏئي هڪ بهترين عمل ڪيو آهي ۽ ادبي ڪيتر ۾ هڪ سٺو قدم کنيون آهي، جنهن جي ڪمي هئي، ان جو پورائو به ٿيو آهي. علي گل سانگي صاحب جي اهڙي قدم کٽڻ تي، هن صاحب.اسان کان بيشڪ کيرون لهٽيون. ۽ مان کيس مبارڪ باد پيش ٿو ڪيان.

"گُجر پائي گج، اَديون گج گلابي گج"

حڪيم "احسن" سنڌي

نئون نارو وڏو ميروخان

لاڙڪاڻو.

تاريخ:
٥ ڊسمبر ١٩٩٧ع
ڏهاڙو جمع

الله

الله سائين، آلله سائين،
لايا كيا تو سجايا،
بڏل ٻيڙا ٻني لايا،
لايا كيا تو سجايا،
الله سائين.

وڻي گهر گهوت آياسين،
لايا كيا تو سجايا،
الله سائين.

وڻي مومل به آياسين،
لايا كيا تو سجايا،
الله سائين.

وڻي سهڻي به آياسين،
لايا كيا تو سجايا،
الله سائين.

وڻي سسئي به آياسين،
لايا كيا تو سجايا،
الله سائين.

وڻي مارئي به آياسين،
لايا كيا تو سجايا،
الله سائين.

"ڪُجر پائي ڪج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

الله

الله الله ڪيو، الله الله ڪيو،
هوا ڳهلي من، هوا ڳهلي،
لڳي ڏڪڻ جي هيرڪا،
وري هوا جي ويرڪا،
الله الله ڪيو.

ڳهل ڏڪڻ وڃي گرمي اسانجي،
هل ڏڪڻ وڃي گرمي اسانجي،
الله الله ڪيو.

مڇر ٽا ڪائن هاڻي اسانکي،
ڪٽِ پٽي ٽي ڏاڍي اسانکي،
الله الله ڪيو.

ٻت ٻوست ۾، ساهه وڃي ٽو،
چا ڪئون ڏڪڻ تون ڀيرو ڀڃي ٽو،
الله الله ڪيو.

گرميءَ ڳهت ۾، سوز ۾ سينو،
ڪپڑا پسائي پگهر پسينو،
الله الله ڪيو.

☆☆☆

ڪجهه وقت اڳ، جڏهن ڏودائي ڳوٺ ۾ بجلي نه هوندي هئي جون جولاءِ آگسٽ واريون گرميون اونهاري جي رات ٻٽ ٻوست ۾ ڪپڑا لاهي، انگوشو ٻڌي، سارو ڳوٺ سٽڪ تي نڪري وڏن آوازن سان الله الله ڪندا هٿا تہ الله سائين ، ايڏو رحم وارو جو، تيز گرميءَ ۾ تيز هوا لاهيندو هو اهو هو سال اٽڪل ١٩٦٣ع ڌاري.

" ڪنڊو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

مولا

منهنجا مولا،منهنجا مولا،
ڪيا آهن تو ڪم سولا،
مرادون تو ڪيون پوريون،
ڪيون پوريون تو اڻ پوريون،
منهنجا مولا،
منهنجا مولا.

سدورا ڏينهن ڪٽي آندا،
اٹاوا پي ٿي ويا سَهنجا،
منهنجا مولا،
منهنجا مولا.

سدورا ڏينهن آندا ٿي،
دل تان درد لاٿا ٿي،
منهنجا مولا،
منهنجا مولا.

سدورا ڏينهن اچي ويئڙا،
آيا سکڙا ويا ڏُکڙا،
منهنجا مولا،
منهنجا مولا.

سدورا ڏينهن ۽ راتيون،
ٿيون شاديون ۽ مراديون،
منهنجا مولا،
منهنجا مولا.

☆☆☆

" ڪَڄر پاڻي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

الاهو

الاهو الاهو، الاهو الاهو،
منهنجي ڇڙي جو، منهنجي ڇڙي جو،
لوڏيان ويڻي پينگهو، لوڏيان ويڻي پينگهو،
الاهو الاهو.

الاهو الاهو، ڪندو رب سڀائي،
ڪندو معاف مولا، اڀائي اڀائي،
الاهو الاهو.

الاهو الاهو، ويڻي سائين ساريان،
ڪندو معاف مولا، ڏيئا ويڻي ٻاريان،
الاهو الاهو.

الا هو الاهو، الله کي ٻاڏايان،
ڪندو معاف مولا، سدائين ستايان،
الاهو الاهو.

الاهو الاهو، اندر واريون آهون،
ڪندو معاف مولا، ٻڌان ويڻي ٻانهون،
الاهو الاهو.

☆☆☆

اڳي امڙيون پنهنجي ڇڙن کي پينگهن ۾، لوڏيندیون هيون، لولیون ڏيندیون هيون الله هو الله هو ڪندیون هيون، الله هو ڪرڻ ۾ وڏي برڪت هوندي هئي ۽ ٻارڙي کي بيماري به نه ٿيندي هئي.

" ڪنجر پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مدينو

منهنجا مديني جا مير منڙا محمد منڙا محمد،
منهنجون تو پڃايون.
آيا اڳڻ تي منهنجا منا مهمان،
منهنجون تو پڃايون.

مديني شهر مان ميندڙي گهرايم،
ڳائي سهرا سرتيون ويهي لڳايم،
منهنجون تو پڃايون.

مديني شهر مان سُندي جا گهرايم،
مٹان انجي هيرا سوتي جڙايم،
منهنجون تو پڃايون.

مديني شهر جي بوسڪي گهرايم،
پنهنجي ادل کي پگ جا بڌايم،
منهنجون تو پڃايون.

مديني شهر مان سگڙو گهرايم،
پنهنجي ادل کي پيار سان پارايم،
منهنجون تو پڃايون.

☆☆☆

"گجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

علي

علي علي بول بول، غم نہ آوے کول کول،
مولا دا غلام بڻ،
علي دا غلام وے۔

صبح شام ورد چا لب تي اهائي،
مومن نہ ڈيکسين تون مولا دي جدائي،
مولا دا غلام بڻ،
علي دا غلام وے۔

دشمن ڻئي ويسني سپ دور سڻے،
مولا دا در نہ چھوڑين لے دکھياڻے،
مولا دا غلام بڻ،
علي دا غلام وے۔

مولا ميڈے سھڻي دي ولادت کون ويکھو،
آکيان انڈے نون مليا سخاوت کون ويکھو،
مولا دا غلام بڻ،
علي دا غلام وے۔

سچي سيدان دا "سانگي" کريندا سلام هان،
علي گل هئے نام ميڈا، علي دا غلام هان،
مولا دا غلام بڻ،
علي دا غلام وے۔

☆☆☆

" کنجر پاني کج" لوک گيت
(علي گل سانگي)

دستگير

منهنجا پير دستگير محبوب سبحاني،
منهنجا پير دستگير محبوب سبحاني،
اڙين جو آڌار تون،
هيٺن جو مددگار تون.

ڏک لاهين ٿو ڏيهه جا،
او ڏک لاهين ٿو ڏيهه جا،
منهنجا پير دستگير.

ٻيڙيءَ جو ٻيڙو تو تاريو،
او ٻيڙيءَ جو ٻيڙو تو تاريو،
منهنجا پير دستگير.

حج ڪيا ست سائين تو،
او حج ڪيا ست سائين تو،
منهنجا پير دستگير.

بغـــدادي بـغـــداد جـــا،
او بغـــدادي بغـــــداد جـــا،
منهنجا پير دستگير.

"سانگي" سڏي سڏڙا ڪري،
او"سانگي" سڏي سڏڙا ڪري،
منهنجا پير دستگير.

محبوب سبحاني پير عبدالقادر جيلاني بغداد جو سائين ٦٠ حج پيرين پيادي پيرين اگهاڙي ڪيا، ٻُيڙيءَ جو ٻڌل ٻيڙو تاريو، بغداد جي سائينءَ جا معجزا منهنجي لکڻ کان گهڻا آهن. " گنجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سَورهَ

سردار سورهه سدا سوپ وارا، سدا سوپ وارا،
سورهه بادشاهه،
سورهه بادشاهه.

انگريز سان تو جنگ کي جوٽيو، انگريز سان،
سورهه بادشاهه،
سورهه بادشاهه.

ڏرتيءَ تي ڏنو سر ڏن ڏنو ڏرتيءَ تي ڏنو،
سورهه بادشاهه،
سورهه بادشاهه.

ڏارين کي تو ڏڻي ڏکاريو، ڏارين کي تو،
سورهه بادشاهه،
سورهه بادشاهه.

حڪم تي ڪُٽا حاضر حُرُ حڪم تي ڪٽا،
سورهه بادشاهه،
سورهه بادشاهه.

"سانگي" صدقو وڃان توتان، سانگي صدقو،
سورهه بادشاهه،
سورهه بادشاهه.

☆☆☆

موجوده پير سائين سردار جو والد سهڻو سردار سورهه بادشاهه پير سيد صبغت الله شاهه راشدي جنهن پنهنجي ڏرتيءَ کارڻ هزارين حُرَ کهايا ۽ پاڻ به سر ڏئي سرها ٽيا، هيڏي قرباني ڏسي انگريز دشمن کي آخر ڏرتي ڇڏڻي پئي.

" گنجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پاڳارا

منهنجا مرشد پاڳارا توتان گهور ٿيان مان،
منهنجا مرشد پاڳارا توتان گهور ٿيان مان،
حرن جو سردار تون،
پيرن جو پڳدار تون،
سنڌڙيءَ جو سينگار تون.

تون ٻڌين دلن جا آواز ٿو،
تون ڄاڻين دلن جا راز ٿو،
منهنجا مرشد پاڳارا.

هادي هيڻن جو حبيب تون،
طلب وارن جو طبيب تون،
منهنجا مرشد پاڳارا.

دريءَ منجهان ديدار ٿئي،
پورو اسان جو پيار ٿئي،
منهنجا مرشد پاڳارا.

"سانگي" توتان صدقو وڃان،
سر گهر گهور توتان ڪيان،
منهنجا مرشد پاڳارا.

☆☆☆

موجوده پير سائين سردارُ ١٩٦٤ع ۾ اسان وٽ دودائي ۾ اسان جي پکي دعوت تي رات اچي رهيا، تڏهن منهنجي عمر ١٣ سال هئي، تڏهن پير سائين سردار زيارت ۾ ذکر ڏنو آهي، تڏهن منهنجو والد بابو روشن علي سانگي، زنده هو، پير سائين سردار جي اسرڻ کان پوءِ منهنجي بابي روشن علي کي ٢١ ڏينهن تي شهيد ڪيو ويو.

"گڏجو پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

قلندر

قلندر لعل، منهنجا لعل، منهنجا لعلِ قلندر،
سوالن جا، مچ سوال،مچ سوال مچ سوالَ قلندر،
گولي آهيان آئون در تنهنجي جي،
بانهي آهيان آئون در تنهنجي جي.

سيوهاڻي شهباز قلندر،
چاڻي دلن جا ٿو، راز قلندر،
منهنجا لعل قلندر.

سوالين جا ٿو سوال پڇائين،
اڏين جي، آڏار تون آهين،
منهنجا لعل قلندر.

دامن لڳي آهيان، سيد سخيءَ جي،
آل نبي، اولاد عليءَ جي،
منهنجا لعل قلندر.

آيا اٽئي سيئي، مست موالي،
دولها تنهنجي در تي ڏمالي،
منهنجا لعل قلندر.

☆☆☆

شهنشاهه قلندر محمد عثمان مرونديِ ملونہ شريف کان آيو سيوهڻ شريف ۾ لٽو سيوهاڻن اعتراض ڪيو تہ هتي رهڻ جي جاءِ ڪانهي، قلندر شهنشاهه ڪير جو ولو پري مٽان گل گلاب جو رکيو تہ ايٿن گلابي گل وانگي تري رهندس.

"گنجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

پٽائي

سنڌڙيءَ جا سائين،جيءُ تون سدائين،پت جا پٽائي،
سنڌڙيءَ جو سردار تون،
سنڌڙيءَ جو سينگار تون،
تون آن لطيف سهٽو، تون آن لطيف.

سنڌڙيءَ سان تون، سونهين سدائين،
لالئون لال لطيف تون آهين،
لالئون لال لطيف تون آهين.

شاعرن کي دگ،شاعريءَ جو ڏيو،
پائرن کي دگ، پائريءَ جو ڏيو،
لالئون لال لطيف تون آهين.

دردن جو ڪيو درمانَ او سائين،
آسين تي احسان ڪيو او سائين،
لالئون لال لطيف تون آهين.

"سانگيءَ" جا سُڻ، سوال تون سائين،
اندر جا، احوال تون سائين،
لالئون لال لطيف تون آهين.

☆☆☆

پٽ ڏڻي سهڻي لطيف جو سالياڻو عرس مبارڪ ١٦ صفر المظفر ۾ ٿيندو آهي، ممتاز مرزا حال حيات هو تہ هر سال ويندو هوس، هينئر ڪونہ ٿو وڃي ممتاز صاحب جو پيار، وٽي ويندو ۽ سڄي ڏموني رهائش ڏيندو هو، مونسا گڏ منظور سخيراڻي بہ هوندو هو.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

سچل

سچل سائين منهنجو آهين سردار تون،
در تنهنجي دانهيندا اچون،
ننگٹا نماڻي، ڳائيندا اچون،
ناچوئڙ ٹيا نچنـــدا اچون.

ڏم درازا شهر ۾،
آهيون اسين تو نظر ۾،
سچل سائين منهنجو.

درد سندو درمان ڪر،
عاشق تون احسان ڪر،
سچل سائين منهنجو.

نعرا تنهنجا نروار ٹيا،
عشق سندا اظهار ٹيا،
سچل سائين منهنجو.

پانڌيئڙو "سانگي" تنهنجو،
قرب ڪيو باندي تنهنجو،
سچل سائين منهنجو.

☆☆☆

درازن جو سائين سچل سائينءَ جو قول آهي، تہ جيڪو سندس مزار متان سندس ٿي ٻول ننگڑا نماڻي دا جيوين تيوين پالٹا، سر ۽ آواز ۾ ڳائيندو، انجون اميدون مرادون پوريون ٿي ويندیون.

"گنجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

سچل

سچل سائين، سچو اهين، درازن شهر ۾،
جيءَ سدائين سچل سائين، درازن شهر ۾،
سونيءَ دليءَ وارا.

پانهڙي آهيان تنهنجي نانوَ جي،
گولڙي آهيان تنهنجي نانوَ جي،
سونيءَ دليءَ وارا.

ست زباني آهين، شاعر سائين،
آسِن جي ٿو آس پڄائين،
سونيءَ دليءَ وارا.

مستن ڪئي تنهنجي عاشقي،
بيشڪ آهين تون فاروقي.
سونيءَ دليءَ وارا.

اڳڻ تنهنجا آئون ٻهاريان،
"سانگي" چوي توکي ساريان،
سونيءَ دليءَ وارا.

☆☆☆

سچل سائين، درازن شهر جو سائين ست زبانن ۾ سندس شاعري ڪيل آهي، سچل سائين حضرت عمر فاروق رضہ جي اولاد مان آهي، رمضان مهيني جي ٢٢ تاريخ هر سال سندس ميلو لڳندو آهي.

"گنجو پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

اشرف سائين

منهنجا اشرف سائين،شهيد سهڻا،
ميدان مان ميڙيان دل سان،
اکڻ ٻهاريان اکين سان،
منهنجا اشرف سائين.

شهادت واري جاءِ جا،
چونڪي ڏيندا اُتي نانگ ها،
منهنجا اشرف سائين.

نعرا لڳا تنهنجي نينهن جا،
معجزا تنهنجا ڏٺي ڏينهن جا،
منهنجا اشرف سائين.

دشمن تنهنجا دفع ٿي ويا،
پاڻ ۾ پين خفي ٿي ويا،
منهنجا اشرف سائين.

سوالين جا پورا سوال ڪر،
پنهنجا پورل تون پال ڪر،
منهنجا اشرف سائين.

"سانگي" سدا تنهنجي سڪ ۾،
لالڻ آهي تنهنجي لڪ ۾،
منهنجا اشرف سائين.

سائين شهيد اشرف علي شاه جي شهادت جي تاريخ ٣ آگسٽ ١٩٧١ع اڳارو ١١ جمادي الثاني ١٣٩١هـ ڇوٽ دودائي ۾ وقت ٢ وڳي تاڪ منجهند دودائيءَ جي ٻاهران رائيس ڪنال پير شفيع لال پرسان ٿي، شهادت واري رت مبارڪ مٽان ۾ ڪاريهر نانگ چوڪيدار ٿي آيا جو مَڪ ڪي به نه پيا ويهڻ ڏين، مزار رود مٽان آهي.

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

شهيد

منهنجا اشرف گهوٽ، شهيد سهڻا،
تنهنجي هٿڙن کي ميندي لائيندیس،
تنهنجي پيرن کي ميندي لائيندیس،
منهنجا اشرف گهوٽ.

تنهنجي شاديءَ جا، سهرا ڳائيندیس،
تنهنجا شان سيد، مان ٻڌائيندیس،
منهنجا اشرف گهوٽ.

تنهنجي ٻانهن ۾ ڳانو، ٻڌائيندیس،
توکي موڙ سيد، مان ٻڌائيندیس،
منهنجا اشرف گهوٽ.

تو لاءِ راڄ سڄو، مان آڻائيندیس،
ٻڌي ڇيريون ناڇ نچائيندیس،
منهنجا اشرف گهوٽ.

"سانگي" سيد توتان سر وارينديس،
توسان نينهن پنهنجو مان نيائيندیس،
منهنجا اشرف گهوٽ.

☆☆☆

سائين شهيد گهوٽ اشرف سهڻو، جنهن کي دودائي ڳوٺ ۾، پنهنجي مائٽن سيدن، ماربو ۽ مارايو، بيگناهه شهيد ڪيائون. جنهن جي عمر ۱۷ سال هئي ۽ شاديءَ کي هڪ مهينو گذريو هو، هٿن پيرن تان اڃا ميندي به نه لٿي هئي، بي دردن کهاڙين سان گهوٽ کي ڪُنو. "ڪَجو پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ناصر الدين

ناصر الدين، ننگي ننگ پال سيد،
اميدون پڄايون،
منهنجون تو مرادون.

دودائي شهر ۾ آ، تنهنجو روضو سائين،
اميدون پڄايون،
منهنجون تو مرادون.

دودائي شهر ۾ تون، نروار آهين،
اميدون پڄايون،
منهنجون تو مرادون.

دودائي شهر ۾ تو وندیو پيار پنهنجو،
اميدون پڄايون،
منهنجون تو مرادون.

چتل فقير سانگي، مريد خاص ۾ هو،
اميدون پڄايون،
منهنجون تو مرادون.

چلا تو پچايا، عبادت ۾ ويهي،
اميدون پڄايون،
منهنجون تو مرادون.

☆☆☆

پير ناصر الدين شاهه، جڏهن دودائي ڳوٺ ۾ پيدا ٿئي پيو شام جي پهر ۾ چتل فقير اڳ ۾ ئي راڳ چوڻ ٻينو تہ اڄ منهنجو مرشد پيدا ٿيندو، سائين پيدا ٿيو ۽ نالو ۾ چتل فقير رکيس، ۽ اهو ڪلام لکيو "آيو ناصر الدين ننگ وڏائڻ ڪاڻ" پير ناصر الدين جا هندو گهٽا مريد هٿا ۽ خليفا ۾ هندو هٿا.

" ڪنڊو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

طالب المولیٰ

طالب المولیٰ مخدوم سائین، محمد زمان شاھ،
تنھنجي شاعري سوپ واري،
شاعري تنھنجي ڏاڍي پياري.

تنھنجي سڪ ۾ آ مون عمر هيءَ گذاري، آهي عمر گذاري،
تنھنجي شاعري سوپ واري،
شاعري تنھنجي ڏاڍي پياري.

تنھنجي پيار مونکي ڏنو پيار ڏاڍو ڏنو پيار ڏاڍو،
تنھنجي شاعري سوپ واري.
شاعري تنھنجي ڏاڍي پياري.

تنھنجي چاھ مونکي ڏنو چاھ آهي ڏنو چاھ آهي،
تنھنجي شاعري سوپ واري،
شاعري تنھنجي ڏاڍي پياري.

تنھنجي شاعريءَ مونکي شاعري سيکاري شاعري سيکاري.
تنھنجي شاعري سوپ واري،
شاعري تنھنجي ڏاڍي پياري.

☆☆☆

مخدوم سائين طالب المولیٰ منھنجو غائبانہ استاد رھيو آهي. 1975ع ۾ مان کراچي ۾ رمض علي سانگي وٽ ويس، جنھن مونکي سائين طالب المولیٰ جو کتاب ڇپر ۾ ڇڙھيو ڏنو جنھن کتاب منھنجي گھڻي رھنمائي ڪئي آهي، جنھن ڪري ڪافي ڇگي لکي سگھان ٿو.

" ڪنڊو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

بخاري

قائم شاهه بخاري آيس در تنهنجي تي دردن جي آئون ماري،
لاهه ڏکڙا اسانجا،
من جي جا مونجهاري.

تنهنجي در تي دولها آيا سپ سوالي، قائم شام بخاري،
لاهه ڏکڙا اسانجا،
من جي جا مونجهاري.

ڏکڻ آهي ڏکايو من کي آهي مونجهايو، قائم شاهه بخاري،
لاهه ڏکڙا اسانجا،
من جي جا مونجهاري.

سڻ تون سوال او سائين، احوال هي سارا، قائم شاهه بخاري،
لاهه ڏکڙا اسانجا،
من جي جا مونجهاري.

من جو پڄايو مرادون، دل جون دعائون اگهايو، قائم شاهه بخاري،
لاهه ڏکڙا اسانجا،
من جي جا مونجهاري.

علي گل ٿيندو آهي تنهنجي در تي دانهي، قائم شاهه بخاري،
لاهه ڏکڙا اسانجا،
من جي جا مونجهاري.

☆☆☆

قائم شاهه بخاري لاڙڪاڻي جو مشهور پير آهي جتي ڏکياري ماڻهو قرآن شريف پڙهندي نظر ايندا آهن.

" گنجو پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

يوسف شاهہ

يوسف شاهہ جيلاني،تنهنجي اڳڻ تي، آياسين تنهنجي اڳڻ تي،
مرادون پڄايو،
پيڙا ٻني لايو.

سومر رات ساري عبادت ڪيون ٿا، يوسف شاه جيلاني،
مرادون پڄايو،
پيڙا ٻني لايو.

منزل هٽي سڀ آياسين اڳڻ تي، يوسف شاهہ جيلاني،
مرادون پڄايو،
پيڙا ٻني لايو.

جِنَ تنهنجي هٿ ۾ ناهن توکان ڏاڍا، يوسف شاهہ جيلاني،
مرادون پڄايو،
پيڙا ٻني لايو.

اوڙو پاڙو توسان ڪري پيار پيارا، يوسف شاهہ جيلاني،
مرادون پڄايو،
پيڙا ٻني لايو.

☆☆☆

يوسف شاهہ جيلاني لاڙڪاڻي کان ڪراچي واري روڊ جي پنجن ميلن تي آهي.
جتي ماڻهو پهربون سومر لڳندو آهي پري پري کان ماڻهو ايندا آهن، خاص ڪري
جِنَ وارا ماڻهو گهڻا اچن ٿا.

" گنجو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

شفيع لال

شفيع لال سائين، جئين تون سدائين،
ريلوي بند تي،
دودائيءَ واري دنگ تي.

شفيع لال سائين، تنهنجا معجزا لک،
ريلوي بند تي،
دودائيءَ واري دنگ تي.

شفيع لال سائين، بند کي پٽيو تو،
ريلوي بند تي،
دودائيءَ واري دنگ تي.

شفيع لال سائين، انگريزن کي روليئي،
ريلوي بند تي،
دودائيءَ واري دنگ تي.

شفيع لال سائين، تون سڀ جي پڄائين،
ريلوي بند تي،
دودائيءَ واري دنگ تي.

شفيع لال سائين، "سانگي" ۾ سدائين،
ريلوي بند تي،
دودائيءَ واري دنگ تي.

☆☆☆

سائين شفيع محمد پير دودائيءَ جي اولهه طرف ريلوي لائين جي پرسان آهي، شفيع لال انگريزن سان مقابلا ڪيا. سندس مٿان ريلوي لائين ناهي ويندا هئا. سائين رات جو سڄي ريلوي لائين اونڌي ڪري ڦٽي ڪندو هو پوءِ انگريزن مولوي گهرايا جن ٻڌايو تہ هتي پير آهي، بعد ۾ ريلوي لائين کي وڪڙ ڪرايو ويو هاڻي جڏهن ريل اتي ايندي آهي ڪوڪ ڪندي آهي، نت ريل بيهي رهندي آهي.

" گنجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

حسينڙ

منهنجا سٺا حسينڙ. سائين قمبر وارا،
سهڻي سائينءَ جي سڪ ۾.
ٿو روئارين اسانکي.

سبحان الله سائين، تنهنجي سهڻي صورت،
سهڻي سائينءَ جي سڪ ۾.
ٿو روئارين اسانکي.

سبحان الله سائين، تنهنجي سهڻي سيرت،
سهڻي سائينءَ جي سڪ ۾.
ٿو روئارين اسانکي.

سبحان الله سائين، ڪرايو ڪا زيارت،
سهڻي سائينءَ جي سڪ ۾.
ٿو روئارين اسانکي.

سبحان الله سائين، تنهنجي پاڪ امامت،
سهڻي سائينءَ جي سڪ ۾.
ٿو روئارين اسانکي.

سبحان الله سائين، علي ڪُلَ عبادت،
سهڻي سائينءَ جي سڪ ۾.
ٿو روئارين اسانکي.

☆☆☆

سائين حسين شاهه قمبر واري جي شان ۾ هي گيچ آهي، سائين غلام حسين شاهه جي دعا ۾ شامل ٿيڻ، سهڻي سائين مديني واري سرڪاري جي زيارت جو ثواب ٿي ڏي.

" ڪنڊ پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

دودائي

ڏاڏا ميان دودائي، دودائي شهر وارا،
دودائي ماڳ تنهنجو،
دودائي ديهه آ تنهنجي.

ڏاڏا ميان دودائي، تنهنجو ماهي پاڻ،
دودائي ماڳ تنهنجو،
دودائي ديهه آ تنهنجي.

ڏاڏا ميان دودائي، تنهنجو شير محمد پوٽو،
دودائي ماڳ تنهنجو،
دودائي ديهه آ تنهنجي.

ڏاڏا ميان دودائي، تنهنجو پائي خان به هو،
دودائي ماڳ تنهنجو،
دودائي ديهه آ تنهنجي.

ڏاڏا ميان دودائي، محمد بخش پير بخش،
دودائي ماڳ تنهنجو،
دودائي ديهه آ تنهنجي.

ڏاڏا ميان دودائي، روشن علي ٽيو سانگي،
دودائي ماڳ تنهنجو،
دودائي ديهه آ تنهنجي.

ڏاڏا ميان دودائي، علي گل هي سانگي،
دودائي ماڳ تنهنجو،
دودائي ديهه آ تنهنجي.

☆☆☆

چون تا جڏهن لاڙڪاڻي تي سڪندر اعظم چڙهائي ڪري جنگ ڪئي تڏهن دودائيءَ جا "سانگي" سڪندر اعظم جي فوج سان مقابلو ڪري بيٺا.

" گنجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڀڄڙو

ڀڄڙو آ ڄائو اديون، ڀُٽڙو آ ڄائو اديون، خير سان،
لک لک شڪرانا،
منهنجي مالڪ جا.

ڀيرن کان ڀني آئون ڀُٽڙو وتو آ، ڀٽڙو وتو آ،
سهٽي لطيف کان،
سهٽي لطيف کان.

ڀيرن کان ڀني آئون ڀُٽڙو وتو آ، ڀٽڙو وتو آ،
لال سائينءَ کان،
لال سائينءَ کان.

ڀيرن کان ڀني آئون ڀُٽڙو وتو آ، ڀٽڙو وتو آ،
سهٽي شهيد کان،
سهٽي شهيد کان.

ڀيرن کان ڀني آئون ڀُٽڙو وتو آ، ڀٽڙو وتو آ،
ڀيرن جي ڀير کان،
ڀيرن جي ڀير کان.

ڀيرن کان ڀني آئون ڀُٽڙو وتو آ، ڀٽڙو وتو آ،
روضي ڏٺيءَ کان،
روضي ڏٺيءَ کان.

☆☆☆

سنڌ جو پراڻو دستور آهي، بي اولاد ويچارا پيرن فقيرن تي باسون باسيندا وتن پوءِ ڏيئ وارو ته الله آهي پر هيلي بهاني سان ڏي ٿو، الله مالڪ آهي ڀٽڙو ڇمي ٿو پوي، انهن سائين تي سکان ڏيئ آڃان به دستور هلي ٿو، هرکو پنهنجي مرشد جي در جو پانڌيٽڙو رهي ٿو. "ڪَڄو پاڻي ڪڄ" لوڪ ڪيت
(علي گل سانگي)

پٽڙو

ادي اوچا ڄائو ٽي..... ادي او....ڄا ڄائو ٽي،
پٽڙو اٽم ڄائو ادي او، پٽڙو اٽم ڄائو،
پلين پلي ڄائو لک واڌايون نديڙو پلين پلي ڄائو،
صدقو جيجل ٽئي...اديون او.
گهور جيجل ٽئي.

الله جي نانءَ تان صدقو وڃان مان ، صدقو وڃان،
صدقو جيجل ٽئي...اديون او.
گهور جيجل ٽئي.

الله اسانجون اميدون پڄايون، اميدون پڄايون،
صدقو جيجل ٽئي...اديون او.
گهور جيجل ٽئي.

مولا اسان تي مهر ڪئي آ ، مهر ڪئي آ،
صدقو جيجل ٽئي...اديون او.
گهور جيجل ٽئي.

رب اسان تي رحم ڪيو آ، رحم ڪيو آ،
صدقو جيجل ٽئي...اديون او.
گهور جيجل ٽئي.

"سانگي" اسان تي لک لک ٽورا، لک لک ٽورا،
صدقو جيجل ٽئي...اديون او.
گهور جيجل ٽئي. ☆☆☆

گهٽي قدر عورت کي سُورَ رات جو ٿين ٿا، اها اوڙي پاڙي وارن عورتن کي خبر هوندي آهي، ته اڄ فلاڻيءَ کي سُورَ آهن صبح ٽيندو اچي در پکڙيندين، ادي او ڄا ڄائو ٽي، ادي خير سان پٽڙو ڄائو آهي، پوءِ پٽيلن واڌايون لهڻيون، ۽ پوءِ پيون گهر ڏياڻيون ڳيچ ڳائيندين. " ڪَجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چَنڻي

ننڍڙي جي ٿم چڻي اديون اڇ، نالو رکيو سين صدام گُلَ،
آهي اديون ڏاڍو پيارڙو،
ڳايو ڳايو سهرا ڳايو صدام جا،
سهرا ڳايو.

مائي فقيراڻي سيوهڻ کان آئي، نالو رکي وئي،
آهي اديون ڏاڍو پيارڙو،
ڳايو ڳايو سهرا ڳايو صدام جا،
سهرا ڳايو.

ديگ مِڻي سهڻي آهي لائي آهي لائي،
آهي اديون ڏاڍو پيارڙو،
ڳايو ڳايو سهرا ڳايو صدام جا،
سهرا ڳايو.

چڻي ورهائي آءُ دائي مائي، او دائي مائي،
آهي اديون ڏاڍو پيارڙو،
ڳايو ڳايو سهرا ڳايو صدام جا،
سهرا ڳايو.

علي گُلَ "سانگي"، لک واڌايون توکي لک واڌايون،
آهي اديون ڏاڍو پيارڙو،
ڳايو ڳايو سهرا ڳايو صدام جا،
سهرا ڳايو.

☆☆☆

منهنجي ننڍڙي پٽ صدام جي جنم وقت اوچتو هڪ فقيراڻي سيوهاڻيءَ جي آئي جنهن چيو توهان وٽ ادڙو ڄائو آهي پر اُنجو نالو رکجو صدام، الله واري فقيرياڻي هڻي جيڪي ڳالهيون ڪري وئي سڀ سچيون ٿيون. دستور مطابق ٻالڙو جمندو آهي تہ ستين ڏينهن چڻي ڪبي آهي ۽ مڻي ديگ لاهي چڻي ورهائبي آهي، چَڻي ورهائي نالو رکيوسين صدام گل. صدام جي جنم جي تاريخ
18 فيبروري 1994ع
٥ رمضان المبارک ١٤١٤ھ

" ڪَنجر پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پينگهو

لوڏيان لوڏيان پينگهو مان پنهنجي ٻچڙي جو،
لولي لولي لولي.....الا،
گهوري گهوري ماءُ.

نند ڪرايان ٽي پنهنجي ننڍڙي کي آئون،
لولي لولي لولي.....الا،
گهوري گهوري ماءُ.

لڏي لڏي پينگهو ٽو، منهنجي ٻچڙي جو،
لولي لولي لولي.....الا،
گهوري گهوري ماءُ.

عمريون هزار جئي، جئي شال جئي،
لولي لولي لولي.....الا،
گهوري گهوري ماءُ.

منهنجو سدورڙو سهٽو سهاجهڙو،
لولي لولي لولي.....الا،
گهوري گهوري ماءُ.

"سانگي" مٿي شان هوندئي، الله جي امان هوندئي،
لولي لولي لولي.....الا،
گهوري گهوري ماءُ.

☆☆☆

اصل ۾ لولي آهي ئي اُها، جيڪا ماءُ پنهنجي ٻچڙي کي ڏي. وجود لولي، جو ماءُ وٽان پيو پوءِ پيون لوليون ٿيون. ماءُ پنهنجي ٻچڙي لاءِ پينگهو يا جهولو ڪپڙي جو ٺاهي ڪٿ هيٺان ٻانهي ۾ وڻ ۾ يا ڇن جي وري ۾ ٻڌي ٻ ٻنجي ٻارڙن کي لوڏن سان لوليون ڏيندیون آهن. لُڏي پينگهو ڏيان توکي لولي، جيجل ماءُ سدا توتان گهولي، لولي لولي لولي ٻچڙي جي لولي.

" ڪَڇ پائي ڪڇ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

طوهر

آهي پائڙي جو طوهر، سڄو راڄ آيو،
سڄو راڄ آيو،
ويهي سهرا ڳايو.

بابل جو پيارو، آهي پاڻ وارو،
سڄو راڄ آيو،
ويهي سهرا ڳايو.

چاچن جو پيارو، آهي پاڻ وارو،
سڄو راڄ آيو،
ويهي سهرا ڳايو.

مامن جو پيارو، آهي پاڻ وارو،
سڄو راڄ آيو،
ويهي سهرا ڳايو.

پائرن جو پيارو، آهي پاڻ وارو،
سڄو راڄ آيو،
ويهي سهرا ڳايو.

سوٽن جو پيارو، آهي پاڻ وارو،
سڄو راڄ آيو،
ويهي سهرا ڳايو.

☆☆☆

جمڙ کان وٺي پارهن سالن تائين، ننڍڙي پار جو طوهر ڪرايو ويندو آهي، جنهن کي سنت ۽ چيو ويندو آهي. طوهر جي خوشي ۾ ويهاڻ جيتري ڪئي ويندي آهي، "طوهر سنت" هر مسلمان پار لاءِ لازم آهي، طوهر گهٽي پاڻي ڳوناٽا حجم ڪندا آهن، هاڻي ڊاڪٽر ۽ ڪن ٿا.

" ڳڄو پائي گڄ" لوڪ گيت
(علی گل سانگي)

طوهر

طوهر ادل جي جا، سهرا ٽيون ڳايون،
سهرا ٽيون ڳايون،
ڳايون وڃايون.

منهنجي پائڙي کي، لايو ميندي لايو،
سهرا ٽيون ڳايون،
ڳايون وڃايون.

منهنجي پائڙي کي، ڳانو ٻڌايو،
سهرا ٽيون ڳايون،
ڳايون وڃايون.

منهنجي پائڙي کي، موڙ ٻڌايو،
سهرا ٽيون ڳايون،
ڳايون وڃايون.

منهنجي پائڙي جي، سيج سجايو،
سهرا ٽيون ڳايون،
ڳايون وڃايون.

منهنجي پائڙي کي، سهڻو سينگاريو،
سهرا ٽيون ڳايون،
ڳايون وڃايون.

☆☆☆

طوهر کان پهريان ادڙي کي ميندي لائبي آهي، ڳانو ۽ موڙ ٻ ٻڌبا آهن ، گهوٽ واري ساڄي رسم هوندي آهي.

" گنجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

منگڻي

منگڻي جا سهرا، ڳايو ڳايو سهرا،
اچو پاڻ واريون،
سرتيون سوپاريون.

منگڻي جي منڊي، سڪ سان گهڙايم،
اچو پاڻ واريون،
سرتيون سوپاريون.

منگڻي جو جوڑو، جِدي مان گهرايم،
اچو پاڻ واريون،
سرتيون سوپاريون.

منگڻي جي لالڙي پٽ تان گهرايم،
اچو پاڻ واريون،
سرتيون سوپاريون.

منگڻي جي سرخي، سکر مان گهرايم،
اچو پاڻ واريون،
سرتيون سوپاريون.

منگڻي جو سينگار، سيوهڻ کان گهريم،
اچو پاڻ واريون،
سرتيون سوپاريون.

☆☆☆

منگڻي جو ٻ هڪ خوبصورت دستور آهي، ڳالهيون پڪيون ٿيڻ تي شاديءَ کان اڳ ٻر منگڻو ٿيندو آهي، ڪيترا ماڻهو ته منگڻي جي خوشيءَ ٻ شاديءَ جيتري ڪندا آهن.

" گنجو پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

تِـڏِ

چنڊ چوڏهينءَ جي رات،
آهي ادل جو ويهانءُ،
ٻڌي ڏني ڏُن تت اديون،
هاڻي ناهي ڪا وٽ اديون،
چنڊ چوڏهينءَ جي رات اديون.

الله اميدون اسانجون پڄايون،
اچو ته گڏجي گهايون وڃايون،
چنڊ چوڏهينءَ جي رات اديون.

آيا خوشين جا ڏينهڙا آيا،
لايا ڪيا منهنجي مولا سجايا،
چنڊ چوڏهينءَ جي رات اديون.

پڪ مان پاڻ پيا ڦاڻي اسانجا،
جاڻ آيا اجهو ڄاڄي اسانجا،
چنڊ چوڏهينءَ جي رات اديون.

"سانگي" سدورا ڏينهن اچي ويا،
مارو ملير کان آيا اچي ويا،
چنڊ چوڏهينءَ جي رات اديون.

☆☆☆

گهٽي پاڳين تت، چنڊ چوڏهينءَ جي ٻڌي ويندي آهي، اسانجي هن سنڌ ڌرتيءَ اندر، تت تاريخ کي چيو ويندو آهي.

" ڪنڊ پائي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ونواھ

وني ويھاريو ونواھ ۾،
سھرا گايون جھمريون پايون،
گايون وڃايون چاھ ۾،
اچوڙي پينر، اچوڙي جيڏيون.

ويھي ونيءَ کي سھڻو سينگاريو،
عطر لايو خوشبو ھاريو،
گل کنڊايو گھٽا راھ ۾،
اچوڙي پينر، اچوڙي جيڏيون.

ماڻي ويندو وني گھوٽل منھنجو،
رات جي راڻي راڻل منھنجو،
سانڊي ڪڻي ويندو ساھ ۾،
اچوڙي پينر، اچوڙي جيڏيون.

اديون اميدون الله پڄايون،
مولا ڪيون ھن "سانگي" سڃايون،
آھي اٿر ٺيو آھ ۾،
اچوڙي پينر، اچوڙي جيڏيون.

☆☆☆

ويھانو کان ست ڏينھن اڳ ۾ ڪنوار کي گھوٽيتا ونواھ ۾ ويھاري ويندا آھن، ست ڏينھن ۾ ڪنوار ونواھ ڪائيندي آھي، گھٽي قدر ڪُني پُڳل ڪارائيندا آھن.

" ڪڄل پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ٻڪي

آهي ٻڪي اڄ اديون، منهنجي ادل جي،
منهنجي ادل جي،
منهنجي گهوٽ جي.

اسانجون اميدون، الله ڪيون پوريون،
منهنجي ادل جي،
منهنجي گهوٽ جي.

لک ٿورا سبحان، ڪيون جنهن سٽايون،
منهنجي ادل جي،
منهنجي گهوٽ جي.

ڳايو سهرا ڳايو، بيهي جهمريون پايو،
منهنجي ادل جي،
منهنجي گهوٽ جي.

لڏي سار آهي، چاچن ادل جي،
منهنجي ادل جي،
منهنجي گهوٽ جي.

ڪيو پيار آهي، مامن ادل سان،
منهنجي ادل جي،
منهنجي گهوٽ جي.

☆☆☆

دستور مطابق ويهاڻ ڪان هڪ ڏينهن اڳ ۾ يا وياهنو جي شام جو ٻڪي ٽيندي آهي، سجو راڄ پاڳ ايندو آهي، ٻُڪي تي گهٽي قدر منائي ورهائي ويندي آهي.

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ميندي

هٽن لايو ميندي پيرن لايو ميندي،
لايو ميندي منهنجي گهوٽل کي،
لايو ميندي منهنجي راڻل کي،
هٽن لايو ميندي،
پيرن لايو ميندي.

درهي دبئي مان آئون ٽي گهرايان،
جنهنجي مٽان سهٽا موتي جڙايان،
هٽن لايو ميندي،
پيرن لايو ميندي.

هار ادل جو لاڙئون آڻايان،
جنهنجي مٽان سهٽا موتي مڙهايان،
هٽن لايو ميندي،
پيرن لايو ميندي.

واڇ ڪراچيءَ مان ٽي آڻايان،
جنهنجي مٽان آءٌ هيرا جڙايان،
هٽن لايو ميندي،
پيرن لايو ميندي.

مندي آڻايان مديني شهر مان،
جنهن جي مٽان هيرا موتي جڙايان،
هٽن لايو ميندي،
پيرن لايو ميندي.

"ڪنڊ پائي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ميندي

لايو هٿن کي ميندي لايو،
لايو پيرن کي ميندي لايو،
لايو لايو ميندي لايو ڙي، منهنجي گهوٽ کي لايو،
ميندي اديون.

ساري سموري ميندي پسايم،
لايو لايو ميندي لايو ڙي، منهنجي گهوٽ کي لايو،
ميندي اديون.

ميندي پسايم مساڱ وجهايم،
لايو لايو ميندي لايو ڙي، منهنجي گهوٽ کي لايو،
ميندي اديون.

رنگ ڪيو آ ميندیءَ ڪيڏو،
لايو لايو ميندي لايو ڙي، منهنجي گهوٽ کي لايو،
ميندي اديون.

اديون علي گُلَ جا ڳايو سهرا،
لايو لايو ميندي لايو ڙي، منهنجي گهوٽ کي لايو،
ميندي اديون.

☆☆☆

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

شادي

شادي اديون اڄ لاڏل جي آ،
ميندي هٿن کي لآيون،
ميندي پيرن کي لايون،
اچوڙي پينر، پاڻن واريون.

ميندي موري کان مون آ گهرائي،
ميندي هٿن کي لايون،
ميندي پيرن کي لايون،
اچوڙي پينر، پاڻن واريون.

ميندي ميهڙ کان مون آ گهرائي،
ميندي هٿن کي لايون،
ميندي پيرن کي لايون،
اچوڙي پينر، پاڻن واريون.

ميندي سکر کان مون آ گهرائي،
ميندي هٿن کي لايون،
ميندي پيرن کي لايون،
اچوڙي پينر، پاڻن واريون.

ميندي مديني مان مون آڻائي،
ميندي هٿن کي لايون،
ميندي پيرن کي لايون،
اچوڙي پينر، پاڻن واريون.

☆☆☆

"ڪنڊر پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

موڙ

موڙَ ٻڌو پائو موڙَ منهنجي گهوٽل کي،
مولاملايس جوڙ الامنهنجي گهوٽل کي،
مولاملايس جوڙ الامنهنجي گهوٽل کي.

موڙَ گهرايم مديني شهر مان،
موڙَ گهرايم سهڻي سيوهڻ مان،
موڙَ ٻڌو پائو موڙَ.

سهڻي لطيف تان موڙَ گهرايم،
شادي شهيد تان موڙَ گهرايم،
موڙَ ٻڌو پائو موڙَ.

لال سهڻي تان موڙَ گهرايم،
ان جي مٽان وري موتي جڙايم،
موڙَ ٻڌو پائو موڙَ.

شهيد سهڻي تان موڙَ گهرايم،
ان ٽي مٽان سهٽا "گل" مڙهايم،
موڙَ ٻڌو پائو موڙَ.

☆☆☆

گهڻي قدر موڙَ جيڪي گهوٽ جي منهن تي ٻڌبا آهن، پيرن تان کڻي اڇبا آهن مراد پوري ڪري، پڳر سان گڏ، وري واپس ڪبا آهن.

" ڪنجو پائڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

رومال

اٽئي پرت پريو منهنجو سهڻو رومال،منهنجو سهڻو رومال،
ڪنهن سان نہ ڪجاڻ احوال،
رنگ ڳاڙهي جـو رومال.

هٽڙن سان ويهي پرت پريو ٽم، الا منهنجو سهڻو رومال،
ڪنهن سان نہ ڪجاڻ احوال،
رنگ ڳاڙهي جـو رومال.

هٽڙن سان ويهي ستارا مڙهيا ٽم، الامنهنجو سهڻو رومال،
ڪنهن سان نہ ڪجاڻ احوال،
رنگ ڳاڙهي جـو رومال.

هٽڙن سان ويهي موتي مڙهيا ٽم، الامنهنجو سهڻو رومال،
ڪنهن سان نہ ڪجاڻ احوال،
رنگ ڳاڙهي جـو رومال.

هٽڙن سان ويهي هيرا جڙايم، الامنهنجو سهڻو رومال،
ڪنهن سان نہ ڪجاڻ احوال،
رنگ ڳاڙهي جـو رومال.

هٽڙن سان ويهي سُئي مان هلايم، الامنهنجو سهڻو رومال،
ڪنهن سان نہ ڪجاڻ احوال،
رنگ ڳاڙهي جـو رومال.

هٽڙن سان ويهي "سانگي" سبيوٽم، الامنهنجو سهڻو رومال،
ڪنهن سان نہ ڪجاڻ احوال،
رنگ ڳاڙهي جـو رومال.

☆☆☆

جهڙي طرح چلو، رومال بہ نشاني طور عاشقيءَ ۾ محبوب عاشق کي ڏيندا آهن.
جيڪي پيار ڪرڻ وارا رومال کي ساهہ ۾ سانڍيون وتندا آهن.

" ڪُجر پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سونارو

اداڑي سونارا مونکي هار گهڙي ڏي،
هار گهڙي مٺان موتي جڑي ڏي
مونکي ايرينگ گهڙي مٺان موتي جڑي،
اداڑي سونارا.

مونکي جهومڪ گهڙي مٺان موتي جڑي ڏي،
اداڑي سونارا.

مونکي چوڑيون گهڙي مٺان موتي جڑي ڏي،
اداڑي سونارا.

مونکي نٿ گهڙي مٺان موتي جڑي ڏي،
اداڑي سونارا.

مونکي ٽکو گهڙي مٺان موتي جڑي ڏي،
اداڑي سونارا.

مونکي ڏرهي گهڙي مٺان موتي جڑي ڏي،
اداڑي سونارا.

☆☆☆

شادين مرادين تي سون سونارن کان گهڙايو ويندو آهي، ڏينڊ وٺڻ وارا ماڻهو، پٽي سٽي ۽ سونا زيور گهڙائيندا آهن.

" ڪنجر پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

واڇ

واڇ منهنجي واڇ،
اديون واڇ منهنجي واڇ،
واڇ سعوديءَ کان مون آ ڳهرائي،
واڇ جدي کان آهي آڻائي،
سوني پٽي واري واڇ منهنجي واڇ،
واڇ منهنجي واڇ.

چار ڏڪي آئون اڻان اسر جو،
شروع ڪيان ڪم ساري گهر جو،
واڇ منهنجي واڇ.

پنجين ڏڪي آئون ڏڏ ٽي ولوڙيان،
ڏوٽي ڏوٽي مکڻ کي جوڙيان،
واڇ منهنجي واڇ.

ڇهين ڏڪين آئون اڳڻ ٻهاريان،
گهر جا ڀاتي سارا اڻاريان،
واڇ منهنجي واڇ.

ستين ڏڪين آئون نيرن پچايان،
مکڻ ماکيون ٽي کاوان کارايان،
واڇ منهنجي واڇ.

سعودي عرب ۾ ڪيترا ماڻهو، هتان ڪمائڻ لاءِ ويندا هنا، پوءِ اتان جي بوسڪي ٽيپيون واڇون وغيره وٽي ايندا هنا، ۽ انهن چيزن جو مانُ مٽي رهيو، ۽ ائين چوندو هو هرڪو، هيءَ واڇ آئون سعوديءَ مان آڻائي آهي.

"ڪنڊو پاڻي ڪڍ" لوڪ ڪيت
(علي گل سانگي)

ڪنوار

ڪنوار ڪي سهڻو سجايو،
لالين ۾ ڳلن تي لڳايو،
هِير ڪي هاڻي ٻڌايو،
منهنجو رانجهن ايندم اڄ رات اديون،
منهنجو رانجهن ايندم اڄ رات اديون.

تخت هزاري کان ڇڄ آڻيندو،
هِيرَ ٻنهنجيءَ ڪي ماڻي جو ويندو.
منهنجو رانجهن ايندم.

تخت هزاري جو رانجهن پيارو،
هِيرَ آ جنهنجي، هير جو سارو،
منهنجو رانجهن ايندم.

تخت هزاري جو رانجهنَ سائين،
هِيرَ سان جيءُ پيو سهڻا سدائين،
منهنجو رانجهن ايندم.

تخت هزاري جو رانجهن آهي،
هِيرَ جو "سانگي" ساجن آهي،
منهنجو رانجهن ايندم.

☆☆☆

"گڏجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پَٽڪو

پَٽڪو، ٻڌيون، ادل منهنجو گهوڙي تي ٽو اچي،
گهوڙي تي ٽو اچي سارو راڄ پيو نچي،
پٽڪو ٻڌيون.

منهنجي راڻل جو آهي ويهانءُ،
موڙ ٻڌيون، ادل منهنجو گهوڙي تي ٽو اچي،
پٽڪو ٻڌيون.

منهنجي راڻل جو آهي ويهانءُ،
ڳانو ٻڌيون، ادل منهنجو گهوڙي تي ٽو اچي،
پٽڪو ٻڌيون.

منهنجي راڻل جو آهي ويهانءُ،
واڄ ٻڌيون ، ادل منهنجو گهوڙي تي ٽو اچي،
پٽڪو ٻڌيون.

علي گُلَ "سانگيءَ" جو آهي ويهانءُ،
ويس ڏيکيون، ادل منهنجو گهوڙي تي ٽو اچي،
پٽڪو ٻڌيون.

پَٽڪو، ٻڌيون، ادل منهنجو گهوڙي تي ٽو اچي،
گهوڙي تي ٽو اچي سارو راڄ پيو نچي،
پٽڪو ٻڌيون.

☆☆☆

گهوٽ کي پٽڪو يا لنگي ٻڌائي ويندي هئي، شاديءَ جي رات ۽ گهوڙي تي ويهاريو ويندو هو، آنر کي مُهار ڏني ويندي هئي.

" ڪَڄو پاڻي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪار

منهنجو ڳهوٽ اڻ موٽ،
آيو ڪار ڪاهي،
وڃي وڻي ويندو،
وڃي وڻي ويندو.

مائٽن جو ڏاڍو پيارو آهي،
سونڻ جو ڏاڍو پيارو آهي،
وڃي وڻي ويندو.

تاڙيون بيڻيون آهن سالين،
لايون بيڻيون آهن اُهي لالين،
وڃي وڻي ويندو.

پينر بيڻيون پاند جهليون هن،
ناچ ۽ گانا ڏاڍيون ڪِليون هن،
وڃي وڻي ويندو.

پٽ ڏٽيءَ تي دعائون ڳهرايم،
لوهه قلم ۾ جوڙ جوڙايم،
وڃي وڻي ويندو.

"سانگي" منهنجا سانگيئڙا سي،
جڙيا رهن شل جهانگيئڙا سي،
وڃي وڻي ويندو.

☆☆☆

" ڪجر پاڻي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

لاري

لاريءَ وارا لاري هلاءِ تون، دير نہ لاءِ هاڻي دير نہ لاءِ،
هلي سگھڑو ملاءِ منهنجي گھوٽل کي،
پنهنجي سهڻي ڪنوار.

لاريءَ کي هاڻي تيز هلاءِ تون، ماندي هوندي هُتي سُهڻي ڪنوار،
هلي سگھڑو ملاءِ منهنجي گھوٽل کي،
پنهنجي سهڻي ڪنوار.

لاريءَ کي هاڻي تيز هلاءِ تون، ڇڇ اسانجي جلدي پڄاءِ،
هلي سگھڑو ملاءِ منهنجي گھوٽل کي،
پنهنجي سهڻي ڪنوار.

لاريءَ کي هاڻي تيز هلاءِ تون، لاريءَ سان ڪو جادُو ڏيکار،
هلي سگھڑو ملاءِ منهنجي گھوٽل کي،
پنهنجي سهڻي ڪنوار.

لاريءَ کي هاڻي تيز هلاءِ تون، وٽن مٽان پنهنجي لاري اُڏاءِ،
هلي سگھڑو ملاءِ منهنجي گھوٽل کي،
پنهنجي سهڻي ڪنوار.

لاريءَ کي هاڻي تيز هلاءِ تون، "سانگي" جا سهڻا گيت سڻاءِ،
هلي سگھڑو ملاءِ منهنجي گھوٽل کي،
پنهنجي سهڻي ڪنوار.

☆☆☆

شاديءَ واري رات، ٽيپهريءَ ڏاران، ڇڇ ڪنوار جي طرف ٻيل گاڏين، ٽانگن، رکشائن، ويگنن، بسين تي رواني ٿيندي آهي، پوءِ عورتون سهرا ڳيچ ڳائيندين وينديون آهن.

" ڪنڊ پائي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ابڙو

سهرا ڳايو وڃايو ڳايو،
هڪ جيڏيون بيهي جهمريون پايو،
اڳڻ منهنجي تي آيو ڙي،
منهنجي اڳڻ تي ابڙو آيو آ.

اڳڻ اجاريان اڳڻ ٻهاريان،
گل چٽايان آيو ڙي،
منهنجي اڳڻ تي ابڙو آيو آ،
سهرا ڳايو وڃايو ڳايو.

اکيون وڇايان نيڻ وڇايان،
وار وڇايان آيو ڙي،
منهنجي اڳڻ تي ابڙو آيو آ،
سهرا ڳايو وڃايو ڳايو.

پاڳ اڇي ويا راڳ مچي ويا،
رنگ رچي ويا آيو ڙي،
منهنجي اڳڻ تي ابڙو آيو آ،
سهرا ڳايو وڃايو ڳايو.

"سانگي" هو سوهڻو من جو موهڻو،
سدائين کلڻو آيو ڙي،
منهنجي اڳڻ تي ابڙو آيو آ،
سهرا ڳايو وڃايو ڳايو.

☆☆☆

جکرو، ابڙو، ڳالهه ساڃي آهي، پٽ ڏٽي جکري کي ساراهيو آهي، ابڙي ۽ گهٽيون ذاتيون آهن. جيڪي بهاول خان انڙ سمائن واري کتاب ۾ ظاهر ڪيون آهن.

" ڪَجَر پائي ڪج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

نڪاح

پڙهه نڪاح ادل جو، مولوي پلارا،
مولوي پلارا،
راڄن جا پيارا.

راڄن جي وچ ۾، سهري ڪان پڇ تون،
مولوي پلارا،
راڄن جا پيارا.

راڄن جي وچ ۾، سالن ڪان پڇ تون،
مولوي پلارا،
راڄن جا پيارا.

راڄن جي وچ ۾، به مشير موڪل،
مولوي پلارا،
راڄن جا پيارا.

راڄن جي وچ ۾، تون وڪيل موڪل،
مولوي پلارا،
راڄن جا پيارا.

راڄن جي وچ ۾، ڪندي ڪُنوار هاها،
مولوي پلارا،
راڄن جا پيارا.

☆☆☆

گهٽي قدر ويهاڻ رات نڪاح پڙهيو ويندو آهي، جيڪو اسلام مطابق هڪ "مولوي" پڙهي ٿو، جنهن ۾ به مشير هڪ وڪيل ڪنوار پاران ڪنوار ڪان پڇا ڪندا آهن، ته توکي فلاڻو پٽ فلاڻي جو مڙس قبول آهي، پوء ڪنوار ها ڪندي آهي، ساڳي طرح مولوي صاحبُ گهوٽ ڪان پڇندو آهي.

" ڳڙو پاڻي ڳڙ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

گھوٽ

منهنجو گھوٽ ٽو اچي، منهنجو گھوٽ ٽو اچي،
ٻڌي ڳانو ٻڌي موڙ،
منهنجو اديون ڙي پينر،
وڃي وڻي ويندو.

ڏاڏي پنهنجي کان موڙ ٻڌائي،
ڏاڏِي پنهنجي کان ڳانو ٻڌائي،
منهنجو گھوٽ ٽو اچي،
وڃي وڻي ويندو.

وڃي ويهاري آهي جنهن لاءِ،
سهڻي سينگاري آهي جنهن لاءِ،
منهنجو گھوٽ ٽو اچي،
وڃي وڻي ويندو.

مومل ماڻي ويندو هاڻي،
سومل ماڻي ويندو هاڻي،
منهنجو گھوٽ ٽو اچي،
وڃي وڻي ويندو.

سانگي چوي سگھو سيج وڇايو،
مولا ڪيو ٽس لايو سجايو،
منهنجو گھوٽ ٽو اچي،
وڃي وڻي ويندو.

☆☆☆

گھوٽ کي ڳانو گھڻي قدر مرشد، ڳوٽ جو چڱو مڙس سردار يا پنهنجي گھر جو وڏڙو ڏاڏو ٻڌندو آهي.

" ڪَجِ پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ونجي

وڃي وڻي ويندو، زوريءَ زوراور،
ڪلندي به ويندي،روئيندي به ويندي،
وڃي وڻي ويندو،
سهڻو گهوٽ ادیون.

رنج رساما ڇاجا آهن،
پنهنجا آخر پنهنجا آهن،
وڃي وڻي ويندو،
سهڻو گهوٽ ادیون.

گهوٽل ويندو دلڙيون گهائي،
ويندو آخر نيٺ مڃائي،
وڃي وڻي ويندو،
سهڻو گهوٽ ادیون.

ڇاڇا ڇاڇا، ڇوندو بيهي،
ڪنوار ڏيو مونکي هاڻي سڳهوئي،
وڃي وڻي ويندو،
سهڻو گهوٽ ادیون.

"سانگي" چون سڪ موڻي ايندا،
ساهُرا پيڪا پيارا ٽيندا،
وڃي وڻي ويندو،
سهڻو گهوٽ ادیون.

☆☆☆

" ڪنڊو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مومل

مومل ماڙيءَ تان، لاهي وئي ويندو،
مومل ماڙيءَ تان، لاهي وئي ويندو،
راڻو وئي ويندو،
راڻو وئي ويندو.

مومل کي ماڻي، هاڻي جو هاڻي،
مومل کي ماڻي، هاڻي جو هاڻي،
راڻو وئي ويندو،
راڻو وئي ويندو.

اکين ساڻ ڏيندئو،هٿن ساڻ ڏيندئو،
اکين ساڻ ڏيندئو،هٿن ساڻ ڏيندئو،
راڻو وئي ويندو،
راڻو وئي ويندو.

ٻُڌي گيت گانا، ٻُڌي موڙ ڳانا،
ٻُڌي گيت گانا، ٻُڌي موڙ ڳانا،
راڻو وئي ويندو،
راڻو وئي ويندو.

"سانگي" سهڻي سهاڄهي،
جيڪا راڄن جي راڻي،
راڻو وئي ويندو،
راڻو وئي ويندو.

☆☆☆

"ڪنڊ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

لائون

لائون لهڻ ٿو اچي اچي،
لوڪ سڄو ٿو نچي نچي،
اديون گهوٽ منهنجو،
اديون راڻو منهنجو،
لائون لهڻ ٿو اچي.

سالیون تاڙیون ويٺيون آهن،
دَر کي هٿ ڏئي بيٺيون آهن،
لائون لهڻ ٿو اچي.

ڏوري ٽاهيون ڏوري لڪايون،
گهوٽ ڦندي ۾ ٽيون ڦاسايون،
لائون لهڻ ٿو اچي.

گهوٽ ڪنوار کي کير پياريو،
گوڏا گوڏن ۾ ڏيئي ويهاريو،
لائون لهڻ ٿو اچي.

ڏَکر هٽايو دير نه لايو،
گهوٽ ڪنوار کي جلدي ملايو،
لائون لهڻ ٿو اچي.

☆☆☆

شادين جون رسمون ريتون اڄ به آهن، لاون مهل سالیون در تي ڏور ٽاهي بيٺيون هونديون آهن، ته گهوٽ کي ڳڇيءَ وجهون جيئن ڪنوار جو ڳيجهو رهي، کير جو گلاس اڏ ڪنوار کي اڏ گهوٽ کي پيارينڊا آهن ، جيئن پاڻ ۾ دل ٽٽي، ساٽ سڳڙ عورتون ڪنديون رهن ٽيون.

"ڪُنڊو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

لائون

گھوٽ گھائي ويو گھور سان،
لائون لهي ويو ناز سان،
پنهنجي وني وڻي هليو پيار سان،
ڳايو ڳايو اديون سهرا ڳايو،
ڳايو ڳايو اديون.

لک لهي ڏي لوڏ ادل جي،
لک لهي ڏي هوڏ ادل جي،
ڳايو ڳايو اديون.

هڪ جيڏن ۾ گوءِ ڪٽي ويو،
راڃن راڻي آهي وڻي ويو،
ڳايو ڳايو اديون.

منهنجي ادل جا سهرا ڳايو،
آيو وڻي گهر مومل آيو،
ڳايو ڳايو اديون.

"سانگي"آ سهڻو راڃن راڻو،
آهي ادل منهنجو ڏاڏو سياڻو،
ڳايو ڳايو اديون.

☆☆☆

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

صندوق

صندوق منهنجي مٿي تي، آئون ڪنيون ٿي اچان،
ڏاڇ منهنجي اڌل جو آئون ڪنيون ٿي اچان،
آئون ڇونہ نچان،
آئون ڇونہ نچان.

ڏرهي پنهنجي ڪنوار جي آئون ڪنيون ٿي اچان،
آئون ڇو- نچان.

ايرينگ پنهنجي ڪنوار جا آئون ڪنيون ٿي اچان،
آئون ڇونہ نچان.

نَتَ پنهنجي ڪنوار جي آئون ڪنيون ٿي اچان،
آئون ڇونہ نچان.

ٽِڪو پنهنجن ڪنوار جو آئون ڪنيون ٿي اچان،
آئون ڇونہ نچان.

ڪپڑا پنهنجي ڪنوار جا آئون ڪنيون ٿي اچان،
آئون ڇونہ نچان.

چوڑيون پنهنجي ڪنوار جون آئون ڪنيون ٿي اچان،
آئون ڇونہ نچان.

☆☆☆

شاديءَ جي رات ڪنوار جو سامان پيتيءَ ۾ وڃهي عورتون سهرا گيچ ڳائيندڙيون ڪنيون ايندڙيون آهن.

" ڪَڇو پاڻي گڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

اڳڻ

اڄ اڳڻ منهنجي تي آءُ ته سهي، پوءِ ڏس ته سڄڻ آئون ڇاڻي ڪيان،
سر صدقي ڪيان، ساهه صدقي ڪيان،
گهور گهوري ڏيان،
پوءِ ڏس ته سڄڻ آئون ڇا ڻي ڪيان.

مونکي تنهنجي اڇڻ جي اُکير اٿم،
سڪ سير اٿم تولاءِ نير اٿم،*
سر صدقي ڪيان، ساهه صدقي ڪيان،
گهور گهوري ڏيان،
پوءِ ڏس ته سڄڻ آئون ڇا ڻي ڪيان.

انڪار ڪندين، مان مري ويندیس،
اقرار ڪندي مان جي ڦوندیس،
سر صدقي ڪيان، ساهه صدقي ڪيان،
گهور گهوري ڏيان،
پوءِ ڏس ته سڄڻ آئون ڇا ڻي ڪيان.

تنهنجي ناز حسن جي نهوڑيس مان،
تنهنجي درهه جي ونگ وکوڑيس مان،
سر صدقي ڪيان، ساهه صدقي ڪيان،
گهور گهوري ڏيان،
پوءِ ڏس ته سڄڻ آئون ڇا ڻي ڪيان.

هڪ رات جو "سانگي" سوالي آ،
برهه ۾ خد ڪيو بيحالي آ،
سر صدقي ڪيان، ساهه صدقي ڪيان،
گهور گهوري ڏيان،
پوءِ ڏس ته سڄڻ آئون ڇا ڻي ڪيان.

☆☆☆

---

* "ڪُجڙ پاڻي گڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

اگڻ

اڄ اگڻ منهنجي تي اچي لهندين، مان تولاءِ سيج وڇائيندیس،
گلڙن جون هٿن سان ڪنڌيون پوئي،
مان توکي پرين پارائيندس.

اڄ اگڻ منهنجي تي اچي لهندين، مان تو لاءِ عطر ڪندائيندیس،
گلڙن جون هٿن سان ڪنڌيون پوئي،
مان توکي پرين پارائيندس.

اڄ اگڻ منهنجي تي اچي لهندين، مان تولاءِ اگڻ ڀهاريندیس،
گلڙن جون هٿن سان ڪنڌيون پوئي،
مان توکي پرين پارائيندس.

اڄ اگڻ منهنجي تي اچي لهندين، مان تولاءِ ۾ راڄ ٻيهاريندیس،
گلڙن جون هٿن سان ڪنڌيون پوئي،
مان توکي پرين پارائيندس.

اڄ اگڻ منهنجي تي اچي لهندين مان تولاءِ گلڙا ڇٽائيندیس،
گلڙن جون هٿن سان ڪنڌيون پوئي،
مان توکي پرين پارائيندس.

اڄ اگڻ منهنجي تي اچي لهندين، مان تو لاءِ راهه ڀهاريندیس،
گلڙن جون هٿن سان ڪنڌيون پوئي،
مان توکي پرين پارائيندس.

☆☆☆

واقعي کو پرين پيارو اگڻ تي اچي لهي ٿو پوء مٿين حقيقت سچي آهي ۽ شاعر سچ لکن ٿا.

" ڪجر پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پيرون

جهڙا پيرون منا تهڙا مارو،
مارو ڙي، وو، الا،
منهنجا مارو ماڪيءَ جون لارون.

جهڙا انب منا تهڙا مارو، الا مارو،
مارو ڙي، وو، الا،
منهنجا مارو ماڪيءَ جون لارون.

جهڙا طوطَ منا تهڙا مارو، الا مارو،
مارو ڙي، وو، الا،
منهنجا مارو ماڪيءَ جون لارون.

جهڙا صوفَ منا تهڙا مارو، الا مارو،
مارو ڙي، وو، الا،
منهنجا مارو ماڪيءَ جون لارون.

جهڙا بيرَ منا تهڙا مارو، الا مارو،
مارو ڙي، وو، الا،
منهنجا مارو ماڪيءَ جون لارون.

جهڙا ڪيرَ منا تهڙا مارو، الا مارو،
مارو ڙي، وو، الا،
منهنجا مارو ماڪيءَ جون لارون.

☆☆☆

ڪڇن جا پيرون ڏاڍا منا ٿين ٿا، خاص ڪري ٿر ۽ پٺن تي ڪڇ گهاتا ٿين ٿا ۽ پيرون به سٺا ٿين ٿا.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ريل

ريل گاڏي استيشن تي بابو بيهارجانءِ
اسانکي تون لاهجانءِ.

اسان لهنداسين مانجهند شهر ۾،
شاهه اويس تي وهندا وينداسين،
اسانکي تون لاهجانءِ.

اسان لهنداسين آ مري شهر ۾،
جتان گدرا وٽي ڪائيندا سين،
اسانکي تون لاهجانءِ.

اسان لهنداسين سيوهڻ شهر ۾،
سيوهاڻيءَ جي زيارت ڪنداسين،
اسانکي تون لاهجانءِ.

اسان لهنداسين دادو شهر ۾،
جادو اتي ڏسنداسين،
اسانکي تون لاهجانءِ.

اسان لهنداسين بادهه شهر ۾،
شيرل جا شعر پڌنداسين،
اسانکي تون لاهجانءِ.

اسان لهنداسين ڏوڪري شهر ۾،
موهين جو درو ڏسنداسين،
اسانکي تون لاهجانءِ.

☆☆☆

ڏوڪري استيشن جو هاڻوڪو نالو موهين جو درو استيشن آهي.
" ڪجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ريل

اداڙي بابو، او ٽيلهي وارا،
اسانکي وٺيون هلو پاڻ سان،
ريل ڇڻي ويئي آهي اسانکان،
اداڙي بابو.

ساهُرن کان وٺي موکل آيس،
پيڪين ويندس،هاڻي نه رهندس،
اداڙي بابو.

ساهرن جي آئون پاري آهيان،
پيڪن جي آئون،پياري آهيان،
اداڙي بابو.

ساهرن جي آئون ساڙيل آهيان،
پيڪن جي آئون پاليل آهيان،
اداڙي بابو.

ساهُرن جا "سانگي" سور هزارين،
پيڪن جا ٿم پور هزارين،
اداڙي بابو.

☆☆☆

ريلوي لائن تي هڪ ننڍڙي ريڑهي هلندي نظر ايندي آهي، جنهن کي ٻه ماڻهو، هڪ سڄي ٻيو کڻي پاسي، لائين مٿان تيز ڊوڙائيندا ويندا آهن، جنهنکي "پُش ٽرالي" چئبي ٿو، جنهنجو انچارج انسپيڪٽر هوندو آهي جنهن کي ٻهراڙيءَ وارا ماڻهو ان ريڑهي سميت بابو ٽيلهي وارا چوندا آهن جيکو ٻاري وارن مٿان انچارج هوندو آهي.

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

بابو

بابو او بابو، استيشن وارا او بابو بابو،
جهت کا، ريل روکائين ها،
جهت کا، ريل بيهارين ها،
ريل اسانکان، ريل وئي نکري بابو،
بابو او بابو.

ريل تي ساري ڄڃ چڙهي ها،
ڳايون وڃايون دلڙي ڏري ها،
بابو او بابو.

ريل جو آهي سهڻو، سفر سهاڻو،
موڙ ٻڌي آ آيو، راڄ جو راڻو،
بابو او بابو.

ريل ۾ ويهي ها، سهرا ڳايون،
ريل ۾ ويهي ها، دهل وڄايون،
بابو او بابو.

ريل ۾ "سانگي" اسان سڪ سان وڃئون ها،
ريل ۾ سانگي ڪڏهن ڏک نه ڏسئون ها،
بابو او بابو.

☆☆☆

ماهوتا استيشن کان ڄڃ آئي پر هن کان ريل گاڏي نکري ويئي پوء عورتون ريل بيهارڻ ۽ بابوء جا سهرا ڳائڻ لڳيون. "ڪجو پائي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

لاڏلو

ساڻ نہ ڪر ساڙولي او ساڻ سڙي،
سڙي ڇو وئي آهين سور ۾،
آيو وني گهر گهائي آيو منهنجو لاڏلو،
آيو وني گهر گهائي،
آيو وني گهر گهائي.

نظر نہ هٽجانءِ منهنجي وني‌ءَ کي،
بسم الله ڪجانءِ منهنجيءَ وني‌ءَ کي،
آيو وني گهر گهائي.

چاندوکي لٽي آهي گهر ۾،
لاڏي لاڏي جي آهي ياڪر ۾،
آيو وني گهر گهائي.

بسم الهيون ڪيان آکڻ ٽيا آجرا،
محنت جا رب ڏنا هِن بهرا،
آيو وني گهر گهائي.

"سانگي" سياڻا ڏينهن اڇي ويا،
آکڻ منهنجي تي رنگ رچي ويا،
آيو وني گهر گهائي،
آيو وني گهر گهائي.

☆☆☆

سهڻي وني ڏسي واقعي پاڙي واربون کي ساڻ سڙيون سڙي ويندیون آهن. تنهن ڪري عورتون چوندیون آهن تہ ادي اسانجي مهري موچاري آهي، موچاري معنيٰ سڻي، صرف نظر لڳڻ ڪري موچاري چوندا آهن.

" ڪجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جواني

مونکان هتي هتي هلو، آئون ٽي چوان آهي ڀلو،
هي جواني، ديواني، مستاني آ،
آئون ٽي چرلن آهي ڀلو.

جيئن گلڙا ٽا مکڙيون ٽيڙن،
تيئن سمجهو اڄ منهنجي جواني،
منهنجو سهڻو آهي چلو،
آئون ٽي چوان آهي ڀلو.

مٺڑي موسم بهار جي آئي،
پيار جي هر ڪنهن راند آ رچائي،
متو پيو آهي ميلو،
آئون ٽي چوان آهي ڀلو.

کوهه مٿي تان پاڻي پريندس،
پاڻي گهري کو مور نه ڏيندس،
منهنجو ٽڏو آهي دلو،
آئون ٽي چوان آهي ڀلو.

سنڌوءَ جو ڏسو وهندڙ پاڻي،
راحت ڏئي ٽي ساوڪ ساري،
وٺيون وڃان ٽي آئون ڀلو،
آئون ٽي چوان آهي ڀلو.

☆☆☆

" ڪنڊ پاڻي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مهاڻا

جام شوري واري پل جا مهاڻا،
ميرڙا ڪارڙا، راڄن جا راڻا،
مونکي ٻيڙي جو سير ڪراءِ،
راڄن جا راڻا.

پلو آنيءَ وارو ڏي مونکي ماري،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
راڄن جا راڻا.

پلي جا ڇڇڙا لهي ڏي مونکي،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
راڄن جا راڻا.

پلو وڏو ڪو ماري ڏي مونکي،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
راڄن جا راڻا.

پلو ڪاراءِ اڇ مونکي تري ڪو،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
راڄن جا راڻا.
ميرڙا ڪارڙا، راڄن جا راڻا،
مونکي ٻيڙي جو سير ڪراءِ.

☆☆☆

جام شوري واري پل پرسان مهاڻا ڏونڊيون ٻيڙيون جهليون بينا هوندا آهن،
ڪيترا ماڻهو موڪل جي وار تي اڇي ٻيڙي تي چڙهي سير ڪندا آهن.

" ڪنڊ پائي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مهاڻو

اداڑي مهاڻا، ڏاڍا سياڻا، راڄن جا راڻا،
مونکي موري مڇي ڏي،
مونکي موري مڇي ڏي.

مائي: گندڻ جي مڇي توکان وڻندس نه هاڻي،
مهاڻو: گندڻ جي مڇي مائي کائي نه ڇاڏين،
مونکي موري مڇي ڏي.

مائي: ڪرڙي جي مڇي توکان وڻندس نه هاڻي،
مهاڻو: ڪرڙي جي مڇي مائي کائي نه ڇاڏين،
مونکي موري مڇي ڏي.

مائي:پوئڪيءَ جي مڇي توکان وڻندس نه هاڻي،
مهاڻو:سينگاري مڇي مائي کائي نه ڇاڏين،
مونکي موري مڇي ڏي.

مائي:ٽيلهيءَ جي مڇي تو کان وڻندس نه هاڻي،
مهاڻو:ٽيلهيءَ جي مڇي مائي کائي نه ڇاڏين،
مونکي موري مڇي ڏي.

☆☆☆

مهاڻي کي راڄن راڻو ان ڪري چيو ويندو آهي جو شادين مرادين تي مهاڻا اڇي پاڻي پريندا آهن، انهن کي هتي مهاڻو چيو ويندو آهي.

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گندي

ادي تون چاڻي ڪرين پئي،
گندي ٽي ٺاهيان پينر آئون،
روز متي ۽ چيٽو ملائي،
هاري ڏيندي آهيان، ٺاهي ٺاهي.

پوک پکي آ گندي ٽي ٺاهيان،
لوري وينڊي آئون پينر گهايان،
ادي تون چاڻي ڪرين پئي.

پوک پکي آئون، هڪليان جهار ٽي،
روز ڪيان مان، پوک سان پيار ٽي،
ادي تون چاڻي ڪرين پئي.

پوک پکي بيٺي لاباري تي،
پيٽ بکيو رکيو، جنهن لاري تي،
ادي تون چاڻي ڪرين پئي.

پوک پکي آئون، گندي پريندیس،
پاڙي وارن ۾، پوءِ پئي ٺهنديس،
ادي تون چاڻي ڪرين پئي.

پوک پکي ايندا، گهر ۾ داڻا،
"سانگي" چريا پي، ٽيندا سياڻا،
ادي تون چاڻي ڪرين پئي.

گندي، ان جي گندي، جيڪا چيڪي مٽي ماهيو ڳائو چيٽو، گهوڙي جي لڏ وغيره ملائي، ڪمائي روز عورتون هاري ڏيندیون آهن، جيڪا اٽڪل ٢٥ ڏينهن اندر، ڏهي راس ٽيندي آهي. " ڪنڊو پائي ڪڇ" لوڪ گيت (علي گل سانگي)

پٽڻ

اداڙي مهاڻا، ٻيڙيءَ وارا،
پٽڻ روهڙيءَ وارا،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
مونکي پار درياءَ جو گهماءِ،
اداڙي مهاڻا.

ٻيڙيءَ جو سڙهه ڦوڪي چاڙهي،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
اداڙي مهاڻا.

پاري او ٻيڙي هل تون ڪاهي،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
اداڙي مهاڻا.

ڏکڻ جي اڇ هير لڳي ٽي،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
اداڙي مهاڻا.

آهي درياءَ کي چاڙهه به ڏاڍو،
مونکي ٻيڙيءَ جو سير ڪراءِ،
اداڙي مهاڻا.

جڏهن ڏکڻ جي هير لڳندي آهي، تڏهن ٻيڙي اوپاري هلندي آهي، پوءِ ٻيڙيءَ ۾ سير ڪرڻ جو وڏو مزو هوندو آهي. آڻون پٽ روهڙيءَ وارن ملاحن فقيرن سان وڏيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اوپارو سفر ڪيو آهي، ٻيڙي هوا تي ريل جيڏي تيز ويندي آهي، ۽ آواز به ڪندي آهي. اهو سال هو 1976ع فقير محمد نواز ڪنڀر سان گڏ.

" ڪنڀر پاڻي کڻ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ٻيڙي

آءُ مهاڻا ٻيڙي وارا ٻيڙي موٽائي،
اسان بہ هلنداسينِ پار ڏي،
هل وڃي هنَ پار ڏي.

پٽڻ عاقل وارا مهاڻا،
راڄن راڻا راڄ جا راڻا،
اسان بہ هلنداسينِ پار ڏي،
هل وڃي هنَ پار ڏي.

موٽي پڄائج پار مهاڻا،
راڄڻ راڻا راڄ جا راڻا،
اسان بہ هلنداسينِ پار ڏي،
هل وڃي هنَ پار ڏي.

ڏاڍا سنڌوءَ کي اوج مهاڻا،
راڄن راڻا، راڄ جا راڻا،
اسان بہ هلنداسينِ پار ڏي،
هل وڃي هنَ پار ڏي.

"سانگي" چوي سُڻ سڏڙا مهاڻا،
راڄن راڻا راڄ جا راڻا،
اسان بہ هلنداسينِ پار ڏي،
هل وڃي هنَ پار ڏي.

هر پٽڻ تي هڪ وڏي ٻيڙي هوندي آهي جيڪا ٢٤ ڪلاڪ هن هُن پار ٽپائيندي رهي ٿي مهاڻي جا آهتي ماٺهو مهاڻي کي ٻارهين مهيني سارين جي ڳوڙ ڏيندا آهن، مهاڻو انهن آهتن کي راڄ سڏيندو آهي.

"ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مونکي مهاڻا...مونکي سنڌوءَ جو سير ڪراءِ...مونکي مهاڻا،
هل پيڙي ڪاهي هن پار ڏي،
هل مونکي وٽي ميهار ڏي.
جيڪو مينهون چاري ٿو ڏنار ڏي.

ميهر ڏني مونکي، ڏينهن لنگهي ويا، مونسان ميهر ملاءِ،
هل پيڙي ڪاهي هن پار ڏي،
هل مونکي وٽي ميهار ڏي.
جيڪو مينهون چاري ٿو ڏنار ڏي.

ميهر ڏني مونکي، مهينا مڙي ويا، مونسان ميهر ملاءِ،
هل پيڙي ڪاهي هن پار ڏي،
هل مونکي وٽي ميهار ڏي.
جيڪو مينهون چاري ٿو ڏنار ڏي.

ميهر ڏني مونکي، سال مڙي ويا، مونسان ميهر ملاءِ،
هل پيڙي ڪاهي هن پار ڏي،
هل مونکي وٽي ميهار ڏي.
جيڪو مينهون چاري ٿو ڏنار ڏي.

ميهر ڏني مونکي، صديون گذريون، مونسان ميهر ملاءِ،
هل پيڙي ڪاهي هن پار ڏي،
هل مونکي وٽي ميهار ڏي.
جيڪو مينهون چاري ٿو ڏنار ڏي.

"سانگي" ڏني مونکي، سڪ لڳي آ، مونسان ميهر ملاءِ،
هل پيڙي ڪاهي هن پار ڏي،
هل مونکي وٽي ميهار ڏي.
جيڪو مينهون چاري ٿو ڏنار ڏي.

اڳوڻي سهڻي، ڪجو دلو ڪٽي ڪاهي پئي درياهه ۾، سر جو سانگو چڏي، اجوڪيون سهڻيون مهاڻي ۽ پيڙي، ڪان سواءِ ميهر ڏي وڃڻ لاءِ تيار ڪونهن، اگر پيڙي ٻڏي وڃي ۽ مهاڻو درياءِ مان ڪڍي ولي. اڳوڻي سهڻي ۽ اجوڻي سهڻي ۾ فرق صاف ظاهر آهي، اڳوڻا عاشق سچا هٿا ۽ هاڻي ڪوڙا.

"ڪجو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

مڇي

مڇي ڪٽي وئي ٻلي، اديون منهنجي مڇي ڪٽي وئي ٻلي،
ٻلي هئي رنگ جي اڇي،
اديون منهنجي، مڇي ڪٽي وئي ٻلي.

روپيو ڏئي مان مڇي آڻايم،
ٻلي هئي رنگ جي اڇي.

پنج روپيا ڏئي مڇي آڻايم،
ٻلي هئي رنگ جي اڇي.

ڏهن روپين جي مڇي آڻايم،
ٻلي هئي رنگ جي اڇي.

ويهن روپين جي مڇي آڻايم،
ٻلي هئي رنگ جي اڇي.

سَوَ روپيه ڏئي مڇي آڻايم،
ٻلي هئي رنگ جي اڇي.

☆☆☆

ٻلي مڇيءَ جي عاشق هوندي آهي، ڪارا تركرا تالهه اڻلائي به ٻلي مڇي کائي ويندي آهي، جنهن ڪري مڇيءَ کي چگيءَ طرح لکائي رکڻ گهرجي، جيئن ٻلي نه پهچي سگهي.

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چگي

اداڑي مهاڻا مونکي چگي مڃي ڏي،
چگي مڃي ڏي مونکي چگي مڃي ڏي،
مهاڻو:مڃي ماريان آئون نہ واريان، چگي آئون نہ ڏيان،
مائي چگي آئون نہ ڏيان.

مائي: سالن کان سهڻي مڃي موران نہ کاڌم،
اداڑي مهاڻا مونکي، چگي مڃي ڏي.

مائي: سالن کان ٽپري موران نہ کاڌم،
اداڑي مهاڻا مونکي، چگي مڃي ڏي.

مائي: سالن کان گندڙي موران نہ کاڌم،
اداڑي مهاڻا مونکي، چگي مڃي ڏي.

مائي: سالن کان موري مڃي موران نہ کاڌم،
اداڑي مهاڻا مونکي، چگي مڃي ڏي.

مائي: پلا چگي مڃي ڇونہ ڏيندين،
مهاڻو:اي مائي چگي منهنجي زال جو نالو اٿم.

☆☆☆

مهاڻي جي زال جو نالو چگي هو جيڪو مڃي ماري نہ پيو واري چگي زال هئس جنهن ڪري چگي نہ پيو ڏني. رائيس ڪنال جي دودائي پٽڻ تي مائي سمل رهندي هئي مامو گلو ملاح مٽس شعر ٺاهي ۽ ٻڌائيندو هو. باريج جي ڪڙ تي نازبو، جو وڻ، سمل چيو گلي ڪي ٻوٽو گلاب جو هڻ، نت منهنجو ڇاڻين ٽو رسڻ، وري نہ ايندي سانہ ۽ دودائي پٽڻ تي.

" ڪجو پاڻي ڪچ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سيٹھ

لهُ تون درياءَ ۾ سيٹھ ساهي، پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي،
پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي.
سير سڏو ٽي لهٽو ٽي،
لهُ تون درياءَ ۾ سيٹھ ساهي.

سيني هيڻان سيٹھ ڏيئي، پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي،
پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي.
سير سڏو ٽي لهٽو ٽي.

وات سيٹھ ۾ ڦوڪيندو هَلُ، پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي،
پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي.
سير سڏو ٽي لهٽو ٽي.

ڪر ڪنارا ڪُنَ ڪان پيارا، پار درياهه اڇ ڪرٽو ٽي،
پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي.
سير سڏو ٽي لهٽو ٽي.

چوليون چڇڪا چوهو ڏاڍو، پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي،
پار درياءَ اڇ ڪرٽو ٽي.
سير سڏو ٽي لهٽو ٽي،
لهُ تون درياءَ ۾ سيٹھ ساهي.

☆☆☆

ڪچي جا ماڻهو، درياءَ ۾ ترڻ لاءِ ننڍي ڇيلي جي ڪل سهڻي ٿوني لاهي انجون ٽنگون ڇڇيءَ وارو سوراخ وغيره بند ڪري سيٹھ ٺاهيندا آهن، درياءَ ۾ لهڻ محل انکي ڦوڪي هوا وجهي، درياءَ ۾ لهندا آهن، پوءِ آسانيءَ سان درياءَ پار ڪري وڃن ٿا.

" ڪَڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پَلو

منهنجو پلو ڪٽي ويو پلو اديون ڙي،
ڪارو ڪارو پلو اهو،
ڪارو ڪارو پلو اهو،
پلي ڪي ڪير مارينڊو.

پلو پيو هو، منهنجي ٽالهه ۾،
مان بيٺي هيس ، پنهنجي خيال ۾،
پلي ڪي ڪير مارينڊو.

پلو آڻايم، سَوَ روپئي ۾،
ڳولهي ڳولهي مون، سڄو سڄي ۾،
پلي ڪي ڪير مارينڊو.

پلو مليو هو، ڏاڍو موچارو،
پلو هو مونکي، ڏاڍو پيارو،
پلي ڪي ڪير مارينڊو.

پلو آڻايو هو، مارن جي لاءِ،
"سانگي" پنهنجي، سانگن جي لاءِ،
پلي ڪي ڪير مارينڊو.

☆☆☆

پلا ٻن قسمن جا ٿين ٿا هڪ گهرو پلو ٻيو جهنگلي، جهنگلي پلو گهڻي قدر زبان خور ٿيندو آهي، اويلو رات گهرن ۾ زورا ڪري گهري زبان ڪري ويندو آهي

"گَجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

بلي

بلي ماري ويو منهنجي،
او اديون اهو، ڪتو ماريو ڪارو،
ڪوئن ڪي ڪير مارينڊو،
ڪُنا هاڻي لٽا ٿُڪيندا.

ڪنا وڃي ويندا گهر جا،
ايندا موڻي ساري تر جا،
ڪُنا هاڻي لٽا ٿُڪيندا.

ڪنا ٽڪي لٽا ويڙا،
نيرا ڦڪا سيڻي ساوا،
ڪُنا هاڻي لٽا ٿُڪيندا.

ڪنا ڪندا هاڻي گهيرا،
وري موٽائي پنهنجا ويرا،
ڪُنا هاڻي لٽا ٿُڪيندا.

بلي هئي منهنجي پاڻن واري،
مونکي هئي سرتيون ڏاڍي پياري،
ڪُنا هاڻي لٽا ٿُڪيندا.

☆☆☆

بلا متان بلا پئي آهي، ڪُتن کي بلي مارينڊي آهي، بلي‌ءَ کي وري ڪُتو مارينڊو آهي، بلي ڏاري ويندي آهي ڪتن لاءِ، ڪتو ڏاريو ويندو آهي، چور چڪور لاءِ.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

بِلو

روز ٹو ماري ماريو بلو اچي،
منهنجي بليءَ کي، منهنجي بليءَ کي،
بلي کي مار ڏيندو ڪو،
روز ٹو ماري ماريو.

بلي آهي منهنجي برٿ پريندي،
بلي آهي مونکي ڏاڍي پياري،
روز ٹو ماري ماريو.

بلي آهي منهنجي لٽا ڏوئيندي،
بلي آهي مونکي ڏاڍي پياري،
روز ٹو ماري ماريو.

بلي آهي منهنجي ماني گهڙيندي،
بلي آهي مونکي ڏاڍي پياري،
روز ٹو ماري ماريو.

بلي آهي منهنجو هنڌ وڇائيندي،
بلي آهي مونکي ڏاڍي پياري،
روز ٹو ماري ماريو.

☆☆☆

زوراور بلو ڪمزور بليءَ کي ماريندو آهي، رات جو اڪثر بلي بليءَ جي ويڑهه جور راڙيون ٻڌيون ويندیون آهن پچپڻ ۾ مان بلن جو راڙيون ٻڌي ڏجندو هيس.

"گنجو پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

جادوگر

جادوگر آيو مونکي جادو هٽي ويو...الا مونکي جادو هٽي ويو،
لڳي اٽم کا اکير مونکي،
ڏاڍا لڳا ٽم تير مونکي.

جادوءَ لڳي پيون جيءَ ۾ جھوريون...الا جيءَ ۾ جھوريون،
لڳي اٽم کا اکير مونکي،
ڏاڍا لڳا ٽم تير مونکي.

جادو هٽي ويو جادوگر جاني...الا جادوگر جاني،
لڳي اٽم کا اکير مونکي،
ڏاڍا لڳا ٽم تير مونکي.

جادوءَ جا مونکي جوش لڳي ويا...الا جوش لڳي ويا،
لڳي اٽم کا اکير مونکي،
ڏاڍا لڳا ٽم تير مونکي.

جادو هٽي ويو مونکي ڪري قابو...الا مونکي ڪري قابو،
لڳي اٽم کا اکير مونکي،
ڏاڍا لڳا ٽم تير مونکي.

جادو ڪيو مونکي آهي پند پانهڙ...الا آهي پند پانهڙ،
لڳي اٽم کا اکير مونکي،
ڏاڍا لڳا ٽم تير مونکي.

☆☆☆

جادوءَ ۽ جادوگرن جا پراڻا قصا آهن، ڪنهن کي جادو ڪري پند پاهڙ ڪري ويندا هٿا، تيتر پند پاهڙ هوندا هٿا، جيتر ٻيهر جادو ٿئي پوءِ ساڳئي صورت ۾ اچن. ٻيو جادو آهي پيار جو، حقيقت ۾ پيار جو جادو وڏو آهي پيار واري جادوءَ ۾ ڪاسائڙ وارا برابر آهن، هيڪر ڪاسائي چڏن تہ جادو نڪري ئي ڪونہ.

" ڪنجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڍارو

ڍاري وارا، مونکي ڍارو هٽي ڏي... الا ڍارو هٽي ڏي،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍولیا ٿم کائي،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍاڻــي ٿم کائي.

جيءُ جئي نٿو،جن ريءَ منهنجو...الا جن ريءَ منهنجو،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍولیا ٿم کائي،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍاڻــي ٿم کائي.

روز وينِي ٽي، راهون نهاريان...الا راهون نهاريان،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍولیا ٿم کائي،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍاڻــي ٿم کائي.

آهيان چري ٽيس، جن جي لاءِ آئون...الا جن جي لاءِ آئون،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍولیا ٿم کائي،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍاڻــي ٿم کائي.

ڏينهن جون لوريون، رات جون جهوريون...الا رات جون جهوريون،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍولیا ٿم کائي،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍاڻــي ٿم کائي.

"سانگي"سکي پيو،ساهه منهنجو ٿو...الا ساهه منهنجو ٿو،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍولیا ٿم کائي،
مونکي ٻڌاءِ منهنجا ڍاڻــي ٿم کائي.

☆☆☆

ڍاري وارا اڄ ب موجود آهن، ڍاري رستي ماڻهن کي پنهنجي اندر جون ڳالهيون ٻڌائن ٿا، ۽ واقعي اُهي ڳالهيون اندر سان لڳن ٿيون، ڍاري وارن جا کجهه کجهه ٽوٽا لڳي ويندا آهن، ڍاري وارن جي اهميت پنهنجي حد اندر آهي، ڍاري جو دستور پراڻو آهي جيکو اڄا ب جاري اُهي.

" گنڍو پاڻي کڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪانگ

ڪان ڪان او ڪان ڪان،
ڪانگ ڪوئي تي ٻولي ٿو،
ايندا منهنجا مهمان ايندا،
ايندا منهنجا مهمان.

ڪانگ خبر ڪر ڪير اچي ٿو،
جنهنجي اچڻ سان روح رچي ٿو،
ويندا سيئي ارمان منهنجا،
ويندا سيئي ارمان.

ٻول ڪي تون ٻاجهه جون ٻوليون،
توکي هندوري ۾ ڏيان لوليون،
تنهنجا ٿيندا احسان مونتي،
تنهنجا ٿيندا احسان.

ڪانگل رنگ جو ڪارو آهين،
پر تون ڏاڍو پيارو آهين،
توتان وڃا قربان ڪانگا،
توتان وڃا قربان.

ايندا سڀاجهڙا "سانگي" منهنجا،
جهونڙا جهنگ جا جهانگي منهنجا،
ڳايان ويني آئون شان ڳايان،
ڳايان ويني ٿي شان.

اڪثر ڏٺو ويو آهي، جڏهن به ڪي پيار وارا مهمان مٽ مائٽ ايندا آهن ته ڪانگ اڳڻ تي ٻولينڊو آهي ۽ عورتون ڪانگل ڪان پڇندڙون آهن، ته ڪانگل، اڄ ڪير ٿو اچي، جو ٻولين ٿو، ۽ سچ مهمان اچي نڪرندا آهن.

" ڪجو پائي ڪج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ڪڪڙ

ڪڪڙ جو آنو ويو ڪاڏي، ادي ويو ڪاڏي،
منهنجي ڪڪڙ لاهيندي آ روز آنو،
ويهي گنديءَ جي پاڙ ۾، روز آنو.

ڪڪڙ آ ڪارڙي ڪوجهڙي منهنجي،
ڪڪڙ اٿم ڏاڍي پياري اديون،
منهنجي ڪڪڙ لاهيندي آ، روز آنو،
ڪڪڙ جو آنو ويو ڪاڏي.

ڪڪڙ آ بگڙي پورڙي منهنجي،
ڪڪڙ اٿم ڏاڍي پياري اديون،
منهنجي ڪڪڙ لاهيندي آ، روز آنو،
ڪڪڙ جو آنو ويو ڪاڏي.

ڪڪڙ آ جائي ڳاڙهڙي منهنجي،
ڪڪڙ اٿم ڏاڍي پياري اديون،
منهنجي ڪڪڙ لاهيندي آ، روز آنو،
ڪڪڙ جو آنو ويو ڪاڏي.

ڪڪڙ آ پيلي پيارڙي منهنجي،
ڪڪڙ اٿم ڏاڍي پياري اديون،
منهنجي ڪڪڙ لاهيندي آ، روز آنو.
ڪڪڙ جو آنو ويو ڪاڏي.

☆☆☆

" ڪَجو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گِدڙ

گِدڙ گُندي ۽ تان رات ڪُڪڙُ ڪٽي ويو،
رات ڪُڪڙُ ڪٽي ويو رات ڪُڪڙُ ڪٽي ويو،
ڏند ڏيکاري ڪيري،
ڪَتو گدڙ ماريو.

ڪُڪڙُ رنگ جو هو جائو، پر ڏاڍو هومونکي پياروَ،
اديون ڏاڍو هو مونکي پيارو.

ڪُڪڙُ رنگ جو هو پيلو، پر ڏاڍو هو پياروَ،
اديون ڏاڍو هو مونکي پيارو.

ڪُڪڙُ منهنجو هو ڳاڙهو، پر ڏاڍو هو مونکي پياروَ،
اديون ڏاڍو هو مونکي پيارو.

ڪُڪڙُ منهنجو هو بادمڑو، پر ڏاڍو هو پياروَ،
اديون ڏاڍو هو مونکي پيارو.

ڪُڪڙُ منهنجو هو سائو، پر ڏاڍو هو پياروَ،
اديون ڏاڍو هو مونکي پيارو.

ڪُڪڙُ منهنجو هو ڪارو، پر ڏاڍو هو مونکي پياروَ،
اديون ڏاڍو هو مونکي پيارو.

☆☆☆

عمومن اڳوٽا مارو ماڻهو وڏيون گنديون ناهي ڪري جن ۾ ٻارهن مهينن جو گذر سفر گڏ ڪري رکندا هٿا جهڙوڪ: ٻاجهر، جوئر، ڪڻڪ، وغيره انهن گندين مٿان ڪڪڙ چڙهي ويهندا آهن، ڪتو گهر ۾ نه هجڻ ڪري اڏ رات ڏيئي گدڙ گندن تان ڪڪڙ ڪٽي ويندا آهن،گدڙ ڏند ڪديِ ڪڪڙ کي ڏيکاريندو آهي نه ڪڪڙ ڪري پوندو آهي.

" ڪُجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سيهڙ

سيهڙ جي ٽنگ کاڏي ڪئي،
سيهڙ ٽنگون ٽم ٽي چوٽون پڇ اديون،
ڏوهه نه مونتي ڏي ادي او،
ڏوهه نه مونتي ڏي.

ويندو سيهڙ هو بازار ۾،
ايندو هو ڏاڍو ڪم ڪار ۾،
ڏوهه نه مونتي ڏي.
سيهڙ جي ٽنگ کاڏي ڪئي،

مونکي سيهڙ هو ڏاڍو پياروء
ڏک هٽي ڪنهن آهي ماريو،
ڏوهه نه مونتي ڏي.
سيهڙ جي ٽنگ کاڏي ڪئي،

سيهڙ منهنجو هو ڏالڙو ڏاڍو،
رنگ رنگي چت شالڙو ڏاڍو،
ڏوهه نه مونتي ڏي.
سيهڙ جي ٽنگ کاڏي ڪئي،

سيهڙ ويندو هو مارن ڏي منهنجو،
"سانگي" سهٽن سانگن ڏي منهنجو،
ڏوهه نه مونتي ڏي.
سيهڙ جي ٽنگ کاڏي ڪئي،

☆☆☆

" ڪُجهِ پاڻي ڪجِ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڏاند

منهنجو ڏاند ويندو ڪٽي، منهنجو ڏاند آهي جهري،
ويندو گوءِ ڪٽي،
ڏسندو سارو ڏيهه.

دودائي مقام جي چارن تي، ويندو گوءِ ڪٽي،
ويندو گوءِ ڪٽي،
ڏسندو سارو ڏيهه.

مسو جهنجهڻ آهي سوار سدورو،ويندو گوءِ ڪٽي،
ويندو گوءِ ڪٽي،
ڏسندو سارو ڏيهه.

وارا ڏناسين ڏاند کي ڏايا، ويندو گوءِ ڪٽي،
ويندو گوءِ ڪٽي،
ڏسندو سارو ڏيهه.

مکڻ چاريو ٿم ڏاند کي ڏايو، ويندو گوءِ ڪٽي،
ويندو گوءِ ڪٽي،
ڏسندو سارو ڏيهه.

روشن علي جو ڏاند جهري ويندو گوءِ ڪٽي،
ويندو گوءِ ڪٽي،
ڏسندو سارو ڏيهه.

☆☆☆

دوداڻي مقام جي اپرندي پاسي ڏانهن، بابي سائين روشن علي خان سانگيءَ، ڏاندن جي گوڻن پڃاڻ جا چارا ٺهرايا هٿا. هر هفتي گوءِ پڃندي هٿي پري پري کان ماڻهو اچي گوءِ ڏسندا هٿا. اڄي پلوڙ ڏاند ڏارڻ ۽ گوبرن پڃاڻ گهٽو شوق هوندو هو.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڏڳو

ڏڳو ڪاهي ويم رات،
منهنجو ڏِڳو ڙي اديون،چور چورائي ويا،
چور چور،منهنجو ڏڳو،چور چورائي ويا،
ڏِڳو ڪاهي ويم رات.

ڳِلو نہ بند ڪيو ننڊ وڻي ويم،
پنهنجي هٿن مان ويل وڃي ٽم،
ڏڳو ڪاهي ويم رات.

رات ويو هو ور وَاري ٿي،
آيو هو موڙي اسر ڏاري،
ڏڳو ڪاهي ويم رات.

مونکي ويا ٽم وهم وڪوڙي،
ڪير ويا ٽم ڏڳڙو ڇوڙي،
ڏڳو ڪاهي ويم رات.

وڃا ووڙيندي وڏيون پاڻاريون،
ڳولهي لهان ٿي ساريون ساڻاريون،
ڏڳو ڪاهي ويم رات.

☆☆☆

چوري ، گهٽن ماڻهو جو پراڻو ڏنڊو آهي. چورُ، پاڳئي جو، هميشہ دشمن رهيو آهي، پاڳيا ويچارا ٻهرن جا ڏنگهر ڪنهن وارا ڪچي گهر جي پناهہ ٺاهيندا آهن ڳِلن کي مضبوط ڪندي بہ چورَ ڏڳا ڪاهيو وڃن باقي تہ هرڪو چورُ آهي.

"ڪُجر پاڻي ڪج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

اداڑي هاري ڏاندن وارا،
بَـڌ تون ڏاند ٻڌي ايڏ ۾،
اسان ڀاڻي ڀريندیون سين،
اداڑي هاري.

ڀاڻيءَ پياسيون اسين ويچاريون،
ديور ڏيڳا اُجان پاڻ به اجاريون،
اداڑي هاري.

ڏاند بگو تنهنجو آهي پيارو،
ڳاڑهو به آهي جيءَ جياريو،
اداڑي هاري.

سهڻيون پنجوڑيون ڏاهي ڏاهي،
اسان ڏيندیوسين ڳانيون ڏاهي،
اداڑي هاري.

ڀاڻي جي لپ، ڪاهي اسان وڌ،
دلا ڀريو وڃون هاڻي جهڌ پڌ،
اداڑي هاري.

☆☆☆

ڪجهه دور اڳ ۾، ڪوهن مٽان، ايڏ ٻڌا وبندا هنا، جنهن ۾ اُٺ يا ۾ ڏاند ٻڌي هلايو ويندو هو، پوءِ پري پري ڪان، عورتون اچي، قطار ڪري، بيهي ڀاڻي ڀريندیون هيون. منهنجي ٻاڑي کي لوڏو ڏيو مان ڀاڻيءَ تي ٽي وڃان.

"ڳڙ ڀائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

گوشي

گوشب گوشب گوشي،گوشب گوشي گوشي،
منهنجي مينهن ڪاري ڪوشي،
مونکي گوشي ٽي پياري ڪيرَ منا،
هو هو ڪِيرِ منا،
هو هو ڪِيرَ منا.

ڪَٽي نہ ڪائيندي آهي هيلر جي،
مونکي گهرائي ڏيو، ڪٽي سيلر جي،
گوشب گوشب گوشي.

روز آمڙُ ٽي آئون گهرايان،
متر چٽا ٽي آئون ڏرايان،
گوشب گوشب گوشي.

ڪٽڪ ڏري ٽي آئون چارايان،
مينهن سدوريءَ کي ڪاريان،
گوشب گوشب گوشي.

ڏڌ ولوڙيان مکڻ جا چاٽا،
آءُ ڪارايان، توکي مان راٽا،
گوشب گوشب گوشي.

سائين مهر علي چنو دودائيءَ وارو مونکي پهرين درجي کان ٽئين درجي تائين پڙهايو، سائين مهر علي پلو پٽکو ٻڌندي پوءِ اسڪول اچي ۽ پڙهائيندو هو، سائينءَ کي گوشي مينهن هوندي هئي، گوشيءَ مينهن جي ڪير ۽ مکڻ جون ڳالهيون ڪري منهنجي گوشب گوشي چئي گيت ڳائيندو هو، ۽ روز حلور ڪائيندو هو اهو دور هو 1961ع جو. "ڪَڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گھنجَ

منهنجي مينهن ڳاڙهي گھنجَ،
مونکي ڪير ڏي ٽي گنج.
ٽَڻَ جنهنکي پنج،
ڪير ڏي ٽي گھنج.

ڪير ورهايان يارهين جو ٽي،
منهنجي مينهن ڳاڙهي گھنج،
ٽَڻَ جنهنکي پنج.

ڪير ورهايان پاڙي ۾ ٽي،
منهنجي مينهن ڳاڙهي گھنج،
ٽَڻَ جنهنکي پنج.

ڪير ورهايان مائٽن ۾ ٽي،
منهنجي مينهن ڳاڙهي گھنج،
ٽَڻَ جنهنکي پنج.

ڪير ورهايان پاتين ۾ ٽي،
منهنجي مينهن ڳاڙهي گھنج،
ٽَڻَ جنهنکي پنج.

ڪير ورهايا"سانگي"سانگن ۾ ٽي،
منهنجي مينهن ڳاڙهي گھنج،
ٽَڻَ جنهنکي پنج.

مينهون ڳاڙهيون، ڪاريون، بگيون رنگ جون ٽيندیون آهن. پنج ٽٽي، چار ٽٽي، ٻه ٽٽي ٻه ٽيندیون آهن ۽ سنگي چوڙ ڪندي، گوشي گھنج ٻه ٽيندیون آهن.

" ڪَڇ پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪنڊي

منهنجي مينهن ڪاري ڪنڊي،
جيڪا ٽيٽي آهي ٻل،
پاڻي پيارڻ ٽي وڃان،
مان نہ چارڻ ٽي وڃان.

سچر ڏاڍي ڪائڻ پيئڻ جي،
آهي صدوري ڏاڍي ڏهڻ جي،
منهنجي مينهن ڪاري ڪنڊي.

گهاگهر ڏاڍي ڏهي ڪيان مان،
ڪير جمايان ڏڌ ولوڙيان،
منهنجي مينهن ڪاري ڪنڊي.

مڪڻائتي منهنجي مينهن موچاري،
آهي مونکي ڏاڍي پياري،
منهنجي مينهن ڪاري ڪنڊي.

چيٽن مان پوري پاڻ ٽي ناهيان،
پونءَ ۾ سارو ٽي آڇلايان،
منهنجي مينهن ڪاري ڪنڊي.

آئي مومل ڀاڳ ورايو،
ڪنگڻ گهڙايم سون اپايو،
منهنجي مينهن ڪاري ڪنڊي.

جنهن مينهن جا سگ، سامهون گول وڪڙن تي ٽين ٽا. انکي ڪنڊي مينهن چئجي، ۽ ڪي مينهون بنيادي طرح ٻن ٽٽن سان ٽين ٽيون ٻن ٽين واري مينهن کي ٻل چئبو آهي. ۽ ڪير گهٽ ڏيندي آهي. "ڪجر پائي گج" لوڪ ڪيت (علي گل سانگي)

مانڌاڻي

مانڌاڻي الا....منهنجي مانڌاڻي، ڏڌ ولوڙڻ جي،
منهنجي پاڳن واري مانڌاڻي،
مکڻ واري مانڌاڻي.

ڏڌ ولوڙڻ واري مانڌاڻي، مونکي ڏاڍي پياري،
منهنجي پاڳن واري مانڌاڻي.
مکڻ واري مانڌاڻي.

ڏڌ ولوڙڻ واري مانڌاڻي، آهي ساهه سيباڻي،
منهنجي پاڳن واري مانڌاڻي.
مکڻ واري مانڌاڻي.

ڏڌ ولوڙڻ واري مانڌاڻي، آهي راڄن جي راڻي،
منهنجي پاڳن واري مانڌاڻي،
مکڻ واري مانڌاڻي.

ڏڌ ولوڙڻ واري مانڌاڻي، آهي مکڻ چاڻي،
منهنجي پاڳن واري مانڌاڻي،
مکڻ واري مانڌاڻي.

ڏڌ ولوڙڻ واري مانڌاڻي، گهرجي آڏياڻي،
منهنجي پاڳن واري مانڌاڻي،
مکڻ واري مانڌاڻي.

ڏڌ ولوڙڻ واري مانڌاڻي، "سانگي" سوپاري،
منهنجي پاڳن واري مانڌاڻي،
مکڻ واري مانڌاڻي.

☆☆☆

مانڌاڻي کاٽ جي ٽئي ٽي جيکو ڏکڻ ناهيندو آهي، مانڌاڻيءَ کي چاڏيءَ ۾ لاهي، مڃ جي رسيءَ ۾ ڪليون کاٽ جون وڇهي پوءِ ڏڌ ولوڙبو آهي.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پڪي

بول پڪي پاڃهارا، من ڪا پاڃهه پوئي،
ڪرڪا خاصي خبرِ،
مارن ڪئي ڪا نظرَ.
جهانگي آهن جهونڙا، ڪهڙي حال حشرَ،
ڪرڪا خاصي خبرِ،
مارن ڪئي ڪا نظرَ.
راڃن هوندا روڃڙا، هوندن ڪيئن صبرَ،
ڪرڪا خاصي خبرِ،
مارن ڪئي ڪا نظرَ.
ڪنڊين سنگريون ڪين ڪي، خالي صاف ڏنگهرَ،
ڪرڪا خاصي خبرِ،
مارن ڪئي ڪا نظرَ.
پڪريون ڇوڙيو پيا وڃن، واڙ ۾ واڙي ڦَرَ،
ڪرڪا خاصي خبرِ،
مارن ڪئي ڪا نظرَ.
پڪيڙا ڪيڏو آهين پيارو، ڪول ڪڻي تون پَرَ،
ڪرڪا خاصي خبرِ،
مارن ڪئي ڪا نظرَ.
"سانگي" سانگيڙا ڪندا، مون تي پنهنجي مهرَ،
ڪرڪا خاصي خبرِ،
مارن ڪئي ڪا نظرَ.

☆☆☆

مارئي ويچاري قيدياڻي، ڪيس قيدخاني مٽان، ڪهڙو ٻ پڪي آڏامي اچي ويهي، پوء ويڻي انهن پکين سان ڳالهائي، بي وس باندياڻي، هي، سانگياڻي، پنهنجي پنهوارن، ڏنارن، ناناڻن، ڏاڏاڻن، ڏوڻن جو بي اختيار ٿي ويڻي پُڇي، من ڪا خاص خبر ملي وڃي.

" ڪنجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

طوطلڙا

طوطلڙا طوطلڙا، بسول پکسي طوطلڙا،
ٽيون ٽيون ٽامُن تي،
پينگهون پائڻن تي،
منوئڙا ميوو کاءُ.

لامن لوڏا کائين، لامن لوڏا کائين،
ٽيون ٽيون ٽامُن تي،
پينگهون پائڻن تي،
منوئڙا ميوو کاءُ.

انب مٺان ويهي تون، انب وڏا ٿو کائين،
ٽيون ٽيون ٽامُن تي،
پينگهون پائڻن تي،
منوئڙا ميوو کاءُ.

ڪٽي ڪانياڻي مالهي، توکي باغ سڄي ۾ ڳولهي،
ٽيون ٽيون ٽامُن تي،
پينگهون پائڻن تي،
منوئڙا ميوو کاءُ.

بول تنهنجا ٻاجهارا، واهه وڻن ٿا دل کي،
ٽيون ٽيون ٽامُن تي،
پينگهون پائڻن تي،
منوئڙا ميوو کاءُ.☆☆☆

طوطا جن قسمن جا ٿين ٿا. بنگالي طوطا ماڻهو گهرن ۾ ڏاريندا ٿا ۽ انهن کي پڙهائي ماڻهن وانگي ڳالهرائن ٿا. ٻيا جهنگلي طوطا جيڪي وڻن انبن ۾ ڪاڻ ڪٽڻا ٽنگ ٽا ڪڏين، انهن گول سوراخن ۾ گهر ناهي ٻچا ڪن ٿا. ٽيون ٽيون ٻولينڊا آهن پاڻ ۾ ٽولا ناهي ويهن ۽ ڳڙجي اڏندا آهن.

" ڪَڄو پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ڪويلڙي

ڪُوڪُو ڪري ڪويلڙي، پپر لُڏي لامن تي،
منڙيون ٻوليون ٻولي،
پـپـر لُـڏي لامُن تـي.

دکياري دانهن ڪري، من ڪو مينهڙو وسي،
پـپـر لُڏي لامُـن تي،
منڙيون ٻوليون ٻولي.

پر تي ڪنديڙي ويهي، ڏڙ ڏڙ شال پوي،
پـپـر لُڏي لامُـن تي،
منڙيون ٻوليون ٻولي.

"سانگي" ماهه ساوڻ ۾، مَرُ برسات وسي،
پـپـر لُڏي لامُـن تي،
منڙيون ٻوليون ٻولي.

☆☆☆

ساڻ مهيني ۾ ڪويل مست ٿي ٻولينڊي آهي، جيئن مينهنُ پوي تيئن ڪويل ڇڇ مٿي جهلي ٽيڙي ويهي ٿي، ته مينهن جا ڦڙا سندس لڳَ واري جاءِ تي پون، اهڙي طرح لڳ ڦڪو ڪري ڪويل پنهنجو ٻولڻ ۾ بند ڪندي آهي، ڪويل پنهنجا آنا پاڻ نه ڦوڙبندي آهي آرو ناهي ڪندي، جڏهن ڪانويلي آکيرو ڏاهي آنا لاهڻ شروع ڪري ٿي، ته ڪويل انجا آنا ڇڇي آکيري مان هيٺ ڦٽا ڪري ۽ اتي پنهنجو آنو لاهي ويندي آهي،۽ ڪانويليءَ کي خبر ئي ناهي پوندي تڏهن خبر پوندي اٿس. جڏهن آنا ڦوڙي ٻچا وڏا ڪندي آهي، پتو پوءِ پوندو اٿس جڏهن ٻچن جو رنگ ۽ ٻولي، هن سان نٽا ملن، پوءِ کانءُ ۽ ڪانويلي گڏجي، انهن ٻچن کي ماري ڏوڙائي ڇڄائي ڇڏين ٿا.

" ڪَڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪويل

ڪويل ڪوڪو ڪندي وڃ، منهنجو مارن ڏي منهنجي سانگن ڏي.
ڇڪجانءِ حال سمورو،
مونسان ظلم ظهورو.

ڇڪجانءِ سانگياڻي هيءَ، ڇاکان ڇڪي ٿَوَ،
ڇڪجانءِ حال سمورو،
مونسان ظلم ظهورو.

ڇڪجانءِ جهانگياڻي هيءَ، جهنگ جهرلاءِ ٿي روئي،
ڇڪجانءِ حال سمورو،
مونسان ظلم ظهورو.

ڇڪجانءِ قيدياڻي هيءَ، ڪوٽن ۾ ٿَوَ قابون،
ڇڪجانءِ حال سمورو،
مونسان ظالم ظهورو.

ڇڪجانءِ جوڳياڻي هيءَ جهورن ۾ ٿَوَ جهوري،
ڇڪجانءِ حال سمورو،
مونسان ظالم ظهورو.

ڇڪجانءِ فقيرياڻي هيءَ، ڇا کان ٿَوَ وساري،
ڇڪجانءِ حال سمورو،
مونسان ظلم ظهورو.

☆☆☆

عمر جي ڪوٽ ۾ مارئي ويچاري مٺان پير جي وڻ ۾ ويٺل ڪويل کي مارن ڏي نياپو ٿي ڏي پاڻ کي هيٺ ڏاڻي پنهنجو پيغام ٿي ڏي.

" ڪُنجو پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

بلبل

بلبل باغ ۾ وئي، ٻوليون پئي ٻولي،
ميوا کائي منڙا الا،
طوط کائي منڙا الا.

ٻوليون ٿي ٻولي، رکي سڪ سوائي،
ميوا کائي منڙا الا،
طوط کائي منڙا الا.

ٻوليون ٿي ٻولي، پنهنجي ور سان ويهي،
ميوا کائي منڙا الا،
طوط کائي منڙا الا.

ٻوليون ٿي ٻولي، انبن جي اولي،
ميوا کائي منڙا الا،
طوط کائي منڙا الا.

ٻوليون ٿي ٻولي، زيتون ڳولهي،
ميوا کائي منڙا الا،
طوط کائي منڙا الا.

ٻوليون ٿي ٻولي، "سانگي" سڪ سمولي،
ميوا کائي منڙا الا،
طوط کائي منڙا الا.

☆☆☆

بلبل ننڍڙو پکيءَ جنهن جي ٻولي مني ٿيندي آهي اسانجي زيتونن واري باغ ۾ گهڻيون بلبليون هونديون آهن، زيتونن تي بلبل عاشق ڏٺي ويئي آهي.

" ڪنڊ پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
مانڊاڻي الا....منهنجي مانڊاڻي، ڏڏ ولوڙڻ جي، (علي گل سانگي)

ڪرڪي

چنجاڻ ڪونج تون. ڪرڪي مارن کي تون ميارون.
دانهون درد اکيڙي.
وڃ ويڙهڻ جي ويڙهي.

اسر ويل اڻن ڏا. جوڙن مال ڏا مارو.
دانهون درد اکيڙي.
وڃ ويڙهڻ جي ويڙهي.

آهي قيد ۾ قابون. مارل مارو اوهانجي.
دانهون درد اکيڙي.
وڃ ويڙهڻ جي ويڙهي.

ٻئي آهي واهه نه ڪاني. ويڻي وات واجهايان.
دانهون درد اکيڙي.
وڃ ويڙهڻ جي ويڙهي.

سکين سانگينڙن سان. "سانگي" شال ملان مان.
دانهون درد اکيڙي.
وڃ ويڙهڻ جي ويڙهي.

☆☆☆

وڇڙيل ڪونج ولر کان مارئيءَ جي قيد متان ڪرڪندي ٻئي وئي نه مارئيءَ جي ۽ نظر ٻئي ءِ ان ڪونج کي مارن ڏي نياپو ءِ ميارون ڏيندي رهي.

" ڪنجر پاڻي گج" لوڪ گيت
(علی گل سانگی)

ٽٽو

تتر بول بيهار، منهنجي هينڊڙي ڌار،
تنهنجي بولي مٺي آ،
تنهنجي لولي مٺي آ.

تتر بول بيهار، ايندا دلڙيءَ ڌار،
تنهنجي بولي مٺي آ،
تنهنجي لولي مٺي آ.

تتر بول بيهار، ويندا درد هزار،
تنهنجي بولي مٺي آ،
تنهنجي لولي مٺي آ.

تتر بول بيهار، ڪٽڪن ۾ بيهي يار،
تنهنجي بولي مٺي آ،
تنهنجي لولي مٺي آ.

تتر بول بيهار، مٽرن لوڙهون لار،
تنهنجي بولي مٺي آ،
تنهنجي لولي مٺي آ.

تتر بول بيهار، ڏٽو چيٽ چوڏار،
تنهنجي بولي مٺي آ،
تنهنجي لولي مٺي آ.

☆☆☆

گهٽي قدر منڊن ۾ بولیندو آهي گهٽي گرمي ۽ سردي ۾ ناهي بولیندو. فيبروريءَ ۾ بولڻ شروع ڪندو آهي ۽ مارچ اپريل مٺي تائين بولیندو آهي هوڏانهن آڪٽوبر نومبر ڊسمبر تائين بولیندو آهي.

" گجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

دَسَ

ڪڪڙن دَسَ هنيو آ، آڏيءَ رات اُٿي هان،
ڪڪڙن دَسَ هنيو آ، آڏيءَ رات اُٿي هان،
ايندم ماروئڙا سي،
ايندم جهانگيئڙا سي،
وائي منهنجي وات.
آئون ٽي جاڳان ويني، مارو ستل سانت،
ايندم ماروئڙا سي،
ايندم جهانگيئڙا سي،
وائي منهنجي وات.
آئون ٽي جاڳان ويني، ڏاتر ڏيندن ڏات،
ايندم ماروئڙا سي،
ايندم جهانگيئڙا سي،
وائي منهنجي وات.
آئون ٽي جاڳان ويني، آهي سڪ سوغات،
ايندم ماروئڙا سي،
ايندم جهانگيئڙا سي،
وائي منهنجي وات.
آئون ٽي جاڳان ويني، ساري "سانگي" ذات،
ايندم ماروئڙا سي،
ايندم جهانگيئڙا سي،
وائي منهنجي وات.

☆☆☆

ڪپريون ڪٽڇيون ڪڪڙ رات اُٿي دَسُ هٽندا آهن دَسُ هٽي وقت ٻڌائيندا آهن، آڏي رات ۽ اسر ويل جو ڪبوتر رات جو هو هو ڪري ذڪر ڪندو آهي ۽ ٽيٽيهر ساري رات ننڊ نه ڪندي آهي، سڄي رات ٽان ٽان ڪندي وتندي آهي.

" ڪَڄو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جوئر

جوئر ۾ آ جھار، جيڏيون، جوئر ۾ آ جھار،
ھڪليو جھار ڪي، ھڪليو جھار ڪي،
ھو، ھو ھو، ھو ، ھو ھو.

جوئر جوءِ ۾ منھنجي پلي آ،
محبت سان منھنجي پوک پکي آ،
ھو، ھو ھو، ھو ، ھو ھو.

جوئر ڳاڙھي سھٽي سٽي آ،
محنت سان منھنجي پوک پکي آ،
ھو، ھو ھو، ھو ، ھو ھو.

جوئر ڪي مون پاڻي پياريا،
رات سڄيءَ جا ڏيئي اوجاڳا،
ھو، ھو ھو، ھو ، ھو ھو.

ٽاھي علي گُلَ ھاڻي پيھو،
ڪٽي ڪانپاڻي ھٽ ۾ ويھو،
ھو، ھو ھو، ھو ، ھو ھو.

☆☆☆

اڪثر ڪري جوئر ۽ جھار گھٽي ٽيندي آھي اتر سنڌ ۾، جوئر جھار جي ڪري ڪاڇي ٽي وڃي، وٽن جي ڪري پوءِ جوئر گھٽي قدر گاھ ۽ ڪم اچي ٽي، گھوڙا غيره کائيندا آھن، رياست ۽ يا لاڙ ۽ جوئر مان ان اُپائن ٿا.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ڪانيائي

جهار جوئر ۾، هو هو هو،
ڪڻ ڪانيائي، هڻ ڪو ڳوڙهو،
پيهي مٿان بيهي هڪلون ڏيو،
هو هو هو.

جوئر پوکي پيار سان مون آ،
قرض ڪٽي اقرار سان مون آ،
جهار جوئر ۾، هو هو هو.

جوئر جو بج نج آ پوکيو،
لاهي لابارا سچ سان موکيو،
جهار جوئر ۾، هو هو هو.

جوئر پوکي جيءُ ڏئي آهي،
ڏک ڇڏيندي منهنجا لاهي،
جهار جوئر ۾، هو هو هو.

جوئر هاڻي ريٽ پکي آ،
"سانگي" پنهنجي ٻُک لٿي آ،
جهار جوئر ۾، هو هو هو.

☆☆☆

جوئر جي ساوٽي پوک آهي، جوئر مڙس کان مٿي قد ڪري ويندي آهي، سنگ ڪڍڻ سان ڪڙمي پيهو ناهي، مٿان چڙهي، ڪانيائيءَ ۾ مٽيءَ جا ڳوڙها وجهي، ڦيرائي ڦيرائي ڳوڙا هٽي، جهار اُڏاري ڇڏيندا آهن.

"ڪُجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ساريون

سڀو هلو، سرتيون ساريون لڏيون،
هلو هلو سرتيون ساريون سڏيون،
آيون پڇي بدڙي الا،
آيون پڇي ڪنگڻي الا،
آيون پڇي سونهري الا،
هلو هلو، سرتيون.

نوان انن جا هنيار ڏيا،
ڏکر ويا ۽ سُکار ڏيا،
هلو هلو، سرتيون.

ڳاهه لڌا گُلزار ڏيا،
ڏکر ويا ۽ سکار ڏيا،
هلو هلو، سرتيون.

قرض لڌا ۽ پيار ڏيا،
ڏکر ويا ۽ سکار ڏيا،
هلو هلو، سرتيون.

"سانگي" نوان سينگار ڏيا،
ڏکر ويا سکار ڏيا،
هلو هلو، سرتيون.

☆☆☆

آڪٽوبر ۾ ساريون لهنديون آهن، اٽر سنڌ ۾ ميل وارو حصي جو فصل ساريون آهن، ساريون لڏيون بک لڏي، هن وقت ۾ ٦ نمبر ايري سڀو آهي ۽ خرار جريب لهي ٿو، خرار ۾ ٢٠ من آهن.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ٻيون

ٻيرن ڇاٽيا پن الاڙي، ٻير دمڙا ڏير،
ڇوڙيو ڇيليون الا،
ڇوڙيو ڇيليون الا.

دمڙا سيڙيو چادر لاهيون، ٻير دمڙا ڏير،
ڇوڙيو ڇيليون الا،
ڇوڙيو ڇيليون الا.

دمڙا ميڙيو اوچڻ لاهيو، ٻير دمڙا ڏير،
ڇوڙيو ڇيليون الا،
ڇوڙيو ڇيليون الا.

دمڙا ميڙيو بوچڻ لاهيون، ٻير دمڙا ڏير،
ڇوڙيو ڇيليون الا،
ڇوڙيو ڇيليون الا.

دمڙا سيڙيو اجرڪ لاهيو، ٻير دمڙا ڏير،
ڇوڙيو ڇيليون الا،
ڇوڙيو ڇيليون الا.

دمڙا سيڙيو علي گل سانگي، ٻير دمڙا ڏير،
ڇوڙيو ڇيليون الا،
ڇوڙيو ڇيليون الا.

☆☆☆

جون جولاءِ ۾ ٻير دمڙا ڇاڻيندا آهن، هوائن تي مارو ماڻهو ٻڪريون چوڙي ٻيرن هيٺان دمڙا چاربندا ۽ آهن ۽ دمڙا ميڙي ٻريون ٻڌي گهر ۾ ۽ اڇي مال کي چاربندا آهن.

"ڪنڊ پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پيرَ

رات لڳو نم چوهو، ڏاڍو وڏو چوهو،
پير چٽيا ٿم، پير او جيڏيون،
اچو ته ميڙيون جهول پري،
اچو ته ميڙيون جهول.

پير منا ٿم پير هي سارا،
جاڻ آيم منهنجا مارو موچارا،
اچو ته ميڙيون جهول.

پير چوندڙيا ٿم ڳاڙها ڳاڙها،
جاڻ آيا منهنجا مارو موچارا،
اچو ته ميڙيون جهول.

پير اٿم مونکي ڏاڍا پيارا،
جاڻ آيم منهنجا مارو موچارا،
اچو ته ميڙيون جهول.

پير اٿم منهنجا "سانگي" سوڻارا،
جاڻ آيم منهنجا مارو موچارا،
اچو ته ميڙيون جهول.

☆☆☆

وڏي هوا لڳڻ کي، چوهو چنبو آهي، رات اکثر چوهي لڳڻ تي پير، يا انبن جون اسٻڙيون، چٽي پوندڙيون آهن، اسان پڻ ٻچڻ ۽ چوهي لڳڻ تي پير اسٻڙيون جهول پريا آهن.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ڪنڊي

ڪنڊيءَ جهليو ٻور الا ٻور الا.....
اڃا پرين ڏور مونکان ڏور الا.....

ماکيءَ جي مَک ٻور تي، چوسي رس،
اڃا پرين ڏور مونکان ڏور الا.....

ڪٽڪون پکيون، لابارن تي ڪڙمي ڪامي،
اڃا پرين ڏور مونکان ڏور الا.....

سرنهن جي وڻ ۾ گلڙا سارا، خوشبوءِ ڪندارين،
اڃا پرين ڏور مونکان ڏور الا.....

ڪسيون ڪجين آهن سموريون، وينڙا ڏوريون،
اڃا پرين ڏور مونکان ڏور الا.....

چٽن ۾ لوڙهون پيئڙيون جيءَ ۾ جهوريون
اڃا پرين ڏور مونکان ڏور الا.....

ٻهرن "سانگي" دمڙا ساهيا، جاڻ چٽيا،
اڃا پرين ڏور مونکان ڏور الا.....

☆☆☆

اپريل ۾ ڪنڊي ٻور ڪندي آهي، ڪنڊي جي ٻور تي ماکيءَ جي مک چري هوندي آهي ۽ ماکيءَ جي لاهڻ واري مند ۾ ڪنڊيءَ جي ٻور واري مند خاص آهي، چوندا آهن ڪنڊي ٻور ڪري ٻوءِ ماکي لاهجي، خاص ڪري ڪچي جا ماٺهو ماکيون تازي ڇڏيندا آهن. ڪنڊي ٻور ڪري ماکيون ٻوءِ لاهيندا آهن.

"ڪَجِ پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جنجھڙ

جنجھڙ ڏٺو جنجھڙ منھنجي ڪيت ۾. هئي الا ڪيت ۾،
واھ ڏکن واھ ڏکڻ هير تنھنجي،
ڇم ڇم ڇيريون وڃن.

واءُ لڳي، وير لڳي، دلڑي اُٿي، هئي الا دلڑي اُٿي،
واھ ڏکن واھ ڏکڻ هير تنھنجي،
ڇم ڇم ڇيريون وڃن.

واءُ لڳي، وير لڳي، خوشبوءِ ڪندي هئي الا خوشبوءِ ڪندي،
واھ ڏکن واھ ڏکڻ هير تنھنجي،
ڇم ڇم ڇيريون وڃن.

واءُ لڳي، وير لڳي، نينھن لڳي، هئي الا نينھن لڳي،
واھ ڏکن واھ ڏکڻ هير تنھنجي،
ڇم ڇم ڇيريون وڃن.

واءُ لڳي، وير لڳي، پيار ڪجي هئي الا پيار ڪجي،
واھ ڏکن واھ ڏکڻ هير تنھنجي،
ڇم ڇم ڇيريون وڃن.

واءُ لڳي، وير لڳي، "سانگي"سڪي ساھ الا "سانگي" سڪي،
واھ ڏکن واھ ڏکڻ هير تنھنجي،
ڇم ڇم ڇيريون وڃن.

☆☆☆

جنجھڙ ساربن واري ٻج جي ٻارن ۾ ڏٺي پوندو آھي، ڪڙمي اڌ مان مان لٺي گاھ ڪندا آھن، پوءِ ٻہ ڏٺي ننڍو وڻ ٿيندو آھي ۽ ڪنڌيءَ جھڙيون سنگريون ڪندو آھي، جولاءِ آگسٽ ۾ سنگريون سُڪي ويندیون آھن پوءِ ڏکڻ هوا تي سنگريون برابر چيرين وانگي ڇم ڇم ڪنديون آھن.

" ڪُجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گوگڙو

گوگَل ماءُ گوگڙو نہ کاءُ،
گوگڙو گوڙ ڪندئي،
گوگڙو گوڙ ڪندئي،
گوگڙو آهن ڪچا پر ڏاڍا اٽئي منا.

گوگڙو آهن ڏاڍا سئو کا،
ور منهنجي هر ڪاهي پوکيا،
پر ڏاڍا اٽئي منا.

گوگڙو چٽ جا وڙهندئي مائي،
هول ڪري جي ويندينءَ کائي،
پر ڏاڍا اٽئي منا.

گوگڙن جو رنگ آهي گلابي،
ڇڏ تون ضد کي هاڻي پاڻي،
پر ڏاڍا اٽئي منا.

گوگڙو گامڻ واڙيءَ وارا،
"سانگي" سهٽا ڳاڙها ڳاڙها،
پر ڏاڍا اٽئي منا.

☆☆☆

ڪوٽ دودائيءَ ۾ هندو گهٽا هوندا هنا. گوگَل هندوءَ جي ماءُ، گامڻ جي واڙيءَ تان گوگڙو وٺي، سچ ۾ گوگڙو گهٽا کائڻ ۾ مشهور هوندي هئي ڪيس پاڙي واريون چوندیون هيون گوگل ماءُ گوگڙو نہ کاءُ گوگڙو گوڙ ڪندئي هيءَ ڳالهه 1935ع کان مشهور آهي.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

انب

انب آهي منهنجو ٽپڪي وارو،
انب ڪري پيو واهه ۾،
اديون انب منهنجو.

انب هو سنڌڙي ولائتي انب جو،
انب هو ٽپڪو ولائتي انب جو،
اديون آنب منهنجو.

انب هو سرولي ولائتي انب جو،
انب هو ٽپڪو ولائتي انب جو،
اديون آنب منهنجو.

انب هو لنگڙو ولائتي انب جو،
انب هو ٽپڪو ولائتي انب جو،
اديون آنب منهنجو.

انب هو چؤنسو ولائتي انب جو،
انب هو ٽپڪو ولائتي انب جو،
اديون آنب منهنجو.

انب هو دُسيري ولائتي انب جو،
انب هو ٽپڪو ولائتي انب جو،
اديون آنب منهنجو.

اسان جي سنڌ جا سڀي دنيا ۾ انب پاس آهن سعودي عرب ۾ به اسان جي سهڻي ڌرتي سنڌڙيءَ جا انب سڀي دنيا کان وڏي اڪهه ۾ ڪهن ٿا ۽ مشهور آهن.

" ڪڇ پائي ڪڇ" لوڪ ڪيت

(علي گل سانگي)

گنوارِ

ادي او چا چاڑهيو ٿي، ادي او چا چاڑهيو ٿي،
گنوار چاڑهي ٿم گنوار اديون،
او گنوار اديون،
گنوار جي کان ٿي سکان سکان،
پوڙ ذري ڏي ادي مونکي پوڙ ذري.

ايندا منهنجا مهمان ايندا،
او گنوار اديون،

ايندا مليري مائٽ ايندا،
او گنوار اديون،

ايندا پرين پرديسي ايندا،
او گنوار اديون،

ايندا ڏاڏاڻا ڏوٽي ايندا،
او گنوار اديون،
گنوار جي کان ٿي سکان سکان،
پوڙ ذري ڏي ادي مونکي پوڙ ذري.

☆☆☆

مارو رن ماٺهن جون رسمون ريتون اڄ به زنده آهن، لسيءَ ڏک تي اڄ به گذر آهي ڪڏهن ڪنهن پاڙي ۾ ياڄي چڙهندي هٿي پوءِ پاڙي واريون ڪنڊين، لوڙهن کان نرا ڏيئي پچنديون هيون، ادي چا چاڑهيو اٽئي ادي پوڙ ذري ته ڏجانءِ، مارن ماٺهن ۾ اها رسم اڄا به آهي.

" ڪڇ پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ساڳڻ

ساڳُ چاڑهيو ٽم، ساڳُ اديون،
او ساڳُ اديون،
ساڳُ جي کان ٽي سکان سکان.
او ساڳُ اديون.

ساڳُ پٽيو آمون پيار منجهاران
او ساڳُ اديون.

سائو سائو ڳنرن سوڏو،
او ساڳُ اديون.

ساڳُ سکل مان سانديِ رکيو هو،
او ساڳُ اديون.

مارو منا منهنجا ساڳ کائيندم،
او ساڳُ اديون.

"سانگي"چوي مونکي ساڳ وڻي ٽو،
او ساڳُ اديون.

☆☆☆

مارو ماڻهن جون رسمون ريتون پنهنجون جيکي هلنديون رهن ٽيون پاڙي ۾ جنهن ۾ گهر ڇڳو يا لگو ٻوڙ ڇڙهي، انجي خوشبوء واسجي وڃي، اڃا پاڃي رجهي ٽي ڪوڙ پاڙي واريون وٽا ڪٽي اچي ويهي رهن ادي ٻوڙ ڏري ڏجاءِ.

" ڪنڊ پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چانور

چانور ٽي چاڙهيان، اديون چانور ٽي چاڙهيان،
مند متائي مون مند آ متائي،
چانور ٽي چاڙهيان،
اديون آئون.

پوي ٽڏ هاڻي ٽي پوئين اسر جو،
مند متائي مون مند آ متائي،
چانور ٽي چاڙهيان،
اديون آئون.

اڄ رات ڪائبي مانـي پـچـائي،
مند متائي مون مند آ متائي،
چانور ٽي چاڙهيان،
اديون آئون.

موسم ڦري وئي آ "سانگي" سموري،
مند متائي مون مند آ متائي،
چانور ٽي چاڙهيان،
اديون آئون.

☆☆☆

هر ڇهه ماهيءَ کان، مند متائي ويندي آهي آڪٽوبر ۾ ٽڏ پوڻ شروع ڪندي آهي، رات جو چانور چاڙهڻ بدران منجهند جو چانور چاڙهيا آهن ، ساڳي طرح وري اپريل ۾ مند متائي ويندي آهي.

" ڪنجر پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چيٽ

چيٽ ڦٽو آ چيٽ الا، منهنجا ڏوليا موٽي آءِ
هاڻي دير نه لاءِ،
ڏوليا موٽي آءِ.

لابارو لاهيان توڙي واجهايان، تو لاءِ سڪي ڏو ساءِ،
هاڻي دير نه لاءِ،
ڏوليا موٽي آءِ.

ڪٽڪ ستيان ڏي توڙي ڏسان ڏي، ماني مڪيان تون ڪاءِ،
هاڻي دير نه لاءِ،
ڏوليا موٽي آءِ.

ماڻهو نه ماڳين کوڙ گهمن پيا، توسان دل جو لڳاءِ،
هاڻي دير نه لاءِ،
ڏوليا موٽي آءِ.

سرءُ لڏي سينگاريون سرتيون ، آهي خوب هڳاءِ،
هاڻي دير نه لاءِ،
ڏوليا موٽي آءِ.

هر ڪنهن سان پرين پاڻ ملايا اڇي، مونکي تون نه سڪاءِ،
هاڻي دير نه لاءِ،
ڏوليا موٽي آءِ.

☆☆☆

چيٽ ڦڏي ۾ ڪٽڪ، سرنهن، داڻا، وڏف، سٽا وغيره ۽ لابارا چٽن مٽرن ۽ لوڙهون عورتون وڏي چاهه سان ڪنديون اهي سرءُ جون پوکون آهن، پوءِ هرڪو پنهنجا پرين ساريندو آهي.

" ڳجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

هاڑي

اداڑي هاري ڏاندن وارا،
بڌ ڏاند ٻئي تون ايٽ ۾،
اسان پاڻي پرينديون سي،
اداڑي هاري ڏاندن وارا.

کوهه تنهنجي جو پاڻي سنو آ،
نار تنهنجي جو پاڻي منو آ،
اداڑي هاري ڏاندن وارا.

لوڻيون لوڻ ساڻ ڪيرائي،
ڏي تون اسانکي پاڻي پرائي،
اداڑي هاري ڏاندن وارا.

بارڙا گهر ۾ چڏي آيون آهيون،
پاڻي پرئيون اسان دير نه لايون،
اداڑي هاري ڏاندن وارا.

پاڻي پريون ور ويندو ڪم تي،
منهنجو ته آهي اديون ديڳڙو دم تي،
اداڑي هاري ڏاندن وارا.

☆☆☆

کوهن مٽان ايٽ چڑهيل هوندا هنا، ايٽ ۾ ڏاندن جو جوڙو ٻڌي، ڪڙمي نار هلائي، جن تي وکر ڪري پاڻي پياريندا هنا، ۽ پاڙي واريون عورتون پاڻي پريندیون هيون.

" ڪنڊ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڏاڙو

منهنجو ڏاڙو ڏڻو ڪنهن،
مونکان ڏاڙو وڃايو،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڙي ڏندا ٽم ڏي،
ڪنهن ڏڻو ڪنهنکي،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڙي ڏندا ٽم چار،
ناهي ڪنهنتي ميار،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڙي ڏندا ٽم پنج،
ڏيندو مولا پيڃي گنج،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڙي ڏندا ٽم ست،
منهنجي ماري ويو مت،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڙي ڏندا ٽم ڏهه،
حيف اديون ڙي اَڙَوَ،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

☆☆☆

لابارن جي ڏينهن ۾ ڪڙمي ڪاري پنهنجا ڏاڙا نوان ڪري ڏندائيندا آهن، ڪانگڙ ڪڍڻ جي لاباري کان پوءِ جيڪا زمين خالي ٿيندي آهي انکي چٽبو آهي. " ڪَڇو پائي ڪڇ" لوڪ ڪيت

(علي گل سانگي)

ڏاڏو

ڏاڏو ڙي اديون منهنجو ڏاڏو،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو،
ڏاڏو ڙي اديون منهنجو ڏاڏو.

ڏاڏي ڏندا ٽم پنج، منهنجو مولا ڪندو گنج،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڏي ڏندا ٽم ڏهه، آهيون هاڻي لهه پهه،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڏي ڏندا ٽم ويهه، آيا لاباري جا ڏينهن،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڏي ڏندا ٽم اسي، مٽان مينهن پيو وسي،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڏي ڏندا ٽم نوي، مٽان ڪانگ وينو لوي،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو.

ڏاڏي ڏندا ٽم سؤ، نڪي بڪ نڪي ٻئو،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو،
ڪري ڪانگڙ ۾ پيو،
ڏاڏو ڙي اديون منهنجو ڏاڏو.

☆☆☆

"ڪنجو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪيت

ڪرين ڇاڻي ٻيڻي ادي تون ڪيت ۾،
ڪِرُ ٽي ميڙيان، ادي آئون ڪِر ٽي ميڙيان،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

منهنجي ٻنيءَ مان ڪِرُ تون نه ميڙ،
اسين پاڻ آهيون مسڪين ماڻهو،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

ڪونه لڳي ٿم مونکي مزدوري،
ڪِرُ ٽي ميڙيان آهي مونکي مجبوري،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

ڪٽي بيماري ٿو ور پيو ويچارو،
ننڍڙا ٻچڙا ۽ گهر آهي سارو،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

لپ اٽي جي نه ڏي ڪو اُداري،
اوڙو پاڙو ويو آ ڪري بيزاري،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

"سانگي" سڙي هن پيٽ بکئي لاءِ،
ڇاڇا ڪرٽو پيو آ ڏکئي لاءِ،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

☆☆☆

ڪيترا مسڪين ماڻهو ڪِرُ تي گذر ڪندا هنا، ڪڙمي پنهنجي پوک لٽي وڃن پويان ڪِرُ ميڙيندڙ مارو ماڻهو ڪِرُ ميڙيندا ايندا آهن.

" ڪَڄ پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

روز ميڙي كِرُ ايندي آهيان،
ستي كتي ٽي سانديان داڻا،
سال سڄي جو گذر گنديءَ ۾،
سال سڄي جو سفر گنديءَ ۾.

گندي ڏاهي آهي، محنت سان مان،
چيڪا پٽر ميڙي، محبت سان مان،
سال سڄي جو سفر گنديءَ ۾.

گندي ڏاهي آهي ويچار وڏي سان،
ماهيو چيٽو ميڙي پيار وڏي سان،
سال سڄي جو سفر گنديءَ ۾.

گندي ڏاهي آ پڪ سان ويهي،
روز هاري ڏئي سڪ سان ويهي،
سال سڄي جو سفر گنديءَ ۾.

گندي "سانگي" منهنجي لڪ لهي ٽي،
سال سڄو منهنجو سڪ لهي ٽي،
سال سڄي جو سفر گنديءَ ۾.

☆☆☆

كيترا مسكين مارو ماٹھو، هارپو به نه كري سگھندا آهن، جڏهن كڙمي كاري، لاب لايون كري وڃن پوء ان كانگڙ مان رهيل سنگ، يعني كِرُ ميڙي ، ستي كُٽي سڄي سال جو گذر سفر ، گنديءَ ۾ گڏ كري ركندا آهن.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ڪانگڙ

ڪانگڙ ۾ بيني ڪرين چائي ادي تون،
ڪِرُ ٽي ميڙيان اديون ڪِرُ آڻءُ ٽي ميڙيان،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

ڪِرُ ميڙي وڃي ستي ڪٽيندیس،
ستي ڪٽي وڃي مانيِ گهڙيندیس،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

ڪِرُ ميڙي وڃي ڇڄ ۾ ڇنڊيندیس،
ڇنڊي ڦوڪي وڃي مانيِ گهڙيندیس،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

ڪِرُ ميڙي وڃي جنڊ مان پيهندیس،
جنڊ پيهين وڃي مانيِ گهڙيندیس،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

ڪِرُ ميڙي وڃي اٽو گوهيندیس،
اٽو گوهي وڃي مانيِ گهڙيندیس،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

ڪِرُ ميڙي وڃي مانيِ گهڙيندیس،
"سانگي" بکيو پيٽ پنهنجو پريندیس،
ڪِرُ ٽي ميڙيان.

مسڪين ماڻهو روز ڪِرُ ميڙي ڪٽي ستي اکريءَ ۾ چڙهي چنڊي جنڊ ۾ پيهين مانيِ پچائي کائيندا آهن، جيتر ڪِرُ نه ميڙي اڇن تيتر ٻُک ٽي وينا هجن. لاب ڪري وَڃِ ڪجي وڃي باقي جيڪا زمين بچي انڪي ڪانگڙ چنجي.

" ڪنڊو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

لوڙهون

مٽرن ۾ پيون ٽم لوڙهون،
لوڙهون پيون ٽم لوڙهون،
اديون ڙي پينر لوڙهن تي ٽي وڃا،
پونءَ تي ٽي آئون وڃا،
وڃا اديون آئون وڃا.

اوڙا اوڙا ڪري آئون رکنديس،
ڪوڙا ڪوڙا ڪري آئون رکنديس،
پونءَ تي ٽيَ آئون وڃا،
وڃا اديون آئون وڃا.

لائي وٺي آئون خوب ڪٽيندیس،
ڪٽي سٽي آئون ڇڇ ۾ ڇنڊيندیس،
پونءَ تي ٽي آئون وڃا،
وڃا اديون آئون وڃا.

اسر ويل جو جنڊ تي ويهنديس،
دال ڏري آئون ٻاهر ڪيڏنديس،
پونءَ تي ٽي آئون وڃا،
وڃا اديون آئون وڃا.

دال مٽرن جي روز پيا چاڙهيون،
مهمان اچن پل دل نه لاڙيون،
پونءَ تي ٽي آئون وڃا،
وڃا اديون آئون وڃا.

مٽرن جي لوڙهه تي عورتون مٽر لوڙهڻ ويندیون آهن ، لائي وٺي اچي ڪٽي سٽي مٽر ڪيڏي ڏري رکنديون آهن، مارو ماٺهو ڪچا ڪڪل ڪيڏي ۽ دال چاڙهيندا آهن، جيڪا سائي دال ٿيندي آهي. " ڪڇو پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڏڏڑي

اچو ته ڏڏڑي ڪيون ويهي پينر،
منهنجا چٽا لٽا ٽم چولا،
لٽي بڪ لٽا ڏک ڏولا،
اچو ته ڏڏڑي.

ٻوڑو پٽي اچي هرهڪ سرتي،
صاف ڪيان مان تيتر ڏرتي،
اچو ته ڏڏڑي.

ڦرٽ ڪٽي اچو ستيل سرينهن جو،
ڦرٽ ڪٽي اچو ستيل ڏاڻن جو،
اچو ته ڏڏڑي.

ڏانڊو ڪٽي اچو باهه مچايو،
ساڏو هٽي هاڻي ڏڏڑي بچايو،
اچو ته ڏڏڑي.

اچو ته پينر ڏڏڑي ڪائون،
پاڻ ۾ سوئي، ويهي ورهايون،
اچو ته ڏڏڑي.

☆☆☆

ڏڏڑي خاص ڪري چولن چٽڻ مٽرن ۽ ڪٽڪ جي آيٽ جي ٻ ٽيندي آهي، جيڪا جهنگ ۾ ڏغار ڏڏڑي ڪري کائن ٿا. جيڪا سرينهن ۽ ڏاڻن جي ڦرٽ تي سٽي ٽيندي آهي.ڏڏڑي کائڻ سان چپ ٻ ڪارا ٿي پون ٿا.

"ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت

(علي گل سانجي)

ڳاهه

هلي ملي ڳاهه ڳلي، سارين جو ٽا ڳاهه ڳاهيون،
جوئر جو ٽا ڳاهه ڳاهيون،
هلي ملي ڳاهه ڳلي.

سارين جو ٽا ڳاهه ڳاهيون، هلي منهنجو بگو هلي،
جوئر جو ٽا ڳاهه ڳاهيون،
هلي ملي ڳاهه ڳلي.

سارين جو ٽا ڳاهه ڳاهيون، هلي منهنجو ڳاڙهو هلي،
جوئر جو ٽا ڳاهه ڳاهيون،
هلي ملي ڳاهه ڳلي.

سارين جو ٽا ڳاهه ڳاهيون، هلي منهنجو نهرو هلي،
جوئر جو ٽا ڳاهه ڳاهيون،
هلي ملي ڳاهه ڳلي.

سارين جو ٽا ڳاهه ڳاهيون، هلي منهنجو سائو هلي،
جوئر جو ٽا ڳاهه ڳاهيون،
هلي ملي ڳاهه ڳلي.

سارين جو ٽا ڳاهه ڳاهيون، هلي منهنجو پور هلي،
جوئر جو ٽا ڳاهه ڳاهيون،
هلي ملي ڳاهه ڳلي.

☆☆☆

ساربون ۽ جوئر ساوڻي فصل آهن. سارين جو رونبو جون جولاءِ ۾ ٽڻي ٽو. هن وقت سارين جي بجن ۾ ايري ٦ نمبر قامياب بج آهي. اٽڪل چار مهينا زمين ۾ فصل بيهي ٽو لاب کان پوءِ ڊسمبر جنوري ۾ ڳاهه ڳاهجن ٽا.

" ڪڇ پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گاهَ

هلي ملي، هلي ملي، گاهه گلي، الا گاهه گلي،
هلي ملي بگو هلي،
هلي ملي گاڙهو هلي، هلي هلي.
هلي ملي گاهه گلي، ڪڻڪ جو ٿا گاهه گاهيون،
هلي ملي بگو هلي،
هلي ملي گاڙهو هلي، هلي هلي.
هلي ملي گاهه گلي، جوَن جو ٿا گاهه گاهيون،
هلي ملي بگو هلي،
هلي ملي گاڙهو هلي، هلي هلي.
هلي ملي گاهه گلي، چڻن جو ٿا گاهه گاهيون،
هلي ملي بگو هلي،
هلي ملي گاڙهو هلي، هلي هلي.
هلي ملي گاهه گلي، تورئي جو ٿا گاهه گاهيون،
هلي ملي بگو هلي،
هلي ملي گاڙهو هلي، هلي هلي.
هلي ملي گاهه گلي، مهري جو ٿا گاهه گاهيون،
هلي ملي بگو هلي،
هلي ملي گاڙهو هلي، هلي هلي.
هلي ملي گاهه گلي، سرنهن جو ٿا گاهه گاهيون،
هلي ملي بگو هلي،
هلي ملي گاڙهو هلي، هلي هلي.

☆☆☆

ڪڻڪ، دالیون، ڏاڻا وڏو ٻي اتيلي بج سرءُ جا فصل آهن، جهڙوڪ چڻا، مٽر، مهري، وغيره ۽ تيلي ٻجن ۾ سرنهن جانيو توربو وغيره انهن سيني فصل ن جو گاهه ٿيندو آهي، سواءِ ڏاڻن جي.

" گنڍو پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جنڊ

جنڊ لهي ويو، منهنجو جنڊ لهي ويو،
اديون ڏي کتو ماريو جنڊ لهي ويو،
اهيو بکيو ماريو کتو، اهو بکيو ماريو،
اهو بکيو ماريو.

تئونر چٽيندي ڏئو مون آکين سان،
اهيو بکيو ماريو کتو اهو بکيو ماريو،
اهو بکيو ماريو.

هکلون ڏئي مان کتي کي پڃايو،
اهيو بکيو ماريو کتو اهو بکيو ماريو،
اهو بکيو ماريو.

مَکِروه کري ويو مُئو جنڊ منهنجي کي،
اهيو بکيو ماريو کتو اهو بکيو ماريو،
اهو بکيو ماريو.

تئونر مليندي ڏينهن، سارو لڳي ويو،
اهيو بکيو ماريو کتو اهو بکيو ماريو،
اهو بکيو مازيو.

☆☆☆

عورتون اسر ويل جو الي جنڊ هلائي آتو پيهنديون هيون، تئونر کي آکهي ڏکي رکنديون هيون، متان کتو لهي مکروهه کري وڃي، ڪڏهن جنڊ نه ڏکڻ جي کري کتو گهر جو لهي مکروهه کري ويندو آهي.

"گنجر پاڻي کڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گيچڙ

گيچڙ ڏي سوري مونکي گيچڙ ڏي سوري،
چاڻي اٽو مان ماني پچايان،
اٽو ٽي کاڻي ادي اٽو ٽي کاڻي،
اٽو ڪونهي پيڙ اٽو ڪونهي ڪو،
گيچڙ ڏي سوري.

اٽو ڪونهي ڪو، ڪيئن ماني پچايان،
گيچڙ ۾ چاڙ وجهي، ويڙي مان چاڻيان،
گيچڙ ڏي سوري.

اٽو ڪونهي ڪو، ويڙي تئي کي تپايان،
گيچڙ ۾ چاڙ وجهي، ويڙي مان چاڻيان،
گيچڙ ڏي سوري.

اٽو ڪونهي ڪو ماني ڪنهنکي کارايان،
گيچڙ ۾ چاڙ وجهي، ويڙي مان چاڻيان،
گيچڙ ڏي سوري.

اٽو ڪونهي ڪو باهه ويڙي مان ٻاريان،
گيچڙ ۾ چاڙ وجهي، ويڙي مان چاڻيان،
گيچڙ ڏي سوري.

ڏکار جو وقت هو، ماڻهن جو سفر گذر ڪوڙ پئي ٿيو، ننڍڙن ٻارڙن کي آڻت ڏيڻ لاءِ عورتون گيچڙ ٻڙ چاڙ وجهي چاڻيندیون هيون ۽ تئي هيڻيان باهه ٻاري ماني پچائڻ جو ڪوڙو بهانو ڪنديون هيون، جيئن ٻارڙا روئڻ کان بس ڪن ۽ ننڊ ڪري وڃن. اهو دور هو ١٩٦٢ع جو جڏهن سارين کي جيت لڳي، تڏهن بدڙي، ڪنڪڻي ۽ ڳاڙهو سڳداسي، ڇڄ هنا.

"ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ڇچ

ڇچ ڇنبڙ وارو مونکي موڪلائي ڏي،
مونکي موڪلائي ڏي،
اديون ڏي مونکي، ڇچ ڇنبڙ جو،
ڇچ ڇنبڙ جو.

چانور ڇنبڙ جو ڇچ آهي منهنجو،
ڇچ گلن تي مون آ ڏهرايو،
ڇچ ڇنبڙ جو.

جوئر ڇنبڙ جو ڇچ آهي منهنجو،
ڇچ گلن تي مون آ ڏهرايو،
ڇچ ڇنبڙ جو.

ڪڻڪ ڇنبڙ جو ڇچ آهي منهنجو،
ڇچ گلن تي مون آ ڏهرايو،
ڇچ ڇنبڙ جو.

باجهر ڇنبڙ جو ڇچ آهي منهنجو،
ڇچ گلن تي مون آ ڏهرايو،
ڇچ ڇنبڙ جو.

مڪئي ڇنبڙ جو ڇچ آ هي منهنجو،
ڇچ گلن تي مون آ ڏهرايو،
ڇچ ڇنبڙ جو.

ڇچ ٻاليشاهي ڏاهيندا آهن، ڇچ شوق مان گلن تي ڏهرائبو آهي، ٻوڙي جا ڪانا ۽ انهن جي ٽيلين مان ڇچ ڏهندو آهي.

" ڪَڇ ڀائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

اکڑي

اُکڑي پجي پئي ادري پجي پئي،
ادیون ڙي منهنجي الا اُکڑي پجي پئي،
اوکي لڳي ويس مهري نياڳي،
اُکڑي پجي پئي.

جوئر چڙهيندیس کيئن آئون هاڻي،
اوکي لڳي ويس مهري نياڳي،
اُکڑي پجي پئي.

باجهر چڙهيندیس کيئن آئون هاڻي،
اوکي لڳي ويس مهري نياڳي،
اُکڑي پجي پئي.

بدڙي چڙهيندیس کيئن آئون هاڻي،
اوکي لڳي ويس مهري نياڳي،
اُکڑي پجي پئي.

کنگڻي چڙهيندیس کيئن آنءُ هاڻي،
اوکي لڳي ويس مهري نياڳي،
اُکڑي پجي پئي.

ڪٽڪ چڙهيندیس کيئن آنءُ هاڻي،
اوکي لڳي ويس مهري نياڳي،
اُکڑي پجي پئي.

اڳوڻيون عورتون اڌ رات جو اُٿي اُکڑي ۽ ان وجهي مهريءَ سان چڙيندیون هيون، اُکڑيءَ مان ان کڏي پوءِ پيهڻ ويهنديون هيون، اسر ويل اٿي جاڏي ڪن ڏي تہ جنڊ جا آواز ٻڌڻ ۽ ايندا هئا. "ڪجر پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

دِلو

اديون منهنجو دِلو پچي پيم دِلو،
دِلو پچي پيم کوهه تي،
منهنجو ٽڏو ڏاڍو دِلو،
منهنجو مٿو ڏاڍو دِلو.

دِلو ٺهرايم، دودائي شهر مان،
ان جي مٽان سهٽا شيشا هٽايم،
دِلو پچي پيم کوهه تي.
اديون منهنجو دِلو.

دِلو ٺهرايم، چوهڑپور مان،
ان جي مٽان سهٽا شيشا هٽايم،
دِلو پچي پيم کوهه تي.
اديون منهنجو دِلو.

دِلو ٺهرايم، شاهل محمد تان،
ان جي مٽان سهٽا شيشا هٽايم،
دِلو پچي پيم کوهه تي.
اديون منهنجو دِلو.

دِلو ٺهرايم، ميتلن مان آئون،
ان جي مٽان سهٽا شيشا هٽايم،
دِلو پچي پيم کوهه تي.
اديون منهنجو دِلو.

☆☆☆

" ڪُجر پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سوڻي

لڻن ستڻ واري سوڻي،
اديون سوڻي ٺهرايم ڏکڻ کان،
سوڻي چورائي ويو ڪوئي،
لڻن ستڻ واري سوڻي.

سوڻي ٺهرايم ليسوڙيءَ مان،
لڻن ستڻ واري سوڻي.

سوڻي ٺهرايم ڏاڍي هلڪي،
لڻن ستڻ واري سوڻي.

سوڻي ٺهرايم لڻا ستڻ لاءِ،
لڻن ستڻ واري سوڻي.

سوڻي ٺهرايم پنج ڏئي روپيه،
لڻن ستڻ واري سوڻي.

سوڻي ٺهرايم "سانگي" "ٽاريءَ مان،
لڻن ستڻ واري سوڻي.

☆☆☆

ڏکڻ کان؟ سهڻيون چڻن تي سوڻيون، لڻن ستڻ لاء ٺهرايون ويندیون هيون، عورتون قطار ڪري واهه يا ڳڏن تي گڏجي لڻا ستيندیون هيون واهن جي وهي اچڻ تي ، ميلا مچي ويندا هئا.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪار

آهي ڪار چاڑهي، آهي ڪار چاڑهي،
آيو وهي آيو واهه آهي،
ويڻي آهيان آئون ٽين ڪي چاڑهي،
آهي ڪار چاڑهي.

ڏينهن ڪان هئا ڪپڑا ميرا،
ڏوئي اَچان آئون ميرا سيرا،
آهي ڪار چاڑهي.

هفتن ڪان هئا ڪپڑا ميرا،
ڏوئي اچان آئون ميرا سيرا،
آهي ڪار چاڑهي.

مهينن ڪان هئا ڪپڑا ميرا،
ڏوئي اچان آئون ميرا سيرا،
آهي ڪار چاڑهي.

سالن ڪان هئا ڪپڑا ميرا،
ڏوئي اچان آئون ميرا سيرا،
آهي ڪار چاڑهي.

☆☆☆

ڳوٺاڻيون عورتون، مهيني ۾ هڪڑو دفعو ڪار چاڑهيندڙيون هيون جڏهن پَرَ وارو واهه وَهي ايندو هو، يا وري ڪَڏن ڪُوهن مٽان ڪار جا ٽينَ چاڑهيا ويندا هئا. ڪاٺ جو داڙهڙو رکي ڏکڻ جي ٽهيل سوٽيءَ سان لٽا سٽيا ويندا هئا.

" ڪَڇ پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڈڈ ولوڑيان وينيءِ دد ولوڑيانءِ پاڳ ٿي پايانءِ
جهون جهون جهونءِ
بسم اللہ، بسم اللہ.

ڈڈ ولوڑيان وينيءِ ديرِ مکڻ جا ياري ڪيان ٿيءِ
جهون جهون جهونءِ
بسم اللہ، بسم اللہ.

ڈڈ ولوڑيان وينيءِ پاڙي سڄي کي ڈڈ ڏيان ساريءِ
جهون جهون جهونءِ
بسم اللہ، بسم اللہ.

ڈڈ ولوڑيان وينيءِ جهون جهون جهاري پاڳ کي لاڙيءِ
جهون جهون جهونءِ
بسم اللہ، بسم اللہ.

ڈڈ ولوڑيان وينيءِ مارو به ايندا، ڈڪ به ويندا،
جهون جهون جهونءِ
بسم اللہ، بسم اللہ.

ڈڈ ولوڑيان وينيءِ "سانگي" آئون ساري دل ڏتاريءِ
جهون جهون جهونءِ
بسم اللہ، بسم اللہ.

☆☆☆

اڳوٽا ماڻهو کير نہ کپائيندا هئا، اڄ به کيترا پاڻيا کير کپائڻ ڏوهه سمجهن ٿا، بخت وارا ماڻهو کير ولوڑيندا آهن، مکڻ ڪڍي کپائن ٿا ۽ ڈڈ پاڙي وارن کي ڏئي ڇڏيندا آهن.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چاڏي

ڏڏ ولوڙڻ جي چاڏي اديون، پاڳن واري،
مئيءَ سان مليان ويني،
ڏوڻي ٿي ڏوئان ويني.

چاڏي ولوڙي، جوڙي مڪڙ کي،
مئيءَ سان مليان ويني،
ڏوڻي ٿي ڏوئان ويني.

چاڏي ولوڙي، ڏئونري کي ڏوٽيان،
مئيءَ سان مليان ويني،
ڏوڻي ٿي ڏوئان ويني.

چاڏي ولوڙي، ڏڏ ٿي ناهيان،
مئيءَ سان مليان ويني،
ڏوڻي ٿي ڏوئان ويني.

چاڏي ولوڙي، پاڳ ورهايان،
مئيءَ سان مليان ويني،
ڏوڻي ٿي ڏوئان ويني.

چاڏي ولوڙي، سونُ اُپايان،
مئيءَ سان مليان ويني،
ڏوڻي ٿي ڏوئان ويني.

☆☆☆

چاڏي ٽڪر جي جنهن ۾ ڪير لاهي سنياڻڻ وڃهي رات جو ڏک ڏيئي رلهيءَ وغيره سان بند ڪري چاڏي رکبي آهي، صبح جو ڏڏ جمي ويندو آهي، پوءِ مانڌاڻي سان ڏڏ ولوڙبو آهي، پوءِ مڪڙ ڏار ٿي پوندو آهي ۽ ڏڏ ڏار.

" ڪڄل پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪوڙ

ڪوڙ وارا ڪڙمي پائو، ڪوڙ ۾ ٿي قرب هزار،
ڪوڙ ڪي ڪٽ ساهه ۾ سانديءِ،
ڪوڙ وارا.

ڪوڙ سان ڪٽ واهه جي ڪاڻي، بار تون ڏياڻي،
ڪوڙ ڪي ڪٽ ساهه ۾ سانديءِ،
ڪوڙ وارا.

ڪوڙ سان ڪٽ واهيون وڪڙيون، وڪون ڪٽ تڪڙيون،
ڪوڙ ڪي ڪٽ ساهه ۾ سانديءِ،
ڪوڙ وارا.

ڪوڙ سان ڪٽ پنهنجو اوهاندو، ڪر تون سهنجو،
ڪوڙ ڪي ڪٽ ساهه ۾ سانديءِ،
ڪوڙ وارا.

ڪوڙ سان ڪٽ ڇج جون ڀاريون، پوک تون ساريون،
ڪوڙ ڪي ڪٽ ساهه ۾ سانديءِ،
ڪوڙ وارا.

ڪوڙ سان گهڙ ٻنڙا ٻارا، هاري پيارا،
ڪوڙ ڪي ڪٽ ساهه ۾ سانديءِ،
ڪوڙ وارا.

☆☆☆

ڪوڙ لوهر ناهيندا آهن، ڪوڙ ۾ ڳن لڳيءِ جو ڏکڻ گهڙي وڃهندا آهن. ڪوڙ ڪڙميءِ جو هٿيار به آهي ۽ سائي به آهي. جو رات ڏينهن ڪنڌس ڪلهي تي رکيل هوندي آهي.

" ڪنڊو پاڻي ڪم" لوڪ گيت
ڏانداري سهڻي سهڻي ڏانداري، راهه واري ڏانداري، (علي گل سانگي)

ڪوڏر

ڪوڏر ڏي مونکي پنهنجي ڪوڏر ڏي الا مونکي ڪوڏر ڏي،
مان پاڻيءَ جي واري تي وڃان،
وڃان واري تي وڃان.

ڪوڏر ٺهرايم سکر شهر مان، سهڻي ٺهرايم،
مان پاڻيءَ جي واري تي وڃان،
وڃان واري تي وڃان.

ڪوڏر ٺهرايم ٽيڑهيءَ شهر مان، سهڻي ٺهرايم،
مان پاڻيءَ جي واري تي وڃان،
وڃان واري تي وڃان.

ڪوڏر ٺهرايم روهڑيءَ شهر مان، سهڻي ٺهرايم،
مان پاڻيءَ جي واري تي وڃان،
وڃان واري تي وڃان.

ڪوڏر ٺهرايم ڪوٽڙيءَ شهر مان، سهڻي ٺهرايم،
مان پاڻيءَ جي واري تي وڃان،
وڃان واري تي وڃان.

ڪوڏر ٺهرايم ڪهوٽڪي شهر مان، سهڻي ٺهرايم،
مان پاڻيءَ جي واري تي وڃان،
وڃان واري تي وڃان.

☆☆☆

ڪوڏريون سڄي سنڌ ۾ ٺهنديون آهن، هر علاقي جي ڪوڏر جي پنهنجي ڳهار هوندي آهي، خاص ڪري ڪهوٽڪيءَ جي ڪوڏر سڀني هوندي آهي.

" ڪَڊو پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڏانداري

اداڑي ٻڪڻ مونکي ٺاهي ڏي،
ڏانداري ٺاهي ڏي.

سهٽي سهٽي ڏانداري، ڇهن ڏندن واري،
اداڑي ٻڪڻ مونکي ٺاهي ڏي،
ڏانداري ٺاهي ڏي.

سهٽي سهٽي ڏانداري، اٺن ڏندن واري،
اداڑي ٻڪڻ مونکي ٺاهي ڏي،
ڏانداري ٺاهي ڏي.

سهٽي سهٽي ڏانداري، ڏهن ڏندن واري،
اداڑي ٻڪڻ مونکي ٺاهي ڏي،
ڏانداري ٺاهي ڏي.

سهٽي سهٽي ڏانداري، ٻارهن ڏندن واري،
اداڑي ٻڪڻ مونکي ٺاهي ڏي،
ڏانداري ٺاهي ڏي.

سهٽي سهٽي ڏانداري، چوڏهن ڏندن واري،
اداڑي ٻڪڻ مونکي ٺاهي ڏي،
ڏانداري ٺاهي ڏي.

☆☆☆

ڏانداريءَ جو باتو ٻپر جي سل کانئِ جو ٿيندو آهي ۽ ڏندا لئِ جي کانئِ جا ٿيندا آهن ۽ ڳڻ لئِ جو يا کهڻ جي کانئِ جو وڇهي ٻڪڻ ٺاهي ڏيندو آهي هڪ ڏنداري شوق واري ان جي راهِ لاءِ ۽ ٻئي عام ڪم چيٽن وغيره لاءِ ٿيندي آهي.

" ڪَڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

حقو

حُقو ڙي اديون مونکي حقو ناهي ڏيو،
حقي جي آئون،
آهيان موالڻ.

گوڻي تماک جي حقي ۾ وجهي ڏيو،
حقي جي آئون،
آهيان موالڻ.

سيوهڻ شهر مان حقو گهرايم،
حقي جي آئون،
آهيان موالڻ.

حقي جو ڦل آهي سهڻن چٽن تي،
حقي جي آئون،
آهيان موالڻ.

حُقي جو نڙ پت تان آڻايم،
حقي جي آئون،
آهيان موالڻ.

☆☆☆

پاڪستان نهڻ کان اڳ سنڌ ۾ هندو گهڻا هٿا، هندو ۽ ٻيا سنڌي خاص ڪري ڳوناڻا حُقو يا چلم گهڻو پيئندا هٿا، اوطاقن ۾ چلم ڪچهريءَ جي مور هوندي هئي پهرين دور ۾ چلم ۽ بعد ۾ حُقي جو دور هليو. گهڻو ڪري هازبن سان گڏ سندن زالون به حقو پيئنديون هيون، ۽ هينئر به ڪٿي ڪٿي حقو پيتو وڃي ٿو.

" ڪڇ پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

حُقا

حقا ڈيو ميڪو الا....حُقا ڈيو ميڪون،
حُقا ڈيو ميڪون مين حُقي دي ڦوڪ پران،
حُقا ڈيو ميڪون پر ڳوٹي تماڪ دي.

حُقا هے سهٹا ميڈا، حُقا لاهور دا،
حُقا ڈيو ميڪون،
پر ڳوٹي تماڪ دي.

حُقا هے سهٹا ميڈا، حُقا ملتان دا،
حُقا ڈيو ميڪون،
پر ڳوٹي تماڪ دي.

حُقا هے سهٹا ميڈا، ڪراچي شهر دا،
حُقا ڈيو ميڪون،
پر ڳوٹي تماڪ دي.

حُقا هے سهٹا ميڈا، جدي شهر دا،
حُقا ڈيو ميڪون،
پر ڳوٹي تماڪ دي.

حُقا هے سهٹا ميڈا، مڪي شهر دا،
حُقا ڈيو ميڪون،
پر ڳوٹي تماڪ دي.

☆☆☆

حُقو پوري دنيا کان سعودي عرب ۾ گهٹو پيتو وڃي ٿو، سعودي جي هر وڏي شهر ۾ يا وڏن روڊن تي حُقي جا وڏا وڏا هوٽل ٺهيل آهن.

" ڪَجَر پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چنڊ

چنڊ ڪڙي اَڌَ رات جو، ساهه ۾ پيون ٿم سارُون،
موت ڪندا منهنجا مارُو،
ويڻي ڪيان ٿي پُڪارون.

نندون ئي ٿم نيڻن مان، ساهه ۾ پيون ٿم سارُون،
موت ڪندا منهنجا مارُو،
ويڻي ڪيان ٿي پُڪارون.

چين ويو ٿم نيڻ مان، ساهه ۾ پيون ٿم سارُون،
موت ڪندا منهنجا مارُو،
ويڻي ڪيان ٿي پُڪارون.

خوشي وئي ٿم نيڻن مان، ساهه ۾ پيون ٿم سارُون،
موت ڪندا منهنجا مارُو،
ويڻي ڪيان ٿي پُڪارون.

سونهن وئي ٿم نيڻن مان، ساهه ۾ پيون ٿم سارُون،
موت ڪندا منهنجا مارُو،
ويڻي ڪيان ٿي پُڪارون.

سُکَ ويو ٿم نيڻن مان، ساهه ۾ پيون ٿم سارُون،
موت ڪندا منهنجا مارُو،
ويڻي ڪيان ٿي پُڪارون.

ساهه ويو ٿم نيڻن مان، ساهه ۾ پيون ٿم سارُون،
موت ڪندا منهنجا مارُو،
ويڻي ڪيان ٿي پُڪارون.

☆☆☆

چنڊ چوڏهين رات ڪڙي راس ٿيندو آهي.

ڪڙي چنڊ دل ۾ ڪير گهاءُ آهي،
سانگن لاءِ "سانگي" سڪيو ساهه آهي.

"ڪنجو پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪَتِي

ڪَتيءَ لَٽي جا پارِا پئڙا، سيءُ سُکائي ڪَلَ،
ماروئڙا سي اَمِلَ،
مال چوڙن تنهن مَهَلَ

ٽَرَ جي واري، ٽڏڙي واري، سيءُ سُکائي ڪَلَ،
ماروئڙا سي اَمِلَ،
مال چوڙن تنهن مَهَلَ.

ٽَرَ جا ٽوهر، ٽڏڙا ٽوهر، سيءُ سُکائي ڪَلَ،
ماروئڙا سي اَمِلَ،
مال چوڙن تنهن مَهَلَ.

ٽَرَ جون راهون، ٽڏڙيون راهون، سيءُ سُکائي ڪَلَ،
ماروئڙا سي اَمِلَ،
مال چوڙن تنهن مَهَلَ.

ٽَرَ جون هيرون، ٽڏڙو هيرون، سيءُ سُکائي ڪَلَ،
ماروئڙا سي اَمِلَ،
مال چوڙن تنهن مَهَلَ.

ٽَرَ جي "سانگي" ٽڏڙي ڏرتي، سيءُ سُکائي ڪَلَ،
ماروئڙا سي اَمِلَ،
مال چوڙن تنهن مَهَلَ.

☆☆☆

ٽر جا ماڻهو گهٽي ياڳي رات جو مال چارينڊا آهن مال بر چڙا، چڙيون، جن جا آواز، ڏوران پيا ٻڌهن. مارو پنهنجي مال جون، ڪٽڪان، ڏڪان پيرا، چڙن جا آواز، سڃاڻي ولندا آهن.

" ڪُنڊو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ٽيڙو

ٽيڙوءَ اپري، رات جو، سانگ تي، ٽا وڃن،
مارو ڇوڙيون مال کي،
سانگي ڇوڙيون مال کي.

چُکيءَ تي مينهن وسن، سانگ تي ٽا وڃن،
مارو ڇوڙيون مال کي،
سانگي ڇوڙيون مال کي.

رڻ ڪڇ تي مينهن وسن، سانگ تي ٽا وڃن،
مارو ڇوڙيون مال کي،
سانگي ڇوڙيون مال کي.

جيسر مير تي، مينهن وسن، سانگ تي، ٽا وڃن،
مارو ڇوڙيون مال کي،
سانگي ڇوڙيون مال کي.

ڪارونجهر تي، مينهن وسن، سانگ تي، ٽا وڃن،
مارو ڇوڙيون مال کي،
سانگي ڇوڙيون مال کي.

پوڙيسر تي مينهن وسن، سانگ تي، ٽا وڃن،
مارو ڇوڙيون مال کي،
سانگي ڇوڙيون مال کي.

☆☆☆

ٽر جا ماڻهو ستارن کي ڏسي، مهل سڃاڻي مال ڇوڙيندا آهن، پوء جتي مينهن وسن گاهه ڏٺن پوء سانگ ڪن.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ ڪيت
(علي گل سانگي)

اُپري تائين كت...الا...ايندا مليري مِتَ...الا،
جاڳان ٿي جوڳيئڙن لاءِ،
روئان ٿي سانگيئڙن لاءِ.

ايندا ماروُ مونکي، هَوا ٻُڌايو هَوا ٻڌايو،
جاڳان ٿي جوڳيئڙن لاءِ،
روئان ٿي سانگيئڙن لاءِ.

ايندا ماروُ مونکي، کاٽ ٻُڌايو کاٽ ٻڌايو،
جاڳان ٿي جوڳيئڙن لاءِ،
روئان ٿي سانگيئڙن لاءِ.

ايندا مارو مونکي، آهه ٻڌايو، آهه ٻڌايو،
جاڳان ٿي جوڳيئڙن لاءِ،
روئان ٿي سانگيئڙن لاءِ.

ايندا مارو مونکي، اَندرَ ٻڌايو، اَندرَ ٻڌايو،
جاڳان ٿي جوڳيئڙن لاءِ،
روئان ٿي سانگيئڙن لاءِ.

ايندا مارو مونکي، دل ٻڌايو، دل ٻڌايو،
جاڳان ٿي جوڳيئڙن لاءِ،
روئان ٿي سانگيئڙن لاءِ.

ايندا مارُو "سانگي" ساهه ٻڌايو، ساهه ٻڌايو،
جاڳان ٿي جوڳيئڙن لاءِ،
روئان ٿي سانگيئڙن لاءِ.

☆☆☆

آسمان ۾ ستارن واري کَٽ، جنهنجي هرهڪ پائي سان، کُٽ ، کُکڙ، ٻَکر شينهن ٻڌل هوندو آهي. "کَٽ پائي کڄ" لوڪ کيت

(علي گل سانگي)

پانڊارو

پانڊارو الا منهنجو پانڊارو پيارو مونکي پانڊارو،
مارن مکو پانڊارو،
سانگن مکو پانڊارو.

گهر جي خرچ مان، پئسا بچائي رکندي آهيان،
مارن مکو پانڊارو،
سانگن مکو پانڊارو.

ارکي ترکي گهر جي مان، پيسائين بچائي رکندي آهيان،
مارن مکو پانڊارو،
سانگن مکو پانڊارو.

پنهنجي ذاتي خرچيءَ مان، پئسا بچائي رکندي اهيان،
مارن مکو پانڊارو،
سانگن مکو پانڊارو.

پنهنجي پگهار مان، پئسا بچائي رکندي آهيان،
مارن مکو پانڊارو،
سانگن مکو پانڊارو.

پنهنجي اُپت مان، پئسا بچائي رکندي آهيان،
مارن مکو پانڊارو،
سانگن مکو پانڊارو.

☆☆☆

پانڊارو مٽيءَ جو ڪنير ٺاهيندا آهن. اُن تي سهٽا چٽ ڪڍي سهٽو ٺاهي رکندا آهن. اُن جي مٿان پئسن وجهڻ جو سوراخ ٿيندو آهي جتان پئسا وجهبا آهن.

"ڪجو پاڻي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

بوٹيندو

بوٹيندو بوٹيندو، واهه وڃي ٿو بوٹيندو،
واهِه وڃي ٿو بوٹيندو،
سرَ کڊي ٿو بوٹيندو.

مارو منهنجا آهن جاتي، آ هُن تي اٹيندو،
واهِه وڃي ٿو بوٹيندو،
سرَ کڊي ٿو بوٹيندو.

مارو منهنجا آهن جاتي، دانهن تي آٹيندو،
واهِه وڃي ٿو بوٹيندو،
سرَ کڊي ٿو بوٹيندو.

مارو منهنجا آهن جاتي، ساهن تي آٹيندو،
واهِه وڃي ٿو بوٹيندو،
سرَ کڊي ٿو بوٹيندو.

مارو منهنجا آهن جاتي، راهُن تي آٹيندو،
واهِه وڃي ٿو بوٹيندو،
سرَ کڊي ٿو بوٹيندو.

مارو منهنجا"سانگي"جاتي، ٻانهُن تي آٹيندو،
واهِه وڃي ٿو بوٹيندو،
سرَ کڊي ٿو بوٹيندو.

☆☆☆

چيڪي متيءَ کي ڳوهي ڪمائي، گول بوٹيندو ناهيو آهي، جنهن کي اندران خالي ڪيو وڃي ٿو، تي ننڍڙا هڪ وڏو، جنهن تي چپ ٿا رکجن، ۽ ننڍڙا ننڍا جن تي آڳريون ٽيون رکجن، وات جي هوا جي زور تي وڄائجي ٿو، جيڪو منا سنا سر ٿو کڊي، انکي هڪ ساز ۽ چئي سگهجي ٿو.

" ڪنڊو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

واڇوڙا

واڇوڙا واڇوڙا، واهه اڏين ٿو واڇوڙا،
واڇوڙا واڇوڙا.

ساڻ وڻيون هَلُ مونکي،
مارو منهنجا ٿم جاتي،
واهه اڏين ٿو واڇوڙا،
واڇوڙا واڇوڙا.

ڪَڪَ ڪَانا ۽ پَنَ ڪٽين تون،
متي اُڏي ٿو سير ڪرين تون،
واهه اڏين ٿو واڇوڙا،
واڇوڙا واڇوڙا.

اوٿر واري اوٽ ڪري ڪا،
وڃ تون مارن ماڳ تي،
واهه اڏين ٿو واڇوڙا،
واڇوڙا واڇوڙا.

ڏجاڻ نياپو وڃي مارن کي،
"سانگي"سهٽن منهنجي پيارن کي،
واهه اڏين ٿو واڇوڙا،
واڇوڙا واڇوڙا.

☆☆☆

جون جي جهولن ۽ سارين جي ٻج پوکڻ واري مند ۾ واڇوڙا اڏندا آهن. واڇوڙو هڪ زميه جي ويسي مان تيز هوا جو جهوٽو لامارو ڏيئي گولو ناهي متي اڏ آسمان تي اڏي ويندو آهي ۽ اُهو تيز ڊوڙندو به آهي.

" ڪنڊو پائي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪانگلڙا

ڪانگلڙا، ڪانگلڙا، وڃ تون واتَ وهي،
ڪارونجهر تي ڪهي،
ڪارونجهر تي ڪهي.

مارو ملندئي وات تي، سلجانءِ سور سهي،
ڪارونجهر تي ڪهي،
ڪارونجهر تي ڪهي.

ڪبڙن پيرون پاندن ۾، لهجانءِ لام لهي،
ڪارونجهر تي ڪهي،
ڪارونجهر تي ڪهي.

جهوپا جهانگيئڙن جا جيڪي،پکڙن منجهه پهي،
ڪارونجهر تي ڪهي،
ڪارونجهر تي ڪهي.

سارو ڪجانءِ حال منهنجو، پئجانءِ رات رهي،
ڪارونجهر تي ڪهي،
ڪارونجهر تي ڪهي.

"سانگي" منهنجا سدورڙا، ويندم شال ٿهي،
ڪارونجهر تي ڪهي،
ڪارونجهر تي ڪهي. ☆☆☆

اڳوڻي وقت ۾ ٽيليفون، وائرليس، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ٽپال وغيره ڪونه هنا. ماڻهو پنهنجو پيغام اولهه، ڪانگن، ڪبوترن، هَوا ۽ هُدُ هُدُ پکي ذريعي پهچائيندا هنا ۽ ڪي ڪي ماڻهو پنهنجي سڄي "دل" جي معرفت پنهنجو پيغام پهچائيندا هنا جنهن کي روحاني رشتو چنجي، جيئن کو سنپاري ۽ هڏڪي ٽي پوي. ڪارونجهر ڏکڻ ڏر جو جبل آهي، سنڌس اپرندي پاڙ ۾ ننگر پارکر جو شهر ۽ اتر ۾ پوڙيسر، تلاءَ ۽ مندر آهي جنهنکي محمد شاهه بيگڙي فتح ڪري مسجد ٺاهي.

"ڪَڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

وڃارو

وڃارو نہ وريو الا منهنجو وڃارو نہ وريو،
وات نهاريان،
راهہ مان روئي.

وڃارو نہ وريو، سڪ ٿي ساڙي ساهہ کي الا،
وات نهاريان،
راهہ مان روئي.

وڃارو آ، روح جو راهي روح جو راهي،
وات نهاريان،
راهہ مان روئي.

وڃاري کي ڪيئن وساريان، ڪيئن وساريان،
وات نهاريان،
راهہ مان روئي.

وڃاري جي وات تي وينس، وات تي آئون،
وات نهاريان،
راهہ مان روئي.

وڃاري کي "سانگي" ساريان، سانگي ساريان وينس،
وات نهاريان،
راهہ مان روئي.

☆☆☆

وڃاري ويندي وڏي ويرم لاڻي، وني ويچاري کي واجهائيندي ڏينهن لنگهيا، روئي وڃارو گيت ڳائي ٿي.

" ڪنڊ پاڻي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

وڃارا

وڃارا نہ وريا منهنجا، وڃارا نہ وريا الا،
ويڻي سمنڊ ڪناري،
ڏينهن لنگهيا.

ڪڪرن ڪوڪيڙا ڪيا، وڃارا نہ وريا الا،
ويڻي سمنڊ ڪناري،
ڏينهن لنگهيا.

سا ڪٽ نہ جن ري ٿي سري، وڃارا نہ وريا الا،
ويڻي سمنڊ ڪناري،
ڏينهن لنگهيا.

آهن اندر ۾ اکيرون، وڃارا نہ وريا الا،
ويڻي سمنڊ ڪناري،
ڏينهن لنگهيا.

ڪُني ڪانهي چڙهي الا، وڃارا نہ وريا الا،
ويڻي سمنڊ ڪناري،
ڏينهن لنگهيا.

"سانگي" سيج وڇائي ناهي، وڃارا نہ وريا الا،
ويڻي سمنڊ ڪناري،
ڏينهن لنگهيا.

☆☆☆

موڙڻي جا ياٽر سمنڊ ۾ مڇي مارڻ لاءِ وبا تہ موتيا ٻي ڪوڙ وڏي واڳوڙ وات ۾ اڇي وبا، هن قصي کي سر سامونديءَ ۾ پٽ ڏٽي ظاهر ڪيو آهي.

" ڪڇ پائي گڇ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

وڃارا

وڃارا وڃارا، وڃارا وڃارا،
سونهن پريا سوپارا، وڃارا،
موت ڪيو وڃارا، وڃارا وڃارا.
وڃارا وڃارا.

پرت پٽن تي لاٽيون،
ريءَ برسات جي سپ ساڻيون.
سانگي سارن سارا،وڃارا وڃارا.
وڃارا وڃارا.

برسات اُنسي اوٽيلا،
ڏت لاءِ سي ڏوٽيلا،
ڀهون ڳولهن ڀاجهارا،وڃارا وڃارا.
وڃارا وڃارا.

وڃارا واهُر ٽي،
هاڻي "سانگي" ظاهر ٽي،
پاڻ پڙاءِ موچارا، وڃارا وڃارا.
وڃارا وڃارا.
موت ڪيو وڃارا، وڃارا وڃارا.

☆☆☆

وڃ واپار مان وڃار، ڏهيو پوء ڪٽي ساموندي، وڃارو هجي يا سُڪيءَ وارو سالن جا سال وڃارا، واپار لاءِ گهر ٽي ويندا هٿا پويان انتظار ڪرڻ واريون ونجارو گيت ڳائيندڙيون هيون.

" ڪَجو پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مٺهيارا

مٺهيارا مٺهيارا، موتُ وچين ٿو مٺهيارا،
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي،
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.

چاچا مونکي چوڙا وئي ڏي چوڙا،
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.

چاچي مونکي لالي وئي ڏي لالي،
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.

بابل مونکي ڦٽي وئي ڏي ڦٽي،
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.

آيل مونکي سڳيون وئي ڏي سڳيون،
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.

شوهر مونکي نٽ وئي ڏي نٽ،
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي،
ڏوران رَئي مون ڏئي آهي.

☆☆☆

گهور واري کي، ٽر ۾ مٺهيارو چوندا آهن، پاڻ ۾ ٻڌي مجاري گڏ ٿي مجارکو سامان، گڏهه گهوڙي اُٺ تي ۽ اتر سنڌ ۾ سائيڪل وغيره تي کڻي ڳوٺن ڳلين ۾ گهور ڪندا آهن، جهڙوڪ بولا بينسر، ڦٽيون ڦل، سڳيون اڳٽ، مسي مساگ، بانهيون چوڙا، پَٽَ ۽ سُٽَ وغيره. " ڪَڄو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

اوٿيئڙا

اداڙي جَتَ اوٿيئڙا، تون لاڙ مهارَ ائن جي،
اتي بيهار قطار ائن جي،
هل وٿيون مونکي لاڙ ڏي،
جِتِ مارَو منا تنهن پار ڏي.

سفر وڏو آ سئلو ڪر تون،
هشاءِ ائن کي دير نه ڪر تون،
اداڙي جت اوٿيئڙا.

ليڙا لڏيا ٿي کاڏي وڃين ٿو،
آئون سمجهان ٿي جاڏي وڃين ٿو،
اداڙي جت اوٿيئڙا.

توڏن جي تو تياري ڪئي آ،
منزل پنهنجي جاري ڪئي آ،
اداڙي جت اوٿيئڙا.

سرتين جي لڳي سڪ ٿم "سانگي"،
جهورن هوندا جهوريا جهانگي،
اداڙي جت اوٿيئڙا.

☆☆☆

ٿري لاڏو ائن تي پاکڙا اڏي، پري پري سفر تي، مسافر ماٺهو پاڙي تي ڪٽندا آهن، پٽن تي ٻني سواري نه هجڻ ڪري.

" ڪنجو پاڻي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڏاتيئڙا

ڏاتيئڙا، ڏاتيئڙا، ڏول منهنجا ڏاتيئڙا،
ور کو پاڻ وري
آءُ کو قرب ڪري.
ڏاڏا لنگهيا ٽم ڏينهن.

ڏت جا ڏاتي، ڏول منهنجا ڏاتيئڙا،
ڏاڏو پنڌ پري،
آءُ کو قرب ڪري.
ڏاڏا لنگهيا ٽم ڏينهن.

ڏت جا ڏاتي، ڏول منهنجا ڏاتيئڙا،
منهنجي ڪانه سري،
آءُ کو قرب ڪري.
ڏاڏا لنگهيا ٽم ڏينهن.

ڏت جا ڏاتي، ڏول منهنجا ڏاتيئڙا،
هيئون منهنجو ڏري،
آءُ کو قرب ڪري.
ڏاڏا لنگهيا ٽم ڏينهن.

ڏت جا ڏاتي، ڏول منهنجا ڏاتيئڙا،
"سانگي" ساڻ ڏري،
آءُ کو قرب ڪري.
ڏاڏا لنگهيا ٽم ڏينهن.

☆☆☆

جهڙي طرح هو جمالو، اهڙي طرح ٽر ۾ ڏاتيئڙو ٽر جو جمالو آهي، ڏاتيئڙو، ڏاتي، ڏول، ٽر جا ٽري ماڻهو، خاص ڪري ڏنار ڳائيندا آهن.

"ڪيڇن پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جوڳيئڙا

جوڳيئڙا جوڳيئڙا، واهه وڻين ٿو جوڳيئڙا،
ڪَنِ ڦاڙَ جوڳيئڙا،
جَلَ جاڙ جوڳيئڙا.

مرليءَ تنهنجيءَ مست بنايو، نانگن کي آ خوب نچايو،
ڪَنِ ڦاڙَ جوڳيئڙا،
جَلَ جاڙ جوڳيئڙا.

هنگلاج تي تنهنجا پنڌ پراڻا، وستيون تنهنجون ڏور ٽڪاڻا،
ڪَنِ ڦاڙَ جوڳيئڙا،
جَلَ جاڙ جوڳيئڙا.

ڪنڌا پاڻي جٽيا جوتي، جبل جاڙا چڙهي لاهوتي،
ڪَنِ ڦاڙَ جوڳيئڙا،
جَلَ جاڙ جوڳيئڙا.

فڪرا هن جا ٽولا، مَڻ جي لاءِ ڪيو ڏاڍي ڳولها،
ڪَنِ ڦاڙَ جوڳيئڙا،
جَلَ جاڙ جوڳيئڙا.

جوڳِ جون اهي رهڻيون ڪرڻيون، "سانگي" آهن ڏاڍيون سهڻيون،
ڪَنِ ڦاڙَ جوڳيئڙا،
جَلَ جاڙ جوڳيئڙا.

☆☆☆

ڪن ڦاڙ جوڳي، پير جي چوڏي کي رنڌي، ان ۾ ڪپڙا رنگي، گهٽي قدر لاهوت تي ۽ هنگلاج وڃي رهندا آهن جتي شيش نانگ سؤ سال جي وڏي عمر واري نانگ جي مٿي ۾ جيڪا مَڻِ هوندي آهي انجي ڳولها ۾ رهن ٿا.

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پٹھاري

پٹھاري پٹھاري، او پٹھاري،
ور ريءَ ويچاري... ڪيئن سينگار ڪري،
ڪيئن سينگار ڪري.

سرتيون سپ سينگاريون آيون،
اپاڻ سور ٻري...ڪيئن سينگار ڪري،
ڪيئن سينگار ڪري.

ڳهڙو ڪٽي سا ڪين سگهي آ،
ساهڙ ڪاڻ سڙي...ڪيئن سينگار ڪري،
ڪيئن سينگار ڪري.

ڏُکــر ڏوڻــن ڏاج بـٽيــو آ،
بکيو پيٽ ٻري... ڪيئن سينگار ڪري،
ڪيئن سينگار ڪري.

ســهــاڻ آهـــي اِبــاڻڪـــي،
ماڻين وَر وري... ڪيئن سينگار ڪري،
ڪيئن سينگار ڪري.

پرديس تي ويو آ ور وني جو،
هنجو پيار ٻري... ڪيئن سينگار ڪري،
ڪيئن سينگار ڪري.

پٹھاري، ڪنهن هڪ عورت جو نالو ناهي، سگھارين دلا گھاگھرين مٽي تي ڪٽي ڪوهه تان پاڻي پرڻ واري هر عورت کي پٹھاري چئي سگھجي ٿو، ٽرين عورتون تولو ناهي، هار سينگار ڪري، ڪوهن ڏنلين ڏورن يا برساتي ڏين مان پاڻي پرڻ لاءِ ٻري ٻري تائين ويندين آهن انهن کي پٹھارين معنيٰ پاڻي پرڻ واريون چنجي ٿو.

" ڪنجو پاڻي ڪج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

اوڏڻ

اوڏڻ عشق اوهانجي، لاکي کي لڳي لوري،
لاکـي کـي لڳـي لـوري،
جيءَ ۾ پيس کا جهوري.

اوڏڻ جي تنهنجي سونهن جي، ملکان ٽي مشهوري،
ملکان ٽي مشهوري،
لاکي کي لڳي لوري.

اُٽي اَسُر جو مٽي ملي، يو ڏيسر جي پوري،
يو ڏيسر جي پوري.
لاکي کي لڳي لوري.

مٽيءَ هاڻي موچاري، اوڏڻ ٽر جي گوري،
اوڏڻ ٽـر جي گوري،
لاکي کي لڳي لوري.

پٽياڻي پوريلو ۾، ڳائن کولهي کوري،
ڳائن کولهي کوري،
لاکي کي لڳي لوري.

جام "سانگي" ٽيس راضي، ملکيت ساري گهوري،
ملکيت ساري گهوري،
لاکي کـي لڳي لوري.
☆☆☆

لاکي ۽ اوڏڻ جي عشق ۾ قصو ٽر ۾ مشهور آهي، جنهنکي لاڙ جا راڄي خاص کري، اوڏ ڳائڻا وڏي فخر سان ڳائن پيا. جام لاکي، اوڏڻ تي عاشقي ڪئي، اوڏن کي سونا زيور ۽ گهٽي ملکيت ڏنائين، بعد ۾ اوڏڻ سان شادي ڪيائين.

" ڪَڇ پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سُهاڳڻ

سُهاڳڻ ويچاري سدا سور ماري،
پرديس ۾ ور،
ڪيئن سينگار ڪري.

آهي اُباڻڪي ، وَرَ ريءَ ماندي،
پرديس ۾ ور،
ڪيئن سينگار ڪري.

پاڻيءَ تي پٿيارِيون، آيون سپ ٽلندیون،
پرديس ۾ ور،
ڪيئن سينگار ڪري.

دلو اُداسڻ، ڪيئن ڪٽي، سرتيون سپ ويون،
پرديس ۾ ور،
ڪيئن سينگار ڪري.

اونيءَ کان ٽي پُڇي "سانگي" سَڏَ ڪري،
پرديس ۾ ور،
ڪيئن سينگار ڪري.

☆☆☆

ٿر جي پٿياري: هڪ سهاڳڻ جو ور ويچارو، بيروزگاريءَ ڪري، پرديس تي ويل هو، جنهنجي انتظار ۾ پاڻ وڃائي ويٺي هئي. ايتري قدر جو پاڻي پرڻ ويندي هئي تہ گهاگهر ۾ نہ ڪٽي سگهندي هئي جڏهن ڪو ٻيو ماڻهو اڇي ڪٽائي هڪڙي ڏينهن هڪ اونيءَ کان پڇڻ لڳي تہ ادا منهنجو ور پرديس ۾ آهي، تو ڪٽي ڏنو. اونيءَ چيو اي پٿياري ڪيترو وَرَ جو انتظار ڪندينءَ اڃ تہ مان توسان پيار ڪيان هار سينگار ڪرايان، هنکي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ گهر وڃي سس سان ڳالهہ ڪئي تہ اُهو اوني ۽ ان جي واڳ ورائي سندس گهر ۾ لٽو. ۽ سس پڇيس تہ اهو اوني آهي، چيائين ها، سس چيس او چري اهو تنهنجو مڙس آهي، گهٽ ڏينهن گذرڻ ڪري تون نہ سڃاڻي سگهي آهين.

"ڪنڊو پاڻي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

چڪي

چُڪي چوڏس اپريو، روشن ٿيون راهون،
دردیلیون دانهون،
مارل موڻي آءُ.

آيل تنهنجي اُجاري، ٻُڪي پيٽ سمهي،
نڪي نند ڪري،
مارل موڻي آءُ.

آيل آهون ٿي ڪري، ڪاڏي ڪنڌ ڪٽي،
ڪجهه ڪي ڪين وٽي،
مارل موڻي آءُ.

چاچڙي چڙي ويا، چيلا چانگهن تي،
سانگي سانگڻ تي،
مارل موڻي آءُ.

رڻ ڪڇ منجهه روڇ، ملير ٿيو ماتام،
ساري ملڪ بڏام،
مارل موڻي آءُ.

سارنگ موڻيو ماڳئين، مارئي ڪونه وري،
"سانگي" ڪانه سري،
مارل موڻي آءُ.

☆☆☆

مارئيءَ جا مٺ مارو، سڄي ٿر ۾ ڪنديل هٿا. مارئيءَ جي ڪڇڙ جي خبر، سڄي ٿر ۾ باهه جان پکڙجي ويئي، هر ماروءَ کي مارئيءَ جو ڏک ۽ انتظار هو.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مرلي خوب وڄاءِ جوڳي، مرلي خوب وڄاءِ،
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،

ناڇوءَ وانگي ناڇ ڪندي.

مرليءَ تي ٽي مست چري آ، نانگڻ نچڻي ايندي آ.
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،

ناڇوءَ وانگي ناڇ ڪندي.

سامهو بيهي ڦوڪت ماري، پيڙهو ٺاهي ويهي ٽي،
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،

ناڇوءَ وانگي ناڇ ڪندي.

ڪارونجهر تي ڪاهي ايندي،معجون مستيون ماڻي ويندي.
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،

ناڇوءَ وانگي ناڇ ڪندي.

"سانگي" آهي سچي ڪهاڻي، نانگڻ جو ويوهَرُ ڪو ماري،
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،
نچڻي نانگڻ آئي ڇاڻ،

ناڇوءَ وانگي ناڇ ڪندي.

☆☆☆

ڪارونجهر ۾، ڪاربهر نانگڻ، جو ڪوئي پرديسي، نَرُ ماري ويو. نانگڻ چتي ٽي پئي ڪيترا ماٺهو ڪائي وئي، ڳاهي جوڳيءَ، اڇي چتي نانگڻ، کي مرليءَ تي مست ڪيو، ۽ نچايو، جيڪا پڄ جي چوٽيءَ تي بيهي نچندي هئي.
"ڪَڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ٻڌي ٻول، انمول، منهنجا ٻول ڏاڻي.
ڪانگڙ مان، ڪڏندي اچان،
جوئر مان، جهومندي اچان،
ٻاجهر مان، جهلندي اچان.

هو سرنهن جي ڦولار تي،
آيس آئون پنهنجي پيار تي،
ٻڌي ٻول، انمول.

هو جانيي جي ڦولار تي،
آيس آئون پنهنجي پيار تي،
ٻڌي ٻول، انمول.

هو توريئي جي ڦولار تي،
آيس آئون پنهنجي پيار تي،
ٻڌي ٻول، انمول.

هو چڻن جي ڦولار تي،
آيس آئون پنهنجي پيار تي،
ٻڌي ٻول، انمول.

هو "سانگي" سچي سينگار تي،
آيس آئون پنهنجي پيار تي،
ٻڌي ٻول، انمرل.

☆☆☆

ٽر تي، ڪانگڙو، جهولٽو، وڻجارو، همرچو، مٺهيارو، ڏاڻينڙو، وغيره ٽري ماڻهو پيهن مٽان جهار هڪليندي ڏنار مال چاريندي ڳائيندا آهن، پيراڻو جڏهن پنهنجي مٺي آواز ۾ راڳ ڳائيندو هو تہ سندس محبوبا آواز ٻڌي بي اختيار ٽي ڏوڙي وڃي ملندي هئي. "گجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

قيدڙ

قيدڙ ڪوڙن جي آئون،
قيدڙ ڪوڙن جي آئون،
ٿرَ ۾ ٽريچيون لا، ويڻيون ماڳن تي ٽيون ماني پچائن،
ويڻيون ماڳن تي، ٽيون چاڏيون ولوڙن.

ڪائن پچائن، پاڻ ۾ ويڻيون،
مونکي صلاحن، ڪونہ ٽيون سرتيون،
ٿرَ ۾ ٽريچيون لا.

ساڳ سکل کان، مڻس سکي آئون،
زهر ٽم ذردا آهيان ٻُکي آئون،
ٿرَ ۾ ٽريچيون لا.

بن ڏيئي ساڙيان، محل هي ماڙيون،
ککايون وڻن ٽيون، جهوپڙيون پراڻيون،
ٿرَ ۾ ٽريچيون لا.

ويڻي آهيان "سانگي" ڏاڏاٽا ڏکائي،
مولا ميل منهنجا، مارونڙا موڪلائي،
ٿرَ ۾ ٽريچيون لا.

☆☆☆

مارئي ملير جي قيد ۾ ٽيهه ڏينهن رهي، عمر پنهنجا وس کيا. مارئي پنهنجي لڄ بچائي وئي، مارئي پنهنجي مارن کي ڏک ڏوراپا ڏيندي رهي ٽيهن ڏينهن کان پوء مائي دائي آئي جنهن عمر کي ٻڌايو تہ مارئي تنهنجي ٽڇ پياڪ پيڙ آهي. پوء عمر پنهنجي ضد تان لٿو مارئي پنهنجي ماڳ رسائي.

"گجر پائي گج" اوک گيت

(علي گل سانگي)

ناري

او ناري اوناري، درد وندي دکياري، ڏکڻ جي ماري،
ڪنهن سان پيار ڪيو،
ويهي ڳالهه ته ڪر.

آليون اکيون وار ڇڙيل، ڪنهن هي حال ڪيو،
ڪنهن سان پيار ڪيو،
ويهي ڳالهه ته ڪر.

خاموشي آهي رڳو، ويڻين آن واڻن تي،
ڪنهن سان پيار ڪيو،
ويهي ڳالهه ته ڪر.

زور زمانو آهي، ڪير لٽي ويو ٻ دلڙي،
ڪنهن سان پيار ڪيو،
ويهي ڳالهه ته ڪر.

"سانگي" چوي سوز سيئي، دل ۾ دٻائي ويڻينءَ،
ڪنهن سان پيار ڪيو،
ويهي ڳالهه ته ڪر.

☆☆☆

هڪ ناري پنهنجو نينهن پرديسي پرينءَ سان لڳائي وئي آهين، پيار ڪرڻ وار پيارو پرديسيءَ نه نياپو ڪليو نه سنيهو هيءَ ناري ويچاري پنهنجا حال وڃائي ويهي رهي آهي، سهيد ڇڻ تي نٽي ٻڌائي.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪونجڙيا

ڪونجڙيا،وڃڙو،مارو منهنجي پار ڏي،اوهو ڪونجڙيا،
سارو ڪجاڻ احوال، ڪونجڙيا،
منهنجو ڪجاڻ هي حال، ڪونجڙيا،
وڃڙو مارومنهنجي پار ڏي، او ڪونجڙيا او ڪونجڙيا،
او ڪونجڙيا.

مارو مليرتي آئون آهيان ڪائي،
وڃڙو مارو منهنجي پار ڏي، اوهو ڪونجڙيا،
اوهو ڪونجڙيا.

ڏڻ ڏنارن ڇوڙيا هوندا،
وڃڙو مارو منهنجي پار ڏي، اوهو ڪونجڙيا،
اوهو ڪونجڙيا.

جڙيا هوندا منهنجا شالڙا جهانگي،
وڃڙو مارو منهنجي پار ڏي، اوهو ڪونجڙيا،
اوهو ڪونجڙيا.

مالڙا ڪاهيو، سانگ تي ويئڙا،
وڃڙو مارو منهنجي پارڏي اوهو ڪونجڙيا،
اوهو ڪونجڙيا.

هوندا "سانگي" سڪ ۾ سارا،
وڃڙو مارو منهنجي پار ڏي، اوهو ڪونجڙيا،
اوهو ڪونجڙيا.

مارئي جڏهن قيد ۾ عمر جي ڪوٽ ۾ بند هئي تہ مٺان ڪونجن جو ٽولو لنگهيو پوء انهن ڪونجن کي مارن ڏي پيغام ٽي ڏي جڏهن ڪونج ولر کان وڇڙندي آهي ۽ ڪرڪندي آهي ايئن مارئي ۽ پنهنجي ولر کان وڇڙيل آهي.

"ڪُجُو پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ڇوري

ٽر جي ڇوري، جھورن جھوري،
مارن لاءِ ٽي سڪي سڪي،
سانگن لاءِ ٽي سڪي سڪي،
ٽر جي ڇوري، جھورن جھوري.
جھورن جھوري.

ٽر جي ٽريلي ٽرجي گوري،
مارن جي آھي جنھن کي لوري،
ٽر جي ڇوري، جھورن جھوري.
جھورن جھوري.

لونگ ڦُٽا ٽس جاتي لاٽيون،
پيرون پٽن ٽيون سرتيون سياٽيون،
ٽر جي ڇوري، جھورن جھوري.
جھورن جھوري.

ولرن واري ھيءَ ويڳاڻي،
وڇڙي آھي ڪونھ ڪوماڻي،
ٽر جي ڇوري، جھورن جھوري.
جھورن جھوري.

ٽر تي وسن ٽا امير اباڻا،
"سانگي" سڀاجھا سانگي سياڻا،
ٽر جي ڇوري، جھورن جھوري.
جھورن جھوري.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ٹوهرن تان ٹڑندي اچان،
ٹو هن تان ٹپندي اچان،
وڃي مارو ڏسان مان ملير ۾،
سهڻا سانگي پسان مان ملير ۾.

پيرون ڏوٽي پريان پاندڙا،
خاص چڑهي ڪبڙن ، الا،
وڃي مارو ڏسان.

پُرٽ پٽن تي آهن ڦٽي پيا،
مينهن متان ٽا وسن الا،
وڃي مارو ڏسان.

بُوهَ ۽ ڏُوهه پٽن تي،
مال مارو چوڙن، الا،
وڃي مارو ڏسان.

ڦوڳ لاڻيون ۽ لوڻڪيون،
اُڏن ڪي چارن، الا،
وڃي مارو ڏسان.

"سانگي" ڏسان وڃي سپرين،
آس رکي آ اکين الا،
وڃي مارو ڏسان.

☆☆☆

"گجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ملير

مارو وسن ٽا مليرمنهنجا مارو وسن ٽاملير،
آئون اديون ڪيڏياڻي آهيان،
آئون اديون سانگياڻي آهيان،
مارو وسن ٽا مليرِ.

سڪ سانگڻ جي سمهڻ نٿي ڏئي،
ڪائڻ پيئڻ ۽ ويهڻ نٿي ڏئي،
مارو وسن ٽا مليرِ،
مارو وسن ٽا مليرِ.

مارو ملائيندم پاڻين مونکي،
مولا پچائيندم ماڻين مونکي،
مارو وسن ٽا مليرِ،
مارو وسن ٽا مليرِ.

پنهنجي پرين سان پيار پچائيندس،
پنهنجي مارن سان نينهن نپائيندس،
مارو وسن ٽا مليرِ،
مارو وسن ٽا مليرِ.

"سانگي" سدورا ڏينهن ڪي ايندا،
لهي هي ڏک غم سارا ويندا،
مارو وسن ٽا مليرِ،
مارو وسن ٽا مليرِ.

☆☆☆

" ڪنڊ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

هڏڪي

هڏڪيءَ تي هڏڪي هڏڪي لڳي آهي،
سانگن سنياريو، مونکي مارن سنياريو،
هڏڪيءَ تي هڏڪي.

گيڙو ڳچ مونکي هڏڪي اچي وئي،
سانگن سنياريو، مونکي مارن سنياريو،
هڏڪيءَ تي هڏڪي.

پاڻي پريم مونکي هڏڪي اچي وئي،
سانگن سنياريو، مونکي مارن سنياريو،
هڏڪيءَ تي هڏڪي.

ٽانوَ مليم مونکي هڏڪي اچي وئي،
سانگن سنياريو، مونکي مارن سنياريو،
هڏڪيءَ تي هڏڪي.

واڻون ڏڻم مونکي هڏڪي اچي وئي،
سانگن سنياريو، مونکي مارن سنياريو،
هڏڪيءَ تي هڏڪي.

☆☆☆

جيئن ڪانگ لوي ۽ مهمان اچي، اهڙي طرح ڪوئي پرين پيارو سنيارينڊو آهي تہ هڏڪي برابر ٽيندي آهي، پلي ڪيڏو بہ پري هجي، پر انجي سنيار، ان تائين پهچي سگهي ٿي.

" ڪَجر پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

بابل

ڏک ڏنئون مونکي ڏاڃ ۾،
سور ڏنئون مونکي سيڃ ۾.
مونکي بابل ڏنو، پرڀائي اديون،
مونکي آيل ڏنو، پرڀائي اديون.

ڏارين ۾ سنگ آ ڪيو،
ڏارين جا سَوَ سور ٿَوَ... مونکي بابل ڏنو.

ڪانگ خبر ڪڍ ڪا ڪهي،
جئري ئي هيءَ مئي اٿَوَ...مونکي بابل ڏنو.

منهنجي پائرن کي وڃي ڪو چوي،
پيٽ ڏکي ڏاڍي اَٿو... مونکي بابل ڏنو.

اوٿي ادا ڇڄجاڻ وڃي،
نياڻي ڏکي ڏاڍي اٿو... مونکي بابل ڏنو.

"سانگي" ادا ڇڄجاڻ وڃي،
وڃيءَ جي واهَ ڪئي اَٿَوَ... مونکي بابا ڏنو.

☆☆☆

اسانجي سنڌ ڏرتيءَ تي رسمون، ريتون ، اوڏا رواج، اڃان بہ هلندا اچن، نياڻيون، پنهنجي ڏوهن جي عيوضي ۾ دشمن جي گهر ۾ پرڀائي ڏين ٿا ، پوءِ اُهي نياڻيون ويچاريون ڏاڍيون ڏکيون ٿيون رهن، وڏو عذاب ٿيون ڪٽن، گهٽي قدر اُهي مهڻ ۾ ماريون وڃن، جن جي ڪو دانهن بہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي.

"ڳڄڻ پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

اونهي

اداڙي اوڻي، اتي بيهه اتي،
منهنجي بابل جا، هٿڙا چمي،
منهنجي جيجل جاپيرڙا چمي،
منهنجو نياپو ڏجانءِ.
منهنجو نياپو ڏجانءِ.

موڪل منهنجي بند ٽي اَٽوَ،
منهنجي اٽو ڪا خبر لڏو،
منهنجو نياپو ڏجانءِ.

مونکان نڌا وسري سگهو،
مونکي وساري آ چڏيو،
منهنجو نياپو ڏجانءِ.

چئجانءِ منهنجا سور سمورا،
ظلم پريا مذڪور سمورا،
منهنجو نياپو ڏجانءِ.

نياڻين کي نه وسارجي،
سنگ "سانگي" ڏئي سارجي،
منهنجو نياپو ڏجانءِ.

☆☆☆

اوڻي، انکي چئبو آهي، جيڪو اُٺ يا ڏاچيءَ جو سُوار هجي، راهه مسافر، ڪنهن منزل تي ويندڙ هجي، اڳوٽا ماڻهو اوڻن کي پنهنجا پيغام ڏيندا هئا.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

چيليون

عمر ڏي موڪل ڏي مونکي، آئون مليرِ وڃان،
چيليون وجي چوڙيان.....الا،
ٻکريون وجي چاريان.....الا.

پاڻي پرڻ آياس الا، آئين ڪٽي مونکي ڪوهه تان،
چيليون وجي چوڙيان.....الا،
ٻکريون وجي چاريان.....الا.

مهڻن ۾ مارو مُنا، وينا آهن مونکا رُنا،
چيليون وجي چوڙيان.....الا،
ٻکريون وجي چاريان.....الا.

مينهنَ وَٽا ٿم بَرَ تي، منهنجي اباڻي ٿَرَ تي،
چيليون وجي چوڙيان.....الا،
ٻکريون وجي چاريان.....الا.

گاهه ڦٽا ٿم لوٽکيون، لونگ لَلَر لاٽيون گهٽيون،
چيليون وجي چوڙيان.....الا،
ٻکريون وجي چاريان.....الا.

☆☆☆

جڏهن ٿَرَ تي ڪڪر وسڻ لڳن، ڪڇڪوڙيون، مارئيءَ جي ڪنن ٻڌيون ته وس ڪان ٻي وس ٿي عمر ڪان موڪل گهرڻ لڳي، ته وڃي چيلڙيون چوڙيان، ٿَرَ تي گاهه ڦٽا هوندا، وڃي ٻکريون چاريان.

" ڪڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چارڻ

چارڻ جَنگَ نہ چور، آلاتون، چارڻ جَنگَ نہ چور،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي.

واتھڙو ڪو ويندي ويندي، هال وڃائي وينو،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي.

چارڻ تنھنجي جَنگَ ساري، باھہ بدن تي ٻاري،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي.

ٻيجل ڪائي ٻاجھہ نہ ٿي سوري سِر ويو،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي.

"سانگي" سڪائج ڪين ڪي، ڪر ساجن ڪو سعيو.
چاڪ چڪائج ڪين ڪي،
چاڪ چڪائج ڪين ڪي. ☆☆☆

جھونا ڳڙ جو راڄ ڏٺي، سُرَ ساز جو ساٿوڙي، ساز سنڊس ڪمزوري ھو، ٻيجل پنھنجي زال جو چوڻ نہ موڙائيندي، پنھنجو ساز ڪٽي، راءِ ڏياچ جي دربار ۾ اچي اھڙا ٽہ سُر چيڙيا جو بادشاھہ بي اختيار ٿي چارڻ کي چيو اي منگتا اي چارڻ جيڪو منگڻو آھي منگَ، چارڻ چيو آٿون عام منگڻو ڪونھان، جيڪو اڄ منگندس سو ڏيندؤ ڪونہ، بادشاھي عھد ٿيو، ٻيجل، راءِ ڏياچ جو سِر ڳھريو، راءِ ڏياچ گھُرَ مڃي ورتي ۽ راڻي سورٺ راڻيون ڪري چارڻ جي پيرن تي ڪري پيني اي منگڻا ايڏو ظلم نہ ڪر، ليڪن منگڻي ڪونہ مڃيو جھونا ڳڙ جي راڄ ڏٺي، راءِ ڏياچ بادشاھي قول مطابق واعدو پورو ڪندي، ھڪدم پنھنجي ڪنڌ تي ڪات وھائي ڪنڌ ڪپي، منگڻي اڳيان اڇليو.
ڏنو راءِ ڏياچ ھي؛ سِرُ صاحب تان صدقي. (شاھ صاحب)

" ڪنڀو پاڻي ڳچ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

بينسريا

سڻ بينسريا، سڻ بينسريا، او سانولڙي سگھڙي آ،
تيڪون لڳي دعا ميڏي تيڪون لڳي دعا،
او سانولڙي سگھڙي آ.
اسان منجھيان چرينڊے مست تيڏے،
اسان گھوليا سر نون بدست تيڏے،
تيڪون لڳي دعا ميڏي تيڪون لڳي دعا،
او سانولڙي سگھڙي آ.
اسان منجھيان چرينڊے، فقير تيڏے،
اسان عاشق ھون، تقدير تيڏے،
تيڪون لڳي دعا ميڏي تيڪون لڳي دعا،
او سانولڙي سگھڙي آ.
اسان منجھيان چرينڊے منجھلے والے،
اسان درد ونڊے بھولے بھالے،
تيڪون لڳي دعا ميڏي تيڪون لڳي دعا،
او سانولڙي سگھڙي آ.
اسان منجھيان چرينڊے ماھي تيڏے،
اسان راھه تي ھيڻے راھي تيڏے،
تيڪون لڳي دعا ميڏي تيڪون لڳي دعا،
او سانولڙي سگھڙي آ.
اسان منجھيان چرينڊے راھل تيڏے،
"سانگي" سر نه وانجون، سائل تيڏے،
تيڪون لڳي دعا ميڏي تيڪون لڳي دعا،
او سانولڙي سگھڙي آ.

☆☆☆

جڏھن سرائڪي فنڪار خاص ڪر سرائڪي "لوڪ گيت" نون ڳائيندے ھِن سڄ پچو تہ لون ڪنڊربندي وبندي ھے.

" ڪَجَر پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ليلان

ليلان وو ليلان منهنجي ليلان،
منهنجي پياري پياري ليلان،
پاڻ واري ليلان، او پاڻ واري ليلان،
منهنجي پياري پياري ليلان.

صبح سويرو اُٺندي آهي،
سونهن سنواري رکندي آهي،
ليلان وو ليلان.

صبح سويرو اُٺندي آهي،
سونهن سينگاري رکندي آهي،
ليلان وو ليلان.

صبح سويرو اُٺندي آهي،
من کي موهي رکندي آهي،
ليلان وو ليلان.

صبح سويرو اُٺندي آهي،
جيءَ کي جهوري، رکندي آهي،
ليلان وو ليلان.

صبح سويرو اُٺندي آهي،
من سرڪائي رکندي آهي،
ليلان وو ليلان.

صبح سويرو اُٺندي آهي،
سونهن سجائي رکندي آهي،
ليلان وو ليلان.

☆☆☆

"گُجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ليلڑيا

ليلڑيالا، هو هو، ليلڑيا لا،
ليڑا لڏيندیس، آريءَ جا وڃي،
اُٺ چاريندس، آريءَ جا وڃي،
پنهون ڇڏيندیس ڪين ڪي الا،
ليلڑيالا، هو هو، ليلڑيا لا،

جتن سان ٿم جيءُ جڑيولا،
من منهنجو ٿم ڪونہ مڑيو لا،
ليلڑيالا، هو هو، ليلڑيا لا،

ڳنڍجي ويون ٿم ڳنڍڑيون منهنجون،
لکي لڏيون ٿم لائون منهنجون،
ليلڑيالا، هو هو، ليلڑيا لا،

منهنجون ڀروچ سان ڳالهڑيون آهن،
لڳيون لائن جون لالڑيون آهن،
ليلڑيالا، هو هو، ليلڑيا لا،

گهوريو منهنجو سر عشق تان آهي،
ويندیس ويندیس ويندیس ڪاهي،
ليلڑيالا، هو هو، ليلڑيا لا.

ور پنهنجو ڪيئن ويهي وڃايان،
"سانگي" سچو پنهنجو نينهن نپايان،
ليلڑيالا، هو هو، ليلڑيا لا،

☆☆☆

ليڑو، چانگو، ڪرهو انن جا نالا آهن. ليڑا لڏيندیس، اُٺ پلائي، اُٺ سجائيندیس، اُٺ تي ڪجاڻو رکي اُٺ کي تيار ڪرڻ چئبو آهي.

"ڪُنجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

سدا وسن ٹر ۾، سدا وسن سنڌ ۾،
ويڑهيچن جا واڙا،
اديون اوڙا پاڙا.

وسن مينهڑا شل سدائين پيا ٹر تي،
ويڑهيچن جا واڙا،
اديون اوڙا پاڙا.

ڦٽن گاهه گلڙا سدا منهنجي ٹر تي،
ويڑهيچن جا واڙا،
اديون اوڙا پاڙا.

ڪُلر لونگ لاٽيون ڦٽن ٽوهه ٹر تي،
ويڑهيچن جا واڙا،
اديون اوڙا پاڙا.

ڇڙن چيليون ٻڪريون چرن روز ٹر تي،
ويڑهيچن جا واڙا،
اديون اوڙا پاڙا.

سڪيا "سانگي" منهنجا هوندا شال ٹر تي،
ويڑهيچن جا واڙا،
اديون اوڙا پاڙا.

☆☆☆

ٹَر تي جڏهن مينهن نٿو وسي، پوءِ اٽ ڏهه ٹري ماٹهو گڏجي جهولي ناهي ڪَر ۽ وڃي خير وٺندا آهن. ڪافي ان گڏ ڪري خيرات ڪندا آهن صدقي ۾ هڪ ڏور ٻ ڪهندا آهن.

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڪيڪ

رندن مان رلندي وڃان،
ويدن کان پڇندي وڃان،
لکن مان لڇندي وڃان،
منهنجو ڪيڇي ويو ٽم ڪيڇ ڏي.

اڻ واقف اڻ جاڻ آئون،
محبت جا ڪنيون ماڻ آئون،
رندن مان رلندي وڃان.

ڳيڙو پني وڃي ڪائيندیس،
طعام نڪي طلبيندیس،
رندن مان رلندي وڃان.

وڳ وارينڊس آئون وڃي،
اُٺ چارينڊس آئون وڃي،
رندن مان رلندي وڃان.

لکي نه سگهيس آئون لک ۾،
پڌري ٽي پيس عشق ۾،
رندن مان رلندي وڃان.

☆☆☆

سسئي جو پنهل ور پنهنجا پائر وٺي ويا پنهنجي پنهل لاءِ سسئي وٽڪار مان پني وٺي ستائيندي سڏ ڪندي، ڳيڙو پني ڪائيندیس الائي ڇاڇا چوندي رندن ۾ رلي ٿئي، مگر ڪيڇن کي ڪونہ پڳي.

"ڳڙو پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

سهٹي

سهٹي اٽئي، وچ سير ۾،
چا هو لکيل، تقدير ۾،
منهنجا ميهر ميهر، سگهو موت ڪر.
منهنجا ساهڙ ساهڙ، سگهو موت ڪر.

آهيان واڳڻ جي مان وات ۾،
٢٩هين، اونداهيءَ اڌ رات ۾،
سهٹي اٽئي، وچ سير ۾.

چڪن وچ ۾ پئي چلان آئون،
توسان ميهر ڪيئن مان ملان آئون،
سهٹي اٽئي، وچ سير ۾.

لوڙهن مان لڙهندي وڃان،
واهر لاءِ ڏسندي وڃان،
سهٹي اٽئي، وچ سير ۾.

"سانگي" ساهڙ کي ٽي سڏي،
واهَه نه ڪا هوءَ ٽي ٻڌي،
سهٹي اٽئي، وچ سير ۾.

☆☆☆

سهٹي جڏهن سير ۾ ڪچي گهڙي جي پرڻ تي ٻڌي پئي تہ پنهنجي ميهر پنهنجي پيار کي وڏي واکي سڏيندي رهي، سهٹيءَ جا سڏڙا ٻڌي، ميهر ٻہ درياءَ ۾ گهري پيو، ۽ اڄي پنهنجي سهٹيءَ سان مليو، ۽ ٻئي عاشق معشوق پيار ڪرڻ وارا درياهہ ۾ ٻڌي لڙهي ويا.

"گجر پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

داب متي دڌڪا ٻُڌي،
چولين جا چڇڪا ٻُڌي،
واهر ٽيءَ واڪا ٻُڌي،
هيءَ سهٹي ائئي وچ سير ۾.....

پيلو پري پورا ٽيو،
ڪچو گهڙو هو ڪنهن رکيو،
هيءَ سهٹي ائئي وچ سير ۾.....

ريهون ڪندي رڙندي وڃان،
چولين مان ڇلندي وڃان،
هيءَ سهٹي ائئي وچ سير ۾.....

سس مونسان وس هو ڪيو،
عشق منهنجو ناهي مڙيو،
هيءَ سهٹي ائئي وچ سير ۾.....

ساهڙ کي "سانگي" سڏيان،
ميهر سان ڪيئن مان ملان،
هيءَ سهٹي ائئي وچ سير ۾.....
☆☆☆

"ڪُجهه پائي ڪجه" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ميهار

ماهي ميهار ميڏا، ماهي ميهار وے،
پار درياهون ٻيڙا،
منجهيان نون چاڙے.

اڏي آڏي رات دا، گهڙا چائي ويندي هان،
ڏيکو دنيا والو مين پيار نٻيندي هان،
پار درياهون ٻيڙا،
منجهيان نون چاڙے.

سچي هان سهڻي تيڏي، سچار هے پيار ميڏا،
پار درياهون سهڻا، جيوے ميهار ميڏا،
پار درياهون ٻيڙا،
منجهيان نون چاڙے.

پيار سچي نون کوئي روڪ نهين سگهدا،
پيار سچڻ دا کوئي موڪ نهين سگهدا،
پيار درياهون ٻيڙا،
منجهيان نون چاڙے.

"سانگي" سچائي ڪنهندي لُڪڻ دي ڪونهي،
عشق هے مشق سچا چپڻ دا ڪونهي،
پار درياهون ٻيڙا،
منجهيان نون چاڙے.

☆☆☆

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

مومل

مومل ماڑيون ويني ساڙي، راڻا تنهنجي لاري،
راڻا تنهنجي لاري،
ويني دگ نهاري.

اهي محل ماڑيون، وڻن کين مومل،
گهڙي کانه گهاري،
ويني دگ نهاري.

تنهنجي کان بنايا، جنهن باغ بنگلا،
ڏٺي ٻن ٽي ٻاري،
ويني دگ نهاري.

جهلي گل هٿن ۾ نه خوشبوءِ سنگهي ٽي،
چڏيئين عطر هاري،
ويني دگ نهاري.

سکي ساهه "سانگي"، سويل جي سک ۾،
اندر پنهنجو ڳاري،
ويني دگ نهاري.

☆☆☆

" گجر پاني گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

راڻو

جھڙي سھڻي مومل، تھڙو راڻو، الا راڻو،
راڻو ڙي الا...
منھنجو جئي سدا جئي راڻو.

مومل ماڻين ايندو راڻو، الا راڻو،
راڻو ڙي الا...
منھنجو جئي سدا جئي راڻو.

مومل وڻي ايندو راڻو، الا راڻو،
راڻو ڙي الا...
منھنجو جئي سدا جئي راڻو.

مومل کسي ايندو راڻو، الا راڻو،
راڻو ڙي الا...
منھنجو جئي سدا جئي راڻو.

مومل لاھي ايندو راڻو، الا راڻو،
راڻو ڙي الا...
منھنجو جئي سدا جئي راڻو.

مومل ٺاھي ايندو راڻو، الا راڻو،
راڻو ڙي الا...
منھنجو جئي سدا جئي راڻو.

☆☆☆

مومل راڻو کي ٻ گھوٽ ڪنوار جو مثال ڏيئي ڳايو ويندو آھي، پراڻين قصن کي ٻ ڳيچن ۾ آندو ويو آھي.

" گنجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

راٹا

ساهه سيباڻا، منهنجا راٹا، ويڻين ڇو وساري،
ويڻين ڇو وساري،
مومل کي ما ري.

آڪڙين جا ڳوڙها، ڪپي نيٺ ويندا،
هيڏا نير هاري،
ويڻين ڇو وساري.

سڪندي سڙيءَ کي، لنگهي سال ويڙا،
ڏيئا پئي ٽي ٻاري،
ويڻين ڇو وساري.

اندر ڦٽ ڦلوٽا، ڪنهنکي ڏيکاري،
ڪٽيو اندر آري،
ويڻين ڇو وساري.

نکي نند نيڻن، نکي چين دل کي،
ڇڏيو عشق ٻاري،
ويڻين ڇو وساري.

اداسڻ علي گُلَ، رڙي پئي ٽي روئي،
سڃڻ توکي ساري،
ويڻين ڇو وساري.

☆☆☆

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

راڻا

سمجھہ ڪيو سياڻا، راڻا رات رهي وڃ،
راڻا رات رهي وڃ،
رات رهي وڃ.

رات کي ڏينهن ڪري آڻون ويٺيس،
گهاريان ٿي گهاڻا،
راڻا رات رهي وڃ.

سور اوهانجي سويل ڪيڙا،
سنڌ سنڌ ساڻا،
راڻا رهي وڃ.

شام و صبح آڻون ويني ساريان،
آءٌ پرين پاڻا،
راڻا رات رهي وڃ.

ڏي تون ڇڏي ڪٽي سويل هاڻي،
مومل سان ماڻا،
راڻا رات رهي وڃ.

ويو آن ڪري سڃيون محل هي ماڙيون،
پينگ ڪري پاڻا،
راڻا رات رهي وڃ.

سڪ سمهڻ ڏي مور نہ سانگي،
درد ڪيو ڏاڻا،
راڻا رات رهي وڃ.

☆☆☆

" گنجر پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

رانجهن

رانجهن رانجهن، دلڙي ٻولي، رانجهن سائين، رانجهن سائين،
توکي ڏسان مان،
دل ڪي کولي.

پيار اسانجو پاڻ اسانجو، رانجهن سائين، رانجهن سائين،
توکي ڏسان مان،
دل ڪي کولي.

دل ديواني دلبر تو لاءِ، رانجهن سائين، رانجهن سائين،
توکي ڏسان مان،
دل ڪي کولي.

ناز نهوڑيو تنهنجي مونکي، رانجهن سائين، رانجهن سائين،
توکي ڏسان مان،
دل ڪي کولي.

ڪونه ڇڏيندس در تنهنجي ڪي، رانجهن سائين، رانجهن سائين،
توکي ڏسان مان،
دل ڪي کولي.

علي گُلَ، "سانگي" تنهنجو آهي، رانجهن سائين، رانجهن سائين،
توکي ڏسان مان،
دل ڪي کولي.

☆☆☆

صوفي فقيرن رانجهن پنهنجي محبوب کي سڏيو آهي، پنهنجي محبوب کي رانجهن ۽ لکايو اٿن، آهي سمجهڻ ڳالهه پري جيڏيون، آهي سمجهن ڳالهه پري.

" ڪَجَ پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گولا

گولا باغن ۾ ٿو ٻاري، ليلا جي لاري،
گولا باغن ۾ ٿو ٻاري، ليلا جي لاري،
ليلان جي لاري،
ڪيا وس ويچاري.

وڃي وات واڃهون، وينو ٿو نهاري،
پنهنجي پيار خاطر، هنجون روز هاري،
وينو دگ ٻهاري،
ليلا جي لاري.

اکڙيون ڏسن ٿيون، اڃا هوءَ اچي ٿي،
پائي نڪ ۾ بولو، نڇندي اچي ٿي،
وڏي دل ٿو ڏاري،
ليلا جي لاري.

الله ۾ اميدون علي گُلَ رکيون ٿس،
لاهه دل نه سانگي، دلڙيءَ ڇيوٿس،
وينو دل ڏتاري،
ليلا جي لاري.

☆☆☆

منظور سخيراڻي اڄ ڪلهه سنڌ جو سهڻو سچو فنڪار آهي، هي ڪلام ذوالحج واري عيد جي ڪيسيٽ ۾ منظور ڳايو آهي، جيڪا پروڊڪشن طرفان، سومر ١٣ اپريل ١٩٩٨ع، ١٥ ذوالحج ١٤١٨هـ.

" ڪَجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سهٹا

منهنجي اکڻ تي آءُ سهٹا، تو لاءِ نيڻ وڇايان مان،
سهٹيون پٽڑيون گلابن جون،
مٽان تنهنجي چٽايان مان.

سون جي ملهه ۾ توريان توکي توتان، زيور گهوريان،
ٻئي ٻانهون سيراندیون ڏئي،
توکي ننڊڙي ڪرايان مان.

اُها جاءِ نه لهان جاني جاتي، توکي ويهاريان،
اکڙين ۾ پرين پيهي،
پنبڻن سان لکايان مان.

تو لاءِ سيج سجايان مان سهٹي خوشبوءِ ڪندايان،
گلڙن جون ڪنڊيون پوئي،
توکي ڏيا پارايان مان.

ايندين اکڻ علي گُلَ جي تي، دشمن پچندا،
ڏسي سڃڻ توکي نچندا،
چونہ خوشيون ملهايان مان.

☆☆☆

منظور سخيراڻي هن ڪلام کي گهٹو سنو ڳايو آهي، جيڪو F.M لاڙڪاڻو تان تمام گهٹو مشهور ٿيو آهي. "ڪنجر پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

حياتي

هجئي شل حياتي، منهنجي اها دعا ٿي،
جڙيو هوندين جاني،
ماڻيندين جواني.

جڙيو هوندين جاني، پنهنجي جوءِ جگ ۾،
جڙيو هوندين جاني،
ماڻيندين جواني.

جڙيو هوندين جاني، پنهنجي ولر وگ سان،
جڙيو هوندين جاني،
ماڻيندين جواني.

جڙيو هوندين جاني، پنهنجي پاڻ ماڳ سان،
جڙيو هوندين جاني،
ماڻيندين جواني.

جڙيو هوندين جاني، ٿيندئي، رب جي احساني،
جڙيو هوندين جاني،
ماڻيندين جواني.

جڙيو هوندين جاني، هوندين الله جي امان ۾،
جڙيو هوندين جاني،
ماڻيندين جواني.

جڙيو هوندين جاني، "سانگي" سهٽي سنڌ ۾،
جڙيو هوندين جاني،
ماڻيندين جواني.

☆☆☆

" گجر پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جاني

هوندين شل تون جاني، الله جي اَمان ۾،
الله جي اَمان ۾،
پنجتن جي چانو ۾.

اڄ يا نه اڄ پر، هوندين خير سان شل،
الله جي امان ۾،
پنجتن جي چانو ۾.

ڏکيو ڏينهن نه ڏسندين، سکيو ڪندئي سائين،
الله جي امان ۾،
پنجتن جي چانو ۾.

دشمن ٿي دور ويندئي، سڃڻ هوئي سامهون،
الله جي اَمان ۾،
پنجتن جي چانو ۾.

جاڏي پير پائي ويندي، ايندين سوپ ماڻي،
الله جي امان ۾،
پنجتن جي چانو ۾.

دنيا جون خوشيون مان توکي ڏيان توري،
الله جي امان ۾،
پنجتن جي چانو ۾.

علي گل جون دعائون، هوندیون ساڻ توسان،
الله جي امان ۾،
پنجتن جي چانو ۾.

☆☆☆

"ڪُنڊ پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جانيئڙا

پائي وچ جهاتي، ماڻين تون حياتي، جيئين منهنجا جانيئڙا،
لاهيو اچي ڏکڙا منهنجا،
پائي وچ جهاتي.

درد منهنجي جو آ دارون توکي،
درد منهنجي جو آ دارون توکي،
توسان دل لاتي،
پائي وچ جهاتي.

دانهون ٻڌي منهنجي دل جون دلبر،
دانهون ٻڌي منهنجي دل جون دلبر،
لايو ڪٽي چاتي،
پائي وچ جهاتي.

علي گل سانگي، سدائين،
علي گل سانگي، سدائين،
خادم آ خاطي،
پائي وچ جهاتي.

☆☆☆

هي گيت غلام شبير سمون ڳايو آهي، غلام شبير سمون استاد گلزار علي خان جو شاگرد آهي سنڌ سرڀلو ڳائي ٿو، سندس گهر رتوديرو ۾ آهي.

" ڪنڊو پائي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پوپٽ

پوپٽ ڙي پوپٽ ڙي پوپٽ پٽ جھڙا،
اُڏر اُڏر جھومي،
اُڏر اُڏر جھومي.

پوپٽ پٽ جھڙا، رنگ تنھنجو گاڙھو،
اُڏر اُڏر جھومي،
اُڏر اُڏر جھومي.

پوپٽ پٽ جھڙا، رنگ تنھنجو سائو،
اُڏر اُڏر جھومي،
اُڏر اُڏر جھومي.

پوپٽ پٽ جھڙا، رنگ تنھنجو نيرو،
اُڏر اُڏر جھومي،
اُڏر اُڏر جھومي.

پوپٽ پٽ جھڙا، رنگ تنھنجو پيلو،
اُڏر اُڏر جھومي،
اُڏر اُڏر جھومي.

پوپٽ پٽ جھڙا، رنگ سون جھڙو،
اُڏر اُڏر جھومي،
اُڏر اُڏر جھومي.

☆☆☆

پوپٽ پھراڙيءَ جي ماڻھن سپين ڏئو ھوندو، پوپٽ بہ "پينٽور" جي مثل آھي گھٽي قدر پوپٽ بہ گلڙن تي وينل نظر ايندو آھي، ٽورڙي اڏام ڪري وري ويھڻ جي ڪوشش ڪندو آھي پوپٽ جا رنگ گھٽا آھن، پوپٽ کي چٽ بہ ٿين ٿا.

" ڪڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

پونئرا

چيٽ ڦٽو چوڏار الا، خوب ٽڙيا گلڙا،
واسَ وڻڻ آيا الا،
پون پون ڪندا پونئرا.

چيٽ ڦٽَ چوڏار الا، رابيل ڪسن روحڙا،
واسَ وڻڻ آيا الا،
پون پون ڪندا پونئرا.

چيٽ ڦُٽو چوڏار الا، رات جي راڻي آ،
واسَ وڻڻ آيا الا،
پون پون ڪندا پونئرا.

چيٽ ڦٽو چوڏار الا، گيندي گُلَ ڪيا،
واسَ وڻڻ آيا الا،
پون پون ڪندا پونئرا.

چيٽ ڦٽو چوڏار الا، گُلَ گُلابن جا،
واسَ وڻڻ آيا الا،
پون پون ڪندا پونئرا.

چيٽ ڦٽو چوڏار الا، سرنهن ڦول ڦٽا،
واسَ وڻڻ آيا الا،
پون پون ڪندا پونئرا.

☆☆☆

پونئرُ هر گل جو عاشق هوندو آهي، گلڙن تي ڪٽان نہ ڪٽا پونئرو ڪهي ايندو آهي، واس وٺي پنهنجو پيار پورو ڪري وينڊو آهي.

"ڪَجَر پاڻي ڪج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

پنپوري

پنپوري پاڳ پري، آءُ اڏامي مونڊي،
توکي هٿڙن سان مان وڃان،
مان توسان پيار ڪيان.

لال ڪنوار آءُ لهي، توکي هٿڙن سان مان وڃان،
توکي هٿڙن سان مان وڃان،
مان توسان پيار ڪيان.

پيلي ۽ نيلي، توکي هٿڙن سان مان وڃان،
توکي هٿڙن سان مان وڃان،
مان توسان پيار ڪيان.

پرڙا تنهنجا نازڪ آهن، توکي هٿڙن سان مان وڃان،
توکي هٿڙن سان مان وڃان،
مان توسان پيار ڪيان.

پيار وڏي سان پياري، توکي هٿڙن سان مان وڃان،
توکي هٿڙن سان مان وڃان،
مان توسان پيار ڪيان.

☆☆☆

پنپوري گهٽي پاڳي اونهاري جو ظاهر ٿيندي آهي، ۽ مڇرن کي کائيندي آهي، پنپورين ۾ گهٽا رنگ ٿين ٿا. پنپورن ۾ لعل ڪنوار به ٿئي ٿي ۽ حجم به ٿيندو آهي جيڪو رنگ جو ڪارو ٿئي ٿو جيڪو سپني پنپورن ۾ وڏو ٿيندو آهي.

" گنجو پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ٽانڊاڻو

واهه اڄين ٽو ٽانڊاڻا، او ٽانڊاڻا او ٽانڊاڻا،
ٽمڪي ٽمڪي،
ٽمڪي ٽمڪي.

راتيون ساريون رڻ ۾ تنهنجون،رڻ ۾ تنهنجون،
رڻ جا راهي ٽانڊاڻا،
ٽمڪي ٽمڪي.

واهه وڄين ٽو ٽانڊاڻا، ورتيون تون واهو،
واهه وڻين ٽو ٽانڊاڻا،
ٽمڪي ٽمڪي.

تنهنجي وڻڻ لاءِ تنهنجي پويان، ٻارڙا ٽي،
ساهه سڏين ٽو ٽانڊاڻا،
ٽمڪي ٽمڪي.

تون ٽمڪين ٽين روشن راهون روشن راهون،
راهه ڏسين ٽو ٽانڊاڻا،
ٽمڪي ٽمڪي.

☆☆☆

ٽانڊاڻو خاص ڪري گرميءَ جي موسم ۾ اونداهي رات ۾ وڏي نظاري سان مڻان اڏندو ۽ ڏيان کسيندو پنهنجي ڇڻ مان چمڪار ڏيندو، گهمندو رهندو آهي.

" ڪڄر پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

هوڙو

هوڙو، ڙي الا منهنجو هوڙو ڙي،
جاني منهنجو هوڙو ڙي،
جواني ماڻي هوڙي ڙي.

پوک پچائي پيار جي آهي پيار جي آهي،
جاني منهنجو هوڙو ڙي،
جواني ماڻي هوڙي ڙي.

سنگ لٽئون لابارا لاهي، پيار وڌائي،
جاني منهنجو هوڙو ڙي،
جواني ماڻي هوڙي ڙي.

سک آيا وري ماڳين موڻي، ماڳين موڻي،
جاني منهنجو هوڙو ڙي،
جواني ماڻي هوڙي ڙي.

"سانگي"سکيا ٽيا مارو موچارا ڏايا پيارا.
جاني منهنجو هوڙو ڙي،
جواني ماڻي هوڙي ڙي.

☆☆☆

هوڙو ڙي، هاري ناري ڳائيندا آهن جڏهن ڪٽڪ لاپاري تي ايندي آهي پوءِ گڏجي هوڙو ڙي ۽ ڳائيندا آهن ۽ لاب ۽ ڪندا آهن.

" ڪڇ پائي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

اِندو

اِندو اِندو ڏي آهي توسان اِندو ڏي،
پجو پجوڙي،
پجو پجو.

متان پڄي ڪنهنکي پاسو هٽي ڏي، پاسو هٽي،
پجو پجوڙي،
پجو پجو.

متان ڏُکي ڪنهنکي آڏُر لڳائي آڏُر لڳائي،
پجو پجوڙي،
پجو پجو.

متان لڪي ڪنهنکي جهاڙو هٽي ڏي جهاڙو هٽي،
پجو پجوڙي،
پجو پجو.

متان سندس ڪو وجهه ۾ اڇي ڏي، وجهه ۾ اڇي.
پجو پجوڙي،
پجو پجو.

☆☆☆

هڪ جيڏا پاڻ ۾ ڪيڏان آهن، ڪيڏندي ڪنهنکي ڪا ڪرپٽي لڳي پوء انکان هڪ جيڏا نفرت ڪندا آهن ۽ ان کان پڇڻ جي ڪندا آهن متان ڪرپٽي وارو هٿ لڳائي وجهي.

" ڪنڊر پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چمڪو

چمڪو ڙي اديون، منهنجي ٻارڙي جو،
ڪوئي چورائي ويو ٻارڙي جو،
ڪوئي لڪائي ويو ٻارڙي جو.

چمڪو گهرايم قمبر شهر مان، چمڪو اديون،
ڪوئي چورائي ويو ٻارڙي جو،
ڪوئي لڪائي ويو ٻارڙي جو.

چمڪو گهرايم رتي شهر مان، چمڪو اديون،
ڪوئي چورائي ويو ٻارڙي جو،
ڪوئي لڪائي ويو ٻارڙي جو.

چمڪو گهرايم پکي شهر مان، چمڪو اديون،
ڪوئي چورائي ويو ٻارڙي جو،
ڪوئي لڪائي ويو ٻارڙي جو.

چمڪو گهرايم ڪجل پور مان، چمڪو اديون،
ڪوئي چورائي ويو ٻارڙي جو،
ڪوئي لڪائي ويو ٻارڙي جو.

چمڪو گهرايم لالو شهر مان، چمڪو اديون،
ڪوئي چورائي ويو ٻارڙي جو،
ڪوئي لڪائي ويو ٻارڙي جو.

چمڪو گهرايم وارهه شهر مان، چمڪو اديون،
ڪوئي چورائي ويو ٻارڙي جو،
ڪوئي لڪائي ويو ٻارڙي جو.

☆☆☆

چمڪو راندیڪو آهي، جيڪو ننڍڙي ٻارڙي کي ڪيڏن لاءِ ڏيو آهي، ننڍڙا ٻارڙا هڪ ٻئي جون چيزون چورائيندا آهن.

" گنجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

هنيوچي

هنيوچي هڻو بيهي هنيوچي هنيوچي،
جاني منهنجا هنيوچي،
پياراَ منهنجا هنيوچي.

ڏک ويا سڪ موڻي آيا، موڻي آيا،
جاني منهنجا هنيوچي،
پياراَ منهنجا هنيوچي.

ماڳ تي موجون خوب ملهايون خوب،
جاني منهنجا هنيوچي،
پياراَ منهنجا هنيوچي.

پوريون اميدون پَرور ڪيون آهن،
جاني منهنجا هنيوچي،
پياراَ منهنجا هنيوچي.

سانگي سڪار ٿيا سيڃ وڃايون سيڃ
جاني منهنجا هنيوچي،
پياراَ منهنجا هنيوچي.

☆☆☆

هنيوچي: ڪنهن به خوشيءَ جي موقعي تي ڳڏي هنيوچي هڻين وٻندي آهي.
هنيوچي ڪوهستان ۾ گهٽي هڻين وٻندي آهي.

" ڪنجر پاڻي ڳج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڊبڪي

پوليءَ وارا فقير، پوليءَ جو تون ناچ ڪراءِ،
ڊبڪي وڃاءِ،
ڊبڪي وڃاءِ.

پوليءَ کي تون فقير ڳليءَ ڳليءَ ۾ گھماءِ،
ڊبڪي وڃاءِ،
ڊبڪي وڃاءِ.

پوليءَ کي تون فقير، ٻن پيرن تي بيھار،
ڊبڪي وڃاءِ،
ڊبڪي وڃاءِ.

پوليءَ کي تون فقير، ٻارڙن سان ڪيڏاءِ،
ڊبڪي وڃاءِ،
ڊبڪي وڃاءِ.

پوليءَ کي تون فقير چير ٻڌاءِ ۽ نچاءِ،
ڊبڪي وڃاءِ،
ڊبڪي وڃاءِ.

☆☆☆

گھٽي قدر فقير پوليءَ کي چولو پارائي شيريون ٻڌي ڳوٺ ۾ نچاڻ لاءِ ڪاھي ايندا آھن جتي ٻارڙن ميلا مچي وڃن ۽ فقير به پنھنجو پيٽ پاليو وڃن. جنھن تي اھو پھاڪو ٺھيو. " ڪٽيو ڪائي فقير مار ڪائي پولي"

" ڪنجر پائي ڪڄ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

اڪ پوٽ

اڪ پوٽ ڪيڏئون اڇو اڪ پوٽ ڪيڏئون،
لڪي لڪي پوءِ،
ڪوڪ، ڪريون.

اڇو لڪئون هاڻي لوڙهي جي لڪ ۾،
لڪي لڪي ڏيئون،
ڪوڪ، ڪو ڪو.

اڇو لڪئون هاڻي پير جي پير ۾،
لڪي لڪي ڏيئون،
ڪوڪ، ڪو ڪو.

اڇو لڪئون هاڻي ڪڇين جي ڪڇر ۾،
لڪي لڪي ڏيئون،
ڪوڪ، ڪو ڪو.

اڇو لڪئون هاڻي انب جي ڇانوَ ۾،
لڪي لڪي ڏيئون،
ڪوڪ، ڪو ڪو.

اڇو لڪئون هاڻي ٻندن جي ڪري ۾،
لڪي لڪي ڏيئون،
ڪوڪ، ڪو ڪو.

☆☆☆

اڪ پوٽ راند ٻڇپڻي جي مشهور راند آهي جيڪا ٻهراڙيءَ ۾ گهڻي پاڳي هاڻي ۾ ڪيڏي ٿي وڃي. هڪڙو ٻار اکيون پوري ٻيهندو آهي ۽ ٻيا لڪندا آهن، لڪي پوءِ ان کي ڪوڪ ڏيندا آهن، پوءِ پڙ وارو ٻار لڪل کي ڳولي ڏوڙائي ڏوڙائي پڪڙيندو آهي، پوءِ اکيون پوٽڻ اُن جو وارو ٿيندو آهي.

" ڪڇر پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چولو

منهنجو پرٽ پريو چولو،
اديون رات ڪُئو
اديون رات ڪُئو،
ٽُڪي ويو ڪري ٽُڪرا چار.

ڪپڙو ڪراچيءَ مان مون آڻايو،
اديون رات ڪُئو
اديون رات ڪُئو،
ٽُڪي ويو ڪري ٽُڪرا چار.

چولو سبايم سيوهڻ شهر مان،
اديون رات ڪُئو
اديون رات ڪُئو،
ٽُڪي ويو ڪري ٽُڪرا چار.

چولو پرايم بادهه شهر مان،
اديون رات ڪُئو
اديون رات ڪُئو،
ٽُڪي ويو ڪري ٽُڪرا چار.

محراب پور مان موتي مڙهايم،
اديون رات ڪُئو
اديون رات ڪُئو،
ٽُڪي ويو ڪري ٽُڪرا چار.

" ڪَڇ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گَجَ

گَجَ گُلابي سوهڻا، چولا لاوين ڏولڻا...او ميڏا من موهڻا،
ويندا پيائين بازار...ڏولیا،
ويندا پيائين بازار.

سکرسهڻي شهر دا هي،گج ڏاڏا سوهڻا...ميڏا من موهڻا،
ويندا پيائين بازار...ڏولیا،
ويندا پيائين بازار.

لکي شاهه شهر دا هي،گج ڏاڏا سوهڻا...ميڏا من موهڻا،
ويندا پيائين بازار...ڏولیا،
ويندا پيائين بازار.

شڪارپور شهر دا هي، گج ڏاڏا سوهڻا...ميڏا من موهڻا،
ويندا پيائين بازار...ڏولیا،
ويندا پيائين بازار.

جيڪب آباد شهر دا هي، گج ڏاڏا سوهڻا...ميڏا من موهڻا،
ويندا پيائين بازار...ڏولیا،
ويندا پيائين بازار.

شهدادڪوٽ شهر دا هي، گج ڏاڏا سوهڻا..ميڏا من موهڻا،
ويندا پيائين بازار...ڏولیا،
ويندا پيائين بازار.

سيوهڻ شهر دا هي، گج ڏاڏا سوهڻا...ميڏا من موهڻا،
ويندا پيائين بازار...ڏولیا،
ويندا پيائين بازار.

لاڙڪاڻي شهر دا هي، گج "سانگي" سوهڻا...ميڏا من موهڻا،
ويندا پيائين بازار...ڏولیا،
ويندا پيائين بازار.

☆☆☆

" گنجو پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گجر

گجر ٽي گج پائي، گيت گائي،
سونهي ٽي پئي، راڄ جي راڻي،
گجر ٽي گج پائي،
گجر ٽي گج پائي.

هٿڙا کٽي ٽي، هئي ماري ٽي،
انگل اياڻا دل ڏاري ٽي،
گجر ٽي گج پائي.

اکڙين جا ڪري، عين اشارا،
موهجي پون ٿا، او دلدارا،
گجر ٽي گج پائي.

دلڙيون ڏڙَ ڏڙَ ڏڙڪائي ٽي،
بول منا جڏهن، بيهي ڳائي ٽي،
گجر ٽي گج پائي.

"سانگي" سهڻو،چند جيان چهرو،
انجي مٿان ڪيو،ڪرن پهرو،
گجر ٽي گج پائي،
گجر ٽي گج پائي.

☆☆☆

پراڻو دور وري موٽي آيو آهي، هاڻي گجن تي گهگهرا چولا وغيره گهٽي قدر پاڻا وڃن ٿا، ٽهيل ٽڪيل گج بازار مان ملن ٿا، مٺهياري، عورتون گج ناهي ، گهرن ۾ به وڪرو ڪن ٽيون.

" گجر پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گَجُ

گُجر پاتو گج ادیون گج گلابي گج،
پھريو گُجر گج پيار سان،
سونھه وڏي سينگار سان،
گُجر پھريو گج،
گُجر پھريو گج.

لائي ميندي ٽي، پيرن کي،
چٽ جوڙائي ٽي، ھٿڙن کي،
گُجر پھريو گج.

ٽاھي ڳچيءَ ۾، ھار ٽي پائي،
سھٽا سھٽا، موتي جڙائي،
گُجر پھريو گج.

ٽڪ منديءَ تي، ھيرن واري،
ٽھي ٽي چيچ ۾، ڏاڍي پياري،
گُجر پھريو گج.

ڪجل اکين ۾، سونھن سنواري،
چند جان چھرو، خوب سينگاري،
گُجر پھريو گج،
گُجر پھريو گج.

☆☆☆

گج پريل، گھگھي جي مٽان ڳچيءَ تي عورتون ستارن سان پٽ جو پرت پرنديون آھن، جنھنکي گج چنجي ٽو، جيڪو اڪثر ٽري ۽ ڪوھستاني ماڻھو گھٽ پھريندا آھن.

" ڪُجو پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي

گنجو

گجر ٽي گج پائي او پائي پائي،
دلڙيون لٽي ٽي موهي وڃي ٽي،
گجر ٽي گج پائي.

راڃن جي آهي راڻي سياڻي،
گهر جي آهي ڏياڻي سياڻي،
گجر ٽي گج پائي.

پرٽئون پيار جو ٺاهي پيهو،
جهار جوئر جي هڪلي ويهو،
گجر ٽي گج پائي.

سنگ پٽي ٽي کوڙيون ٺاهي،
ڏاند ٻڌي پوءِ ڳاهه ٽي ڳاهي،
گجر ٽي گج پائي.

"سانگي" سڏائي سرتيون سهيليون،
ڳائن ٻينيون سپ البيليون،
گجر ٽي گج پائي.

☆☆☆

منهنجي گجر، پيار وچان ڪنهن کي به سڏي سگهجي ٿو، گجر ذات به آهي امان او گجر راڻي، ٿر ۾ به سڏيو وڃي ٿو ننڍڙيءَ ٻالڙيءَ کي به پيار مان گجر سڏجي ٿو. گجرَ او پوري پٽاري، مينهن کي به چئبو آهي. علڻ فقير ءِ محمد علي شهڪي پٽ ڏٺيءَ جو ڪلام ڳايو آهي.

"گنجو پائي گج" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

موهن جو دڑو

اديون موهن جي دڑي جا، ڳايو ڳيچ ڳايو،
ڳايو ڳيـــچ ڳايو،
بيهي جهمريون پايو.

اڳوڻن ماڻهن جون ڏسو رهڻيون ڪرڻيون،
ڳايو ڳيـــچ ڳايو،
بيهي جهمريون پايو.

مٽيءَ جي ٽانون جي، ڏسو گهاڙ سهڻي،
ڳايو ڳيـــچ ڳايو،
بيهي جهمريون پايو.

ساري دنيا کان ٽا، اچن ڏسڻ ماڻهو،
ڳايو ڳيـــچ ڳايو،
بيهي جهمريون پايو.

اچو دڑي کي اديون، گهمي چڳي طرح اچون،
ڳايو ڳيـــچ ڳايو،
بيهي جهمريون پايو.

ساري دنيا جو، آهي "سانگي" نظارو،
ڳايو ڳيـــچ ڳايو،
بيهي جهمريون پايو.

بقول هدايت منگي جي سنڌو تهذيب هونءَ تہ گهٽو پراڻي آهي اٽکل ڇهہ هزار سال اڳ حضرت دائودعہ جي دور جو آباد ٽيل شهر "موهين" جو دڑو آهي، اهڙي اعليٰ ۽ شاندار تهذيب، جو هٿي هنڌ ڪٿي بہ عڪس نظر نٿو اچي.

" ڪنجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

لاڙڪاڻو

واهه لاڙڪاڻا، تنهنجي آهي اوچائي،
ماڻهو منا تنهنجا،
ماڳ سنا تنهنجا.
دنيا ۾ روشن، موهن جي دڙي سان،
ماڻهو منا تنهنجا،
ماڳ سنا تنهنجا.
ڪيڊت ڪاليج جو آهي قرب ڪيڏو،
ماڻهو منا تنهنجا،
ماڳ سنا تنهنجا.
سوڪارنو ميموريل اتا ترڪ ٽانور،
ماڻهو منا تنهنجا،
ماڳ سنا تنهنجا.
چانڊڪا جو چڙچو، آهي وڏو نظارو،
ماڻهو منا تنهنجا،
ماڳ سنا تنهنجا.
شگرمل نئون ديرو، زيتونُ ماهوٽن جو،
ماڻهو منا تنهنجا،
ماڳ سنا تنهنجا.
آهي ديهه دودائي، سرسبز "سانگي"،
ماڻهو منا تنهنجا،
ماڳ سنا تنهنجا.

بقول غلام عباس لاکي جي، لاڙڪاڻو نندو ڳوٺ هو، ۲۳۵ ق- م ۾ لاڙڪاڻي جو نالو اوسکانه هو، اُن تي "موسيقا نوس" نالي راجا حڪومت ڪندو هو، هن راجا جي سڪندر اعظم سان جنگ لڳي، جنهن ۾ راجا هن کي هارايو، اُن کان گهٽو پوءِ چانڊڪار ڪري چانڊڪا سڏيو ويو،وري ڪلهوڙا حڪومت ۾ جنرل شاهه بهاري واري دؤر ۾ لاڙڪاڻو نالو پيو.

" ڪَجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گُلَ حيات

اچي ڪر تون پيارُ، گُلَ حيات سان،
واعدو ۽ اقرار، گُلَ حيات سان.

منزل تي هل نه هل مرضي تنهنجي،
ڪٽ وڪون ڪي چار، گُلَ حيات سان.

پي ايڇ دي جي دگري جي آهي ونڊي،
رک علم جو وهنوار، گُلَ حيات سان.

محنت جو مزو ڏسِ، چا توکي ٿو ملي،
ويهي ڪر ويچار، گُلَ حيات سان.

گل حيات جو باني آهي پيار وارو.
در محمد دلدار ، گُلَ حيات سان.

علي گُلَ "سانگي" جو وِچ ڏسي ڪارنر،
سهٽو آ سينگار، گُلَ حيات سان،

اچي ڪر تون پيارُ، گُلَ حيات سان،
واعدو ۽ اقرار، گُلَ حيات سان.

☆☆☆

سال ۱۹۹۰ع ۾ منهنجو ڪارنر جو بنياد، گُلَ حيات ۽ سائين در محمد پٹار ۱۰ رکيو، جنهن ۾ ڪتاب، ڪيسٽون ۽ ٻيو ڇپڻ ڪان هن عمر تائين جون ڪارائتيون چيزون رکيو اٿم، جيڪي محفوظ آهن.

" ڪُجهِ پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

گُلْ حيات

گايو گايو جيڏيون، گيت، گُلْ حيات جا،
شاديءَ واري رات جا.

خير محمد آريجا ۾، گيت، گُلْ حيات جا،
شاديءَ واري رات جا.

در محمد امير بخش، گُلَ، گُلْ حيات جا،
شاديءَ واري رات جا.

انسٽيٽيوت ۾ آهن، گُلَ، گُلْ حيات جا،
شاديءَ واري رات جا.

ڪارنر ڏسو اچي، گُلَ، گُلْ حيات جا،
شاديءَ واري رات جا.

گل محمد حيات خاتون، گُلَ، گُلْ حيات جا،
شاديءَ واري رات جا.

علي گُل "سانگي"ڪ، گيت گُلْ حيات جا،
شاديءَ واري رات جا.

☆☆☆

خير محمد آريجا ڳوٺ، لاڙڪاڻي کان ڏکڻ طرف ايئرپورٽ موهن جو دڙو روڊ مٿان برابر آهي. جنهن ۾ ميان گُلُ محمد پنهنجي سندس گهر واري مسمات حيات خاتون رهندا هئا، جن به پيار مان پٽڙا ڇٽيا، در محمد پنهنجي امير بخش جن علمي دنيا کي جاکوڙي نپايو آهي، جو پنهنجي ابي امڙ جي نالي کي روشن ڪندي ابي گُلُ محمد سان گُلُ ۽ حيات خاتون، سان حيات کي جوڙي ڪري، گُلُ حيات انسٽيٽيوت جوڙيو آهي، جيڪو ڏسڻ وٽان آهي، جو مون جهڙي فقير ماڻهوءَ جو به ڪارنر رکيو ويو آهي، جنهن ۾ مان سائين درمحمد پنهنجا ٿورا پايان ٿو.

" گنجو پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڦوڪٽا

اُڏر اُڏر ڦوڪٽا، ماهي ملوڪٽا،
ڏيوين تون سلام ڏيوين،
ڪوئي نهين روڪٽا.

ماهي ملوڪٽا، اکيان هِن ٻرن مچالڻ،
ڏيوين تون سلام ڏيوين،
ڪوئي نهين روڪٽا.

ماهي ملوڪٽا، لب جنهنڊي لالڻ،
ڏيوين تون سلام ڏيوين،
ڪوئي نهين روڪٽا.

ماهي ملوڪٽا، نڪ جنهن دا ڪونجڙا،
ڏيوين تون سلام ڏيوين،
ڪوئي نهين روڪٽا.

ماهي ملوڪٽا، پت جنهنڊي پيرڻ،
ڏيوين تون سلام ڏيوين،
ڪوئي نهين روڪٽا.

ماهي ملوڪٽا، ڇهڪ جنهندي چيلهڙي،
ڏيوين تون سلام ڏيوين،
ڪوئي نهين روڪٽا.

ماهي ملوڪٽا، جنهن ديان پروان جاڙيا،
ڏيوين تون سلام ڏيوين،
ڪوئي نهين روڪٽا.

ماهي ملوڪٽا، زلف جنهنڊي ڪالڙي،
ڏيوين تون سلام ڏيوين،
ڪوئي نهين روڪٽا.

☆☆☆

" گنجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سنگي)

ماهي

هڻ موت ماهي، وڃڻان تي ول آ،
ڏاڍي ڏينهن لنگهه ڳئي،
ماريندي جدائي.

هڻ موت ماهي، واسطا هني رب دا،
ڏاڍي ڏينهن لنگهه ڳئي،
ماريندي جدائي.

هڻ موت ماهي، ڏت ويسي جوڙي،
ڏاڍي ڏينهن لنگهه ڳئي،
ماريندي جدائي.

هڻ موت ماهي، ڪڍ دل تون ٻيائي،
ڏاڍي ڏينهن لنگهه ڳئي،
ماريندي جدائي.

هڻ موت ماهي، رنڍا ڪيون وترئين،
ڏاڍي ڏينهن لنگهه ڳئي،
ماريندي جدائي.

هڻ موت ماهي، ڪونهي خط لکيائي،
ڏاڍي ڏينهن لنگهه ڳئي،
ماريندي جدائي.

هڻ موت ماهي، "سانگي" ڪيون سڪائي،
ڏاڍي ڏينهن لنگهه ڳئي،
ماريندي جدائي.

☆☆☆

" ڪُجر پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ماهي

سگھا ول تون ماهي، اسانڏے اُتارے،
الله تيڪون آڻي،
جواني نون مائين.

سگھا ول تون ماهي، ڪتي ڪيون جدائي،
الله تيڪون آڻي،
جواني تون مائين.

سگھا ول تون ماهي، ڏکيا ھے وڇوڙا،
الله تيڪون آڻي،
جواني تون مائين.

سگھا ول تون ماهي، ميڏا اٽين نان جوڙئے،
الله تيڪون آڻي،
جواني تون مائين.

سگھا ول تون ماهي، ھے لڳي ديد در تي،
الله تيڪون آڻي،
جواني تون مائين.

سگھا ول تون ماهي، ساڏا عرض اهيوئي،
الله تيڪون آڻي،
جواني تون مائين.

سگھا ول تون ماهي، "سانگي" ڪر سچائي،
الله تيڪون آڻي،
جواني تون مائين.

☆☆☆

" ڪُجر پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ماهي

سڏڻي ڪران سين منٽان ڪران مين، ماهي گهر نا آيء.
ڪوين پرچاوان،
دل دا ماهي.

رنڙا هے ڪيون ميڪون، جاڻ نه ڏيون،
ڪوين پرچاوان،
دل دا ماهي.

درد سڌاوان ڪوين، ڪول نه آيء،
ڪوين پرچاوان،
دل دا ماهي.

رو رو اکيان ٽکيان ميڏيان،
ڪوين پرچاوان،
دل دا ماهي.

چين نه آيء دل ڪون ڪوئي،
ڪوين پرچاوان،
دل دا ماهي.

ساجن "سانگي" هے ميڏا منڙا،
ڪوين پرچاوان،
دل دا ماهي.

☆☆☆

ماهي پرچاوڻ لئے هر دکهياري ناري ے چين هوندي هے اها خبر اُنهه ڪون هوسي جهيندا ماهي رنڙا وتدے.

"ڪنجو پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ماهي

ماهي وے ميڪون ڇوڙ نہ جاوين،
قسم هئي خدا دا،
آوين ويڙهے اسانڊے.

ڇوڙ نہ جاوين، ڀيرڙا پاوين،
قسم هئي خدا دا،
آوين ويڙهے اسانڊے.

ڇوڙ نہ جاوين، سگهڙا آوين،
قسم هئي خدا دا،
آوين ويڙهے اسانڊے.

ڇوڙ نہ جاوين، دلڙي ڇراڪے،
قسم هئي خدا دا،
آوين ويڙهے اسانڊے.

ڇوڙ نہ جاوين، پيار نپاوين،
قسم هئي خدا دا،
آوين ويڙهے اسانڊے.

ڇوڙ نہ جاوين، واپس آوين،
قسم هئي خدا دا،
آوين ويڙهے اسانڊے.

ڇوڙ نہ جاوين، "سانگي" اسانڪون،
قسم هئي خدا دا،
آوين ويڙهے اسانڊے.

☆☆☆

" گجر پائي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ڈولیا

گھر آ جا میڈا ڈولیا، قسم ھَئي خدا دا،
دیر نہ لاوین،
جلدي آوین.

درد تیڈي وچ مین کھڑي اٹ،
دیر نہ لاوین،
جلدي آوین.

راوان تیڈیان، تکدي رھي آن،
دیر نہ لاوین،
جلدي آوین.

پیار تیڈي دي ماندڑي مین ھان،
دیر نہ لاوین،
جلدي آوین.

جندڑي تیڈي نال، میڈي اڑي ھے،
دیر نہ لاوین،
جلدي آوین.

کنھن ھِن تیڈیان روکیان راوان،
دیر نہ لاوین،
جلدي آوین.

☆☆☆

سرائیکي لوک گیت دا بھي وڈا مزا ھے ، جنھن کون سنڈي فنکار وڈي پیار نال گائیندے ھِن.

" گنجو پاني گج" لوک گیت
(علي گل سانگي)

سانول

سگھا ول تون سانول، تيڏے درد ماريا،
ڪهڙي ڏوهه تي تيئن.
اسان ڪون وساريان.

سگھا ول تون سانول، فقيران دي سڻ تون،
سگھا ول تون سانول، غريبان دي سڻ تون،
ڪهڙي ڏوهه تي تيئن،
اسان ڪون وساريان.

سگھا ول تون سانول، اپوجهان دي سڻ تون،
سگھا ول تون سانول، غريبان دي سڻ تون،
ڪهڙي ڏوهه تي تيئن،
اسان ڪون وساريان.

سگھا ول تون سانول، ڏکهياريان دي سڻ تون،
سگھا ول تون سانول، غريبان دي سڻ تون،
ڪهڙي ڏوهه تي تيئن،
اسان ڪون وساريان.

سگھا ول تون سانول، سانگيان دي سڻ تون،
سگھا ول تون سانول، غريبان دي سڻ تون،
ڪهڙي ڏوهه تي تيئن،
اسان ڪون وساريان.

☆☆☆

سانول سانولڙا سانوري کي سڏيو ٿو وڃي، گهٽي پاڳي پنهنجي محبوب کي شاعرن سانول سڏيو آهي.

" ڪنجو پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سانو

او سانولڑا، دير نہ لاوين، سڳهڑا آوين،
پيار نياوين،
غريبان دا.

دلڑي رلائي ويندا پيائين تون، سڳهڑا آوين،
پيار نياوين،
غريبان دا.

دلڑي چائي ويندا پيائين تون، سڳهڑا آوين،
پيار نياوين،
غريبان دا.

دلڑي رنجائي ويندا پيائين تون، سڳهڑا آوين،
پيار نياوين،
غريبان دا.

دلڑي ڏکائي ويندا پيائين تون، سڳهڑا آوين،
پيار نياوين،
غريبان دا.

دلڑي ستائي ويندا پيائين تون، سڳهڑا آوين،
پيار نياوين،
غريبان دا.

☆☆☆

سرائڪي لوڪ گيت جي ٻ سنڌ ۾ اهميت آهي، سنڌ ۾ ڪيترين ئي ڏاڻين سرائڪي ڳالهائن ٿين.

" ڪُجھ پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

سگھڑا

سگھڑا آوين سانولڑا، دل وچ ٽئي ڳڻي درد هزار،
مين تيڏي گولڑي هان،
مين تيڏي ٻاهڑي هان.

سگھڑا آوين سانولڑا، دلڑي چا ڳيائين ڏولڻ يار،
مين تيڏي گولڑي هان،
مين تيڏي ٻاهڑي هان.

سگھڑا آوين سانولڑا، مين ماندي مستاني هان،
مين تيڏي گولڑي هان،
مين تيڏي ٻاهڑي هان.

سگھڑا آوين سانولڑا، ڏولڻ سائين تون ڏين ميڏا،
مين تيڏي گولڑي هان،
مين تيڏي ٻاهڑي هان.

سگھڑا آوين سانولڑا، روز تکان تيڏيان راوان تيڏيان،
مين تيڏي گولڑي هان،
مين تيڏي ٻاهڑي هان.

سگھڑا آوين سانولڑا، روندي کون ريجها آ تون،
مين تيڏي گولڑي هان،
مين تيڏي ٻاهڑي هان.

سگھڑا آوين سانولڑا، "سانگي" سڪ ساڙيا ميکون ،
مين تيڏي گولڑي هان،
مين تيڏي ٻاهڑي هان.

☆☆☆

" گنجو پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

يارُ

جنهندا جدا يار هوي، پڇ جا اُنهان نون،
ڪهڙا ٻڌيا حال هوي،
ڪيون روندي زارئون زار هوي.

پڇ جا اُنهان نون، ٽيان اکيان ڪيون لال هوي،
ڪهڙا ٻڌيا حال هوي،
ڪيون روندي زارئون زار هوي.

پڇ جا اُنهان نون، حال ڪيون فقيري هوي،
ڪهڙا ٻڌيا حال هوي،
ڪيون روندي زارئون زار هوي.

پڇ جا اُنهان نون، ڪٽان رهندا يار هوي،
ڪهڙا ٻڌيا حال هوي،
ڪيون روندي زارئون زار هوي

پڇ جا اُنهان نون، ڪٽان تواڏا هوي،
ڪهڙا ٻڌيا حال هوي،
ڪيون روندي زارئون زار هوي.

پڇ جا انهان نون، ڪيون اجڙيا سينگار هوي،
ڪهڙا ٻڌيا حال هوي،
ڪيون روندي زارئون زار هوي.

پڇ جا انهان نون، "سانگي" سڃ ڪيا هوي،
ڪهڙا ٻڌيا حال هوي،
ڪيون روندي زارئون زار هوي.

☆☆☆

" ڪُنڊر پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

محبوب

محبوب منهنجو، آيو منهنجي اکڻ تي آيو، محبوب منهنجو،
ٻڌي چيريون جھمريون پايو،
گڏجي بيهي جھمريون پايو
گيت سھڻا ڳايو.

آهي سدوري رات اچوکي، آهي سدوري،
برکت واري، پاڻن واري، آهي نسوري،
ٻڌي چيريون جھمريون پايو،
گڏجي بيهي جھمريون پايو،
گيت سھڻا ڳايو.

سڻا سڻا ساز وڄن ٿا، ساز وڄن ٿا،
اڄ ٿيون شاديون، پوريون اميدون، دھل وڄن ٿا،
ٻڌي چيريون جھمريون پايو،
گڏجي بيهي جھمريون پايو،
گيت سھڻا ڳايو.

"سانگي" هليا ويا، سور سمورا، سانگي هليا ويا،
لھڏي لھي ويا، سالن جا ڏک لھڏي لھي ويا،
ٻڌي چيريون جھمريون پايو،
گڏجي بيهي جھمريون پايو،
گيت سھڻا ڳايو.

☆☆☆

" ڪنڊ پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چلو

چلو وڃائجي ويو چلو وڃائجي ويو،
او چوري مونکي چلو ڳولهي ڏيو، چوري،
مونکي چلو ڳولهي ڏيو،
مونکي چلو ڳولهي ڏيو.

مارن مکو آهي چلو او چوري،
چلو آهي منهنجو پلو اوڇوري... مونکي چلو،
مونکي چلو ڳولهي ڏيو.

مارن ٺهرايو پگهار مان او چوري،
ڪيئن ڪٽان تي ميار مان اوڇوري... مونکي چلو،
مونکي چلو ڳولهي ڏيو.

چلو گهڙايم جوئر ڏئي او چوري،
چلو گهڙايم ڪٽڪ ڏئي اوڇوري... مونکي چلو،
مونکي چلو ڳولهي ڏيو.

چلو گهڙايم دِل ڏئي او چوري،
چلو گهڙايم سَو ڏئي، اوڇوري... مونکي چلو،
مونکي چلو ڳولهي ڏيو،
مونکي چلو ڳولهي ڏيو.

☆☆☆

چلو ٻه هڪڙي قسم جو گيت آهي، جيڪو گهٽي پاڻي ڳاتو وڃي ٿو ساري سنڌ ۾ چلو ڳائجي ٿو، هونءَ ته چلو چيڇ ۾ پائجي ٿو ۽ خاص طرح چلو نشاني ڪري ڏنو ويندو آهي، "ڏنو چلڙو يار نشاني."

" ڪُنڀ پاڻي ڪڍ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چَلو

منهنجا ڏولڻ دلبر جاني، ڏي چلو مونکي نشاني..الا.
او تنهنجي مهرباني...الا،
ڏي چلو مونکي نشاني.

نہ ڪر چلو مونکان پيارو، ڏي مونکي تون موچارو،
جيڪو آهي ساهہ سهارو،
منهنجي لهي پريشاني.

ڪٽيان توکان سواءِ راتيون، ڪيان چلي سان مان باتيون،
ڪيان منا ملاقاتيون،
شل ماڻين تون او جواني.

جي اچي ساهہ کي ڏوهہ، ڪيان چلو ساڻ وروح،
گهريو آهي منهنجي روح،
ڪيو منهنجي کا آساني.

آهي چلو سوني رنگ جو،جيڪو وجهي چيچ ۾ ٻنگ جو،
آءٌ چوڙيان وينِي تنگ جو،
ڪيو هاڻي مونسان هاني.

منهنجا "سانگي"سهٽا سدورا،منهنجا پورا رنگ جا گورا،
آئون ڳايان تنهنجا ٽورا،
مان آهيان تنهنجي ٻانهي.

☆☆☆

مجازي عشق جا ماريل ويچارا چلي سان پنهنجو پيار جاري رکندا آهن، چلو مليو پوءِ هڪ جيڏن کي پيا ڏيکارينداِ يا ڏيکارينديون ڏسو چلو منهنجي محبوب جو. پيار ڪرڻ وارا جهنگ ۾ يا رات جو سمهڻ مهل سَوڙِ يا اجرڪ مٽان پاڻي پيا روئيندا ۽ آهن چلي کي چميون ۽ ڏيندا آهن.

" ڪُنجو پاڻي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

چلا

چلا گھن وچ جاني، نھوا رکي تيڈي نشاني،
الا... رکي تيڈي نشاني،
الا... رکي تيڈي نشاني.

چلا هئي ميڈا سونا، ميڈا جاني جانب جانا،
ميکون کائي گالھ لُکانا،
الا... رکي تيڈي نشاني.

چلا هئي ميڈا لوها، اڈر آءٔ تون شوها،
ميڈا من تئين موهيا،
الا... رکي تيڈي نشاني.

چلا هئي ميڈا ٹاما، مين صدقا تئين تون جاوا،
مين لھسان تئين نال لاوان،
الا... رکي تيڈي نشاني.

چلا هئي ميڈا چاندي، ھے ميڈي دلڑي ماندي،
تيڈے بولي هان مين بانڈي،
الا... رکي تيڈي نشاني.

چلا سچا "سانگي"، آ اُڈر ميڈا جھانگي،
جا ميکون چيز تئين مانگي،
الا... رکي تيڈي نشاني.

☆☆☆

چلا: سون چاندي لوھ پتل وغيره دا ٹيندا ٹے مگر نشاني ڈيوڑ کون پچي چلي ملھ وڈا هوندئے، مجازي عشق، پيار محبت دي شروعات چلي نال ٹيندي ٹے، چلي کون عاشق لوک ساھ وچ ساندينديے ھِن چلا سنڈي کون علاوہ مين آکان چلا سرائيکي وچ بہ وڈا مرا کرائيندا پئي.

" کجھ پائي کج" لوک گيت
(علي گل سانگي)

چلڙا

ميڏي چيچي دي نشاني، وچ چلڙا چا تون جاني،
لاهه رکيا مين تئکان،
ميڏا ديولڙ ديوليا جاني.

ميڏا چلڙا تون نه وڃاونين، ساهه سيني سانڊ لڪا وين،
ميڏي اکڙ تي پيڙا پاوين،
ميڏا ديولڙ ديوليا جاني.

ميڏا چلڙا شوق شرابي، جنهيندا رنگڙا لال گلابي،
وڏ ويندي هڻ بي تابي،
ميڏا ديولڙ ديوليا جاني.

ميڏا چلڙا ملهه مهانگا، وچ سگهڙا وچ کانگا،
آ سانول چڙهه چانگا،
ميڏا ديولڙ ديوليا جاني.

ميڏا چلڙا ميڏي بولي، مين تيڏي در دي گولي،
آوين هينئڙا ماري هولي،
ميڏا ديولڙ ديوليا جاني.

ميڏا"سانگي" سچا سائي، هڻين آ تون چڙهه هائي،
لاهه رکيا مين تئکان،
ميڏا ديولڙ ديوليا جاني.

☆☆☆

چلو يا چلڙو چيڇ ۾ پايو ويندو آهي، پيار جي نشاني اگر وڃائجي وڃي ته وڏي ميار هوندي آهي انڪري چلو ساهه ۾ سانڊيو ويندو آهي، ته متان وڃائجي وڃ، ۽ ٻيهر گهرڻ تي پڇا ٿيندي ته چلو چو وڃائيو ۽ هر ملاقات ۾ چلو چيڇ ۾ ڏ، ويندو آهي،ته چلو سلامت آهي، ٻيهر چلي جا ڏند ڏوهه وڏا هوندا آهن، جنهن ڪري چلو نه وڃائڻ گهرجي. " ڪڇ پهانئي ڪڇ" لوڪ ڪيت
(علي گل سانگي)

لولي

لولي لولي لولي....الا...لولي لولي لولي،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي.

شهرن ۾ جيئن مورُ...مونتي ڪرڪو ٽورو ..الا،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي.

جيڏو بندو آهيان آسمان ڪرائيندو مونتي احسان..الا،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي.

آهي جيڏو مٽان جهڙ، تون هاڻي منا ڪٽي مُڙ..الا،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي.

سهٽا "سانگي"موت سدورا تو لاءِ دل ۾ آهن ديرا الا،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي،
آهي ٻانهپ جي توسان ٻولي.

☆☆☆

مجازي لولي ۽ پيار پاڻهه سڪ ساءُ آهي، هيءَ هڪ پڪار آهي، ۽ اڳوٽي وقت جڏهن تجارتي هوائون لڳنديون هيون تہ سوداگر ٻيڙا ڇوڙ ۽ ڇوڙبندا هٿا. جڏهن ٻيڙا ۽ جي رخ سان تيز هلندا هٿا، تہ پوءِ اُهي سوداگر ۽ ڪامي گڏجي "لولي" ڳائيندا وبندا هٿا. ۽ سفر ۽ سالن جا سال گم ٿي وڃڻ ڪري ونيون پيار ڪرڻ واريون، وڇوڙو نہ سهي لوليون ڳائيندڙيون هيون تہ جيئن الله تعالىٰ جلدي ۽ خير سان آڻين.

" ڪنڊ پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

لولي

مارن جي مٿي لولي آ،منهنجي سانگن جي سٿي لولي آ.
او.....لولي لولي لولي آ،
مارن جي مٿي لولي آ.

اڏري وڃ تون ڪانگا، سڪ جا سارا سانگا.
او.....لولي لولي لولي آ،
مارن جي مٿي لولي آ.

اڏري وڃ تون ڪيرا، منهنجا مارو ٿڌي من ميرا.
او.....لولي لولي لولي آ،
مارن جي مٿي لولي آ.

اڏري وڃ تون آڙي، چاڙهن جي تون چاڙهي،
او.....لولي لولي لولي آ،
مارن جي مٿي لولي آ.

اڏري وڃ تون ڪبوتر، منهنجا مارو منڙا دلبر،
او.....لولي لولي لولي آ،
مارن جي مٿي لولي آ.

اڏري وڃ تون جهرڪي، منهنجا مارو ملندئي مرڪي،
او.....لولي لولي لولي آ،
مارن جي مٿي لولي آ.

او اڏري وڃ تون ڪونج، منهنجي لهندم"سانگي" مونجهه،
او.....لولي لولي لولي آ،
مارن جي مٿي لولي آ.

☆☆☆

مارن جي وڇوڙي ۾ مارئي مارن جي لولي ڳائي ۽ هر پڪيءَ کي لولي ڳائي مارن ڏي اماڻي ٿي ته نہ وڃو مارو توهان کي پيار ڏيندا مگر توهان وڃو.

" ڪنڊو پائي ڪڃ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

مورو

مورو جهورو جيءَ جو..الا ساجن سکي ساهه،
مورو...ساجن سکي ساهه،
مورو...ڏولڻ موڻي آءُ.

هو...جيءَ ۾ آهي جهوري، آهي مٽي ۾ ڦيري،
مورو...ساجن سکي ساهه،
مورو...ڏولڻ موڻي آءُ.

هو...منا منهنجا جاني، ڪري آءُ تون مهرباني،
مورو...ساجن سکي ساهه،
مورو...ڏولڻ موڻي آءُ.

هو..ڪويل جي ٻڌي ڪوڪ، منهنجا ماروئڙا ملوڪ،
مورو...ساجن سکي ساهه،
مورو...ڏولڻ موڻي آءُ.

هو...اسري ويو اونهارو..الا آيو موڻي سيارو،
مورو...ساجن سکي ساهه،
مورو...ڏولڻ موڻي آءُ.

هو.."سانگي"سڪ ٿي ساڙي، منهنجي پرين آءُ پاڙي،
مورو...ساجن سکي ساهه،
مورو...ڏولڻ موڻي آءُ.

☆☆☆

مورو: اصل ۾ ڪوهستاني علاقي جو آهي سنڌ جا ماڻهو واپار واسطي ڪوهستان ويا، پوءِ اتي ئي ٿ سرندي جي سرن تي مورو ٻڌي ياد ڪري لٽا هاڻي سنڌ ۾ ٻ مورو ڳائجي ٿو. مورو جي اصطلاحي معنيٰ آهي مور جهڙو يعني سهڻو.

" ڪَڄو پاڻي ڪڄ" لوڪ ڪيت
(علي گل سانگي)

مورو

مورو آهي زورو، مورو ماڪيءَ جهڙيون لارون،
آئون وڃان ويڻي ڦارون،
الا، آئون ٽي وڃان ويڻي ڦارون.

انبُ وڏي مون ڪاڌيون په ڦارون،
ڪيون ساهه کي سارون....الا،
آئون وڃان ويڻي ڦارون.

گدرو وڏي مون ڪاڌيون په ڦارون،
ڪيون ساهه کي سارون....الا،
آئون وڃان ويڻي ڦارون.

زيتون وڏي مون ڪاڌيون په ڦارون،
ڪيون ساهه کي سارون....الا،
آئون وڃان ويڻي ڦارون.

صوف وڏي مون ڪاڌيون په ڦارون،
ڪيون ساهه کي سارون....الا،
آئون وڃان ويڻي ڦارون.

هنداڻو وڏي مون ڪاڌيون په ڦارون،
ڪيون ساهه کي سارون....الا،
آئون وڃان ويڻي ڦارون.

☆☆☆

مورو: پيار محبت سڪ جو لوڪ گيت آهي، هن ۾ فراق، عشق، وڇوڙو، انتظاري ، بيقراري گهٽي ڏسجي ٽي ڪٽني ڪارڻ جهجهن جهُرڻ ميل ملاقات جا مضمون گهڻا آهن. مورو هڪڙي قسم جو پيغام، سنيهو، سنديش آهي، مطلب ته هن ۾ سڪ گهٽي آهي. " ڪنجو پاڻي ڪڃ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

ٻيلڙ

ٻيلڙ ويڻي ڳايان....ديوليا...ٻيلڙ ويڻي ڳايان،
تنهنجي وات واجهايان..ديولڙ،
ٻيلڙ ويڻي ڳايان،

خدا خيرُ ڪرئي، خير سان آڻئي.

جند ٽي ڪاهيان، توڏي واجهايان.
تنهنجي وات واجهايان..ديولڙ،
ٻيلڙ ويڻي ڳايان.

ڏاس ٽي وڻيان، توڏي جهٽيان،
تنهنجي وات واجهايان..ديولڙ،
ٻيلڙ ويڻي ڳايان.

مانسي ٽي مڪيان توڏي ٽي تڪيان،
تنهنجي وات واجهايان..ديولڙ،
ٻيلڙ ويڻي ڳايان.

ڏاڇون ٽي چاريان، بيڻي پڪاريان،
تنهنجي وات واجهايان..ديولڙ،
ٻيلڙ ويڻي ڳايان.

دعا ڪيو ڙي جيڏيون جهانگي،ايندو منهنجو"سانگي"
تنهنجي وات واجهايان..ديولڙ،
ٻيلڙ ويڻي ڳايان.

☆☆☆

ڪاڇي جا ماڻهو، جڏهن سفر تي هلندا آهن، تہ اڻن جي قطار ڪاهي نڪرندا آهن، جهڙي ڪونجن جي قطار هجي، پهرين مهاري ۽ پوئين مهاريءَ تي وڃ ۾ فاصلو هوندو آهي، اونداهي رات رڻ واري سفر ۾ "ٻيلڙ" ڳائي هڪ ٻئي کي همٿائيندا ويندا آهن. هوڏانهن سندن ونيون سفر تان دير ورڻ ڪري، درد فراق عشق مان "ٻيلهڙ" ڳائيندڙيون آهن. "ٻيلهڙ" ۾ هڪڙي قسم جو پيغام آهي.

" ڪَڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

ٻيلهڙ

ڊولڙ ميڌا جاني او جاني، ڊولڙ ميڌا جاني،
مين رو رو حال وڃاوان،
ٻيني ٻيلڙ تيڌا ڳاوان.

ليڙا لڏيندئين، خوش پيا ٿيندئين، پرديس پيا ويندئين،
مين رو رو حال وڃاوان،
ٻيني ٻيلڙ تيڌا ڳاوان.

اُٺ پلاڻي خوش پيا ٿيندئين،پرديس پيا ويندئين،
مين رو رو حال وڃاوان،
ٻيني ٻيلڙ تيڌا ڳاوان.

چانگا هُشائي، خوش پيا ٿيندئين، پرديس پيا ويندئين،
مين رو رو حال وڃاوان،
ٻيني ٻيلڙ تيڌا ڳاوان.

ڪرها ڪاهي، خوش پيا ٿيندئين، پرديس پيا ويندئين،
مين رو رو حال وڃاوان،
ٻيني ٻيلڙ تيڌا ڳاوان.

"سانگي"ستاوان،خوش پيا ٿيندئين،پرديس پيا ويندئين،
مين رو رو حال وڃاوان،
ٻيني ٻيلڙ تيڌا ڳاوان.

ٻيلڙ سائيءَ کي سڏجي ٿو، ٻيلهڙ ڪاڇي جو آهي اونار اٺ چاربندي مني آواز ۾ ٻيلهڙ ڳائيندا آهن ڪاڇي جون عورتون ورجي وڃوڙي جا ڏينهن ڳٽيندي ڪن تي هٿ رکي سر سان ٻيلڙ ڳائيندیون آهن ٻيلڙ يا ٻيلهڙ ڳالهه ساڳي آهي، هن ۾ سهاڳڻ جو ور پرديس وڃڻ جون تياريون ٿو ڪري تہ سهاڳڻ روئي ٻيلڙ ڳائي ٿي.

" ڪنڀ پاڻي ڪڃ" لوڪ گيت

(علي گل سانگي)

جمالو

هو جمالو..مليو جمالُو جتن سان ...هو جمالو،
اٽس سڃيو لکڻ هٽ ۾... هو جمالو،
مليو جمالـو جتن سان... هو جمالو.

وڃي خير ٿيا خير.... الا....هو جمالو،
مليو جمالـو جتن سان... هو جمالو.

ڪئي ڪهوٽ گهر موٽ....الا.... هو جمالو،
مليو جمالـو جتن سان... هو جمالو.

آيو اُٺ چڙهي پُٺَ....الا... هو جمالو،
مليو جمالـو جتن سان... هو جمالو.

وڃي خير ٿيا ست.... الا....هو جمالو،
مليو جمالـو جتن سان... هو جمالو.

لڙيو لاڙيچو آ لاڙ ڏي....هو جمالو،
مليو جمالـو جتن سان... هو جمالو.

جيڏو ديرِ اوڏو خير.... الا....هو جمالو،
مليو جمالـو جتن سان... هو جمالو.

جمالو ۽ سندس ست پائر، ذات جا جت، اوٽي لاڙ ۾ رهندا هٿا. پائرن ۾ جمالُو، پهلوانُ مَلهُ مڙس هو، هنجي وگ مان پلوڙ اُٺ کي چور کاهي ويا، جمالوءَ تي ڪوڙاڻن ۽ پائرن ٽنوليون ڪرڻ لڳا تہ تو جهڙي مڙس جو اُٺ کاهجي ويو ۽ اڃان گهميين پيو جمالوءَ نہ سهي، کٽي ۾ منهن ڪيو، پيرا کٽي اچي ڪوهستان ۾ چورن سان اڪيلي مڙس مقابلو ڪري پنهنجو اٺ واپس ورايو جڏهن چورايل اٺ ڪوٽ کاهي آيو تہ ڪوڙاڻن ۽ پائرن هنکي کلهن تي کٽي ڏهلن سان جهڙيون ۽ ناچ ڪيڏيا. منهنجو کٽي آيو خير سان هو جمالو. اهو جمالو اتان ٽيو.

" ڪَڇو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جمالو

هو جمالو،منهنجو جاني آيو جوءِ ۾..هو جمالو،
منهنجو ڪٽي آيو خير سان.. هو جمالو.

پيئي ڪير منهنجو مير....الا.....هو جمالو،
منهنجو ڪٽي آيو خير سان.. هو جمالو.

ڪائي مڪڻ، منهنجو سڄڻ ...الا....هو جمالو،
منهنجو ڪٽي آيو خير سان.. هو جمالو.

جنهنجا چشم رب رڪيم ....الا....هو جمالو،
منهنجو ڪٽي آيو خير سان.. هو جمالو.

پري پير ڪي سوير....الا.....هو جمالو.
منهنجو ڪٽي آيو خير سان.. هو جمالو.

جنهنکي پگ ٻڌي جگ....الا.....هو جمالو،
منهنجو ڪٽي آيو خير سان.. هو جمالو.

آيو جهانگي منهنجو"سانگي" الا هو جمالو،
منهنجو ڪٽي آيو خير سان.. هو جمالو.

☆☆☆

جمالو، جڏهن ڪوهستان ۾ آيو اتي ڪاڇي ۾ ڪاڇيلي ملاکڙو ڪيڏندا هٿا جمالي ۽ اتي حصو ورتو، هي ته اڳيئي ملهه پهلوان هو، سڄي ڪاڇي ڪي ماري مڃايائين. پهلوانيءَ ۾ پهريون نمبر آيو اتان جي چگن مڙسن سردارن وڏيون عزتون ڪيون ۽ انعام اڪرام ڏنا جمالو پوشاڪ ۾ سلوار قميص ۽ پگ ٻڌندو هو خوبصورت قداور مڙس هو، ۽ جتي ويندو هو ته وڏيون محبتون ماڻيندو هو ۽ هر جاءِ تي هوڏ پيچي ڪيڏندو هو ۽ اتان جا ماڻهو سندس سورهائيءَ تي خوش ٿي ڪلهن تي کڻي گهمائيندا هٿا، دهلن تي ناچ ڪندا هٿا، ۽ چوندا هٿا، منهنجو ڪٽي آيو خير سان هو جمالو. "ڪڇو پاڻي گج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جمالو

هو جمالو.....هوجمالو،
الا پپر واري پن تي، هو جمالو... هو جمالو،
الا ديگ واري دم تي هو جمالو.....هوجمالو،
هو جمالو.....هوجمالو.

انبن پور به پوکيا، هو جمالو،
هو جمالو.....

صوڦڻ پير جا پيرڙا، هو جمالو،
هو جمالو.....

ڪٽڪن سنگ سون جا، هو جمالو،
هو جمالو.....

سپ ڪجورن پوکيا، هو جمالو،
هو جمالو.....

مولا مرادون پڄايون، هو جمالو،
هو جمالو.....

منهنجي سهڻي جئي سندڙي، هو جمالو،
هو جمالو.....

☆☆☆

جمالو: اسانجي سنڌ جو پيارو گيت آهي سوين رنگ آهن جمالي جا فنڪار ڳائيندا آهن، لاڏي سان سڄي محفل جهمريون هٿندي نچندي آهي، پوءِ محفل کي ختم ڪندا آهن.

" ڪجو پائي ڪج" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

جمالو

هو جمالو..منهنجي سنڌ جيئي جند...الا...هو جمالو،
منهنجو سنڌي ماڻهو سوهڻو. هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
آهي ٺٽو ڏاڍو منو....الا.... هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
ڏس اچي تون ڪراچي...الا...هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
آهي ڪوٽڙي دل موٽڙي.....هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
حيدرآباد سدا ياد...الا...هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
جام شورو نينهن نسورو...الا...هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
منهنجو دادو آهي جادو...الا...هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو...الا...هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
منهنجو سکر آهي بکر...الا...هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
آهي روهڙي من موهڻي...الا...هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.
ڪشمور صفا زور...الا...هو جمالو،
منهنجو ڪٽي ايندو خير سان.. هو جمالو.

☆☆☆

هي جمالو، پنهنجي ديش پنهنجي وطن پنهنجي ڌرتيءَ جي شهرن ڳوٺن ڳلين رستين واهڻ ڏنڏين ڏورن رستن راهن پنهنجي مارن سانگين جهانگين سان پيار ڪرڻ وارن هو جمالو آهي. "ڪنڊو پاڻي ڪڇ" لوڪ گيت
(علي گل سانگي)

علي گل سانگي جا چپيل ڪتاب

١٩٩٢ع

١٩٩٣ع

١٩٩٥ع

١٩٩٧ع

لوڪ گيت اسانجي ثقافتي روايتن جا ترجمان آهن.
شيخ اياز ۽ شمشير الحيدري ۽ لوڪ گيت ڪيا آهن. لوڪ گيت
اهڙي شاعري لکي سگهي ٿو، جنهن جو گرفتاري عوامي جيوت جو
گهرو مشاهدو ٿيل هوندو. انهوالي سان، علي گل سانگي
انهي مسلي جهنڊي، اشاڻا لوڪ گيت، ڇڏ ۽ ڪاميابيءَ واري
جو، هو، هن وقت ساڄ جي سونهن سنڌ نا ۽ فطرت جي حسن
جي منهن ۽ ڏاهي ٿو. سندس بلي بناوت ۽ ان آهي، جنهن ڪري
۽ سادي آهي، جيڪا لوڪ گيتن ۽ ڏيڪ ميراث ڏيڻ ۾ آهي.
علي گل سانگي، پنهنجي ديس جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي
شعور رکندڙ هڪ سڃاڻ شاعر آهي. هن جا لوڪ گيت
سنڌي سماج جي ڪلن سکن جي عڪاسي ڪندا. جنهن
هن، انهن گيتن ۾ شادين جي رسمن کي موضوع بڻايو آهي.
آني کي ميڙيندڙ مسڪين ماءُ جي درديلن احساسن
کي به بيان ڪيو آهي. هڪ عوامي شاعر جي حيثيت سان
سانگي، اڄ ۽ ڀڄي مقبوليت ماڻيندڙ آهي ۽ هي لوڪ گيت
کيس، سنڌي ۽ ماڻهن جي ايمان ۽ ڏيڪ ويجهو ونڻ ويندا
هي اهڙي ڪوشش آهي، جيڪو هڪ شاعر کي امڙي ٻولي
ڏانهن ونڻ ويي ٿو. جنهن هن جو آواز، پنهنجي ڌرتيءَ
جي آواز سان هم آهنگ ٿي ويي ٿو.

۽ ادل سومرو

۲۸ نومبر ۹۷ء

ايڈمن: صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوپار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488